سنڌ ۾ مارڪسزم – ليننزم جو پرچارڪ

ٻه ماهي

سماجواد

حيدرآباد

(ڌهين ڪڙي) اپريل / مئي 2013ع

ايڊيٽر

شاهه عنايت

ايڊيٽوريل بورڊ

مشتاق علي شان، بادل سنڌي
شفقت قادري، سڌارت ڪولهي
بخشل ٿلهو، ڪامريڊ آزاد ماڇي
فيض ڪيريو

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ

انور حسين سومرو

قيمت: =/50

لکپڙهه لاءِ ايڊريس

فليٽ نمبر 310- 311 V.I.P اپارٽمينٽ
مين قاسم آباد حيدرآباد
Cell # 03443333888

فهرست

ايڊيٽوريل

ملڪ اندر وڌندڙ مذهبي انتهاپسندي

9 مارچ 2013ع تي پنجاب جي گاديءَ واري هنڌ لاهور جي ڪنهن قدر ڳتيل آباديءَ واري علائقي بادامي باغ ۾ موجود مسيحي برادري جي هڪ ننڍڙي وسنديءَ "سينٽ جوزف ڪالونيءَ" تي لڳ ڀڳ ٽي کان چار هزار مشتعل ماڻهن جي هڪ انبوهه حملو ڪري هڪ چرچ سميت مسيحي برادري جا تقريبن 150 کان 200 گهر ساڙي رک ڪري ڇڏيا. جنهن بعد پنجاب حڪومت کان ويندي وفاقي سرڪار، سپريم ڪورٽ توڙي ٻيا سرڪاري ادارا روايتي انداز ۾ پنهنجي پنهنجي معمول جي ئي ڪارروائي ڪندي نظر آيا. ان واقعي تي وچڻ کان ستت پوءِ وفاقي سرڪار معمول مطابق افسوس جو اظهار ڪندي دهشتگرديءَ سان آخري دم تائين وڙهڻ جو عزم ورجايو. جڏهن ته سپريم ڪورٽ هميشه جيان ان واقعي جو پڻ پاڻمرادو نوٽيس وٺندي ۽ ان واقعي جو سبب سرڪاري غفلت کي قرار ڏيندي وفاقي حڪومت، پنجاب سرڪار توڙي پوليس ڊپارٽمينٽ تي چوهه چنڊيا. ٻئي پاسي پنجاب حڪومت (روايتي انداز ۾) ڪارروائي ڪندي واقعي واري حد جي پوليس عملدارن کي معطل ڪيو ۽ پوليس کي وڳوڙين کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏيندي متاثر خاندان ۾ في گهر 5، 5 لک روپيا ورهائڻ جو اعلان ڪيو. صوبائي سرڪار طرفان "ترت ڪارروائي" جو حڪم ملندي پوليس پنهنجو روايتي ڪردار نڀائيندي ڪجهه گرفتاريون پڻ ڪيون ۽ آخري نتيجي ۾ خطري هيٺ آيل مسلم توڙي غير مسلم برادرين تي ٿيل ٻين انيڪ حملن جيان هي واقعو پڻ هڪ "اعليٰ سطحي جاچ ڪاميٽي" حوالي ٿي چڪو آهي. ٻين سمورن واقعن جي جاچ لاءِ جڙندڙ ڪميٽين جيان هي ڪميٽي ڪهڙا نتيجا ڏيندي اهو طئي ڪرڻ بنهه غير ضروري آهي.

غير مسلم برادرين سان ٿيندڙ اهڙن واقعن جا سبب ۽ نتيجا ڪو هاڻي جي پيداوار ناهن. هي رياست پنهنجي ڳر ۾ ئي سماجي انتشار جي انهن سمورين صورتن جو بنياد آهي. مذهب کي سياسي هٿيار طور استعمال ڪندڙ هن رياست جا راجا هميشه سماجي انتشار جي هڪ نه ٻي صورت کي همٿائيندي سماج جي چيلهه ڀڃي رکندا آيا آهن، پر هن مخصوص وقت تي غير مسلم برادرين توڙي شيعا ڪميونٽي تي ٿيندڙ حملن ۾ اوچتو آيل واڌ جا اسان جي نظر ۾ ٻه بنيادي سبب ٿي سگهن ٿا. هڪ عمومي سبب ته "جرنيلن جي جٽي" جو هر اليڪشني دؤر ۾ جڙندڙ نگران توڙي نين چونڊجي آيل حڪومتن تي اثرانداز ٿيڻ ۽ پنهنجو "حصو پتي" طئي ڪرڻ جو منصوبو آهي. ٻيو اهم سبب 2014 ۾ افغانستان منجهان آمريڪي فوج جي نڪري وڃڻ بعد جڙندڙ امڪاني سياسي وايومنڊل سان لاڳاپيل آهي. نئين سامراجي پاليسي مطابق ٽين دنيا ۾ موجود پاڇيتو رياستن ۾ سڌين فوجي آمريتن جي جاءِ تي هاڻي "اسلامي حڪومتن" لاءِ ماحول تيار ڪيو پيو وڃي، جنهن جو ڪنهن حد تائين عملي اظهار مصر ۽ ليبيا ۾ چونڊجي آيل مذهبي پارٽين جي صورت ۾ اسان جي سامهون آهي. ايندڙ وقت ۾ اهڙي ڪنهن امڪاني صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ هينئر کان ئي مذهب جي ڦوڪٽي ۾ هڪ ڀيرو ڀيهر زور شور سان هوا ڀري پئي وڃي.

بهرحال! مذهبي جنونيت کي هڪ سياسي هٿيار طور استعمال ڪندڙ هن رياست جا راڄ ڌڻي سماج جي اهڙيءَ ريت ٿيندڙ تباهيءَ منجهان ڪهڙا عارضي ۽ دائمي مقصد پورا ڪن ٿا. اهو سوال پنهنجي جاءِ تي تمام اهم ۽ ڌيان طلب آهي. پر هڪ ترقي پسند سياسي ڪارڪن لاءِ

اهو جانچڻ وڏيڪ اهم آهي ته تباهي ۽ برباديءَ جي ور چڙهيل هن سماج ۾ هڪ صحتمند ترقي پسند سياسي تحريڪ جا ڪيترا ۽ ڪهڙا امڪان موجود آهن. ڇاڪاڻ ته اسان سمجهون ٿا ته هن رياست جي عسڪري ڳر سان منهن ڏئي سگهڻ جو صرف ۽ صرف اهو ئي ممڪن طريقو آهي. سماج ۾ هڪ صحتمند ترقي پسند سياست جي اڻاٺ ئي اهو خيال پئدا ڪري ٿي، جنهن ۾ مذهبي انتهاپسندي ڪان ويندي فرقيواريت، فاشزم ۽ نسل پرستيءَ جهڙون بلائون جيئن ٿيون.

معاشي، ثقافتي، قومي توڙي مذهبي ڏاڍ جون سموريون صورتون رياست جي سياست ئي آهن. تنهنڪري رياستي ڏاڍ جي انهن سمورين صورتن جو تدارڪ پڻ سياسي ئي ٿي سگهي ٿو. هڪ اهڙي سياست جيڪا پنهنجي حِض توڙي اظهار ۾ رياست جي سياست جي انهن سمورين صورتن جي نفي هجي.

(نوٽ: سماجواد ڪڙي (10) ڪي ڪجهه مجبورين ۽ ضرورتن سبب هڪ مهينو دير سان توهان آڏو پيش ڪري رهيا آهيون. شماري ۾ هڪ مهينو دير لاءِ پڙهندڙن ڪان معذرت ڪجي ٿي: ادارو)

ڏيهي سياسي صورتحال

رياست جو غير جمهوري ڳر ۽ ترقي پسند جمهوري تحريڪون

شاهه عنايت



(سنڌ يونيورسٽي ۾ هلندڙ تحريڪ سميت رياست جي غير جمهوري ڳر سان جهيڙيندڙ مڙني ترقي پسند جمهوري تحريڪن جي حوالي سان هڪ تنقيدي جائزو)

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ گهٽ وڌ پوڻ ٻن سالن کان جاري ملازمن توڙي استادن جي وائيس چانسلر مخالف تحريڪ پنهنجي سفر ۾ ڪوڙ سارن امڪانن، اميدن، خدشن اُبهامن، تنقيدن، اعتراضن ۽ اختلافن جو ماخذ رهندي آئي آهي. اها تحريڪ توڙي جو هن مهل تائين پنهنجي مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهي آهي، تنهن هوندي به ڏڪ ڪائڻ ۽ مانيٽي ٿي وڃڻ بعد ور ور ڏئي اٿندڙ ان تحريڪ پوين ٽن ڏهاڪن ۾ ملڪ توڙي سنڌ ۾ ترقي پسند تحريڪن جي عدم موجودگي نه به سهي پر گهٽ ۾ گهٽ انتهائي ڪمزور پوزيشن جي ڪارڻ تي ڪيئي سوالن ۽ بحثن کي جنم ضرور ڏنو آهي.

هن سال جي شروعات ۾ ئي (29 جنوري تي) ان تحريڪ جي هڪ پيرو ٻيهر اُڀار (ملازمن پاران پنهنجن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪيل هاٿوڪي احتجاج) تي يونيورسٽي انتظاميه جي آشيرواد سان پوليس پاران ڪيل ڏاڍ ۽ جبر گهٽ ۾ گهٽ ويجهي ماضي ۾ پنهنجي نوعيت جو انوکو مثال آهي. پي-ٽي-سي-ايل ملازمن کان ويندي ليڊي هيلٿ ورڪرن، استادن ۽ ڊاڪٽرن پاران پنهنجي حقن لاءِ هلايل جمهوري تحريڪن سان هن رياست پاران ڪيل جُنون ته شايد ئي ڪنهن سياسي ڪارڪن جي اکين کان اوجهل رهيون هجن، پر يونيورسٽي ملازمن پاران پنهنجي حقن لاءِ هلايل ان جمهوري تحريڪ تي هڪ مقدس تعليم اداري اندر رياستي ڪارندن (پوليس ۽ رينجرس) جي ائين ڪڙڪي پوڻ، ملڪي تاريخ جي هڪ ڪاري باب، بنگال تي فوجي آپريشن جي ياد تازي ڪري ڇڏي آهي.

تعليم ۽ تعليمي ادارن جي سڌاري ۽ واڌاري جو هن رياست جي واڳ ڌڻين کي ڪيترو اونو آهي، اهو ته سنڌن 65 سالن جي تاريخ ۾ وک وک تي نظر ايندو، پر خاص طور تي 1980ع جي ڏهاڪي شروع ٿيڻ سان ئي هن رياست جنهن منظم انداز ۾ تعليمي ادان کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ جو ٺيڪو کنيو آهي، ان سڄي رياستي سيڙپڪاري جو منطقي نتيجو اڄ ملڪ جي مڙني تعليمي ادارن اندر رياست جي غير جمهوري ڳر سان جهيڙيندڙ حقيقي ترقي پسند سياست جي جاءِ تي مذهبي، گروهي، لساني توڙي نسل پرست پارٽين جي صورت ۾ اوسر ڪندڙ دهشتگردي جي روپ ۾ اسان جي سامهون آهي. 1950 ۽ 1960 جي ڏهاڪن ۾ بنگالين پاران هلايل جمهوري تحريڪن ۽ انهن جي نتيجي ۾ جنم وٺندڙ هڪ وڏي عوامي مزاحمت ۾ بنگالي شاگردن ۽ استادن جو ادا ڪيل ترقي پسند ڪردار هن پورهيت دشمن ۽ قوم دشمن رياست جي راڄ ڌڻين جا ڪن، اکيون ۽ دماغ کولڻ لاءِ ڪافي هُيو. 1971ع ۾ لکين بنگالين جو ڪوس ڪرڻ بعد به ان تحريڪ کي مات ڏئي نه سگهندڙ هن رياست جي راڄائن اِهو پلي پٽ ڄاڻي ورتو هو ته سنڌن قوم دشمن، عوام دشمن ۽ غير جمهوري ڳر لاءِ وڏي ۾ وڏو خطرو ترقي پسند قومي جمهوري تحريڪون ئي آهن. اِهو ئي سبب هو جو ايندڙ دؤر ۾ نه صرف اهڙين سمورين تحريڪن کي يا ته اپرڻ سان ئي ڪچليو ويو، يا پوءِ ٻي صورت ۾ الاهي منظم انداز ۾ سماج اندر اهڙين تحريڪن جي اپرڻ جي سمورن امڪانن کي سلسليوار ختم ڪرڻ جون ڪوششون

ڪيون ويون.

ضيائي مارشل لاءِ کان موجوده دؤر تائين ٿي ڏهاڪن جي تاريخ قومي، جمهوري ۽ طبقاتي تحريڪ ۾ لاٿ جو دؤر آهي. بين الاقوامي طور تي ته اڪثر ترقي پسند تحريڪون 1990 ڌاران سوويت يونين جي انهدام سان پنهنجي سياسي، معاشي، عسڪري ۽ نظرياتي حمايت وڃائڻ بعد پڇڻ پُرڻ لڳيون، پر هن ملڪ ۾ اهو عمل سوويت يونين جي انهدام کان به چڱو عرصو اڳ شروع ٿي چُڪو هُيو. جيڪڏهن ڏسجي ته ان دؤر ۾ رياست حقيقي عوام دوست سياست جي لڳ پڳ سمورين صورتن سان نه صرف ٽڪراءُ ۾ هُئي، پر انتهائي منظم انداز ۾ سماج اندر اهڙي سياست جي هر ممڪن امڪان کي سڌي يا اڻ سڌي ريت ختم ڪري رهي هئي. اِهو اُهو دؤر هُيو جنهن ۾ هڪ پاسي ته رياستي سرپرستي ۾ ٿيندڙ "اسلامائيزيشن" جي صورت ۾ سڄي سماج جي تند تند تائين رياست مذهب جي هڪ مخصوص مشڪل "سلافزم" جي صورت ۾ پنهنجو اقتداري فلسفو لاهيندي، مجموعي سماج جي تنقيدي شعور آڏو بند ٻڌي، ڪيس سُندِ ٻڌائڻ جو سلسليوار عمل شروع ڪيو. پر ٻئي پاسي ملڪ جي مڙني قومي اڪائين ۾ رياستي آشيرواد سان فرقيواريت، مذهبي بنياد پرستي، نسل پرستي ۽ فاشزم جهڙيون بلاؤن پالي، مجموعي سماجي تاڃي پيٽي بڪيا اڊيڙي، سڄي سماج کي هڪ اهڙو پيانڪ روپ ڏئي ڇڏيو جو عوام دوست ترقي پسند سياست ڪرڻ ته پري جي ڳالهه پر اهڙي ڪنهن سياست جا هڪ پيرو ڀيهر امڪان پئدا ڪرڻ جو سعيو پڻ ورهين بجاءِ نسلن جي پورهئي جو متقاضي بڻجي ويو.

تعليمي ادارن جي صورتحال پڻ ان سڄي عرصي ۾ ڪا گهٽي مختلف نه رهي هُئي. ٿوري گهٽي فرق سان تعليمي ادارن اندر به رياستي ڏاڍ جي اُها ساڳي ئي صورت هُئي، جيڪا ٻاهر سماج جي سمورن پاسن ۾ پڻ اظهار جي رهي هُئي. رياست پهرئين ڏاکي ۾ ته مڙني تعليمي ادارن اندر هٿيار ڪلچر کي عام ڪندي شاگرد سياست اندر دهشتگردي جي رُجحان جو ٻج ڇٽيو، پر ٻئي پاسي قومي، جمهوري توڙي طبقاتي بنيادن تي سماج ۾ ٿيندڙ ترقي پسند سياست جي رستا روڪ ڪندي، شاگرد سياست کي اهڙي دهشتگردي طرف ڌڪڻ جا مادي بنياد پڻ فراهم ڪيا. ضيائي دؤر شروع ٿيڻ سان ئي رياست هڪ پاسي ته "ڪميونسٽ ڪافرن" خلاف "جهاد في سبيل الله" جي رياستي پاليسيءَ تحت سماج جي ٻين سمورن حصن سان گڏ تعليمي ادارن اندر پڻ جهادي تنظيمن لاءِ راهه هموار ڪئي، پر ٻئي پاسي تعليمي ادارن اندر رائج نصاب جي مٿي ذڪر ڪيل مفادن آهر نئين سِري سان جوڙجڪ ڪرڻ سان گڏوگڏ عوامي راءِ جوڙڻ ۾ تمام اهم ڪردار ادا ڪندڙ ادارن جهڙوڪ ميڊيا کي پڻ پنهنجن مفادن لاءِ استعمال ڪندي گڏيل عوامي نقطه نظر کي رياستي پاليسي سان ٺهڪائڻ جو ڪم شروع ڪيو. اِن ڏس ۾ رهي کُهي ڪَسر ان ئي دؤر ۾ پوري ملڪ ۾ وڇايل مدرسن جي ڄار پوري ڪئي ٿي.

پر جيڪڏهن ٿورو غور ڪجي ته اِهو جهيڙو صرف تعليمي ادارن اندر ئي نه ٿي هليو. رياست هڪ ئي وقت ترقي پسند سياست جي سمورن محاذن جهڙوڪ هاري تحريڪ، مزدورتحريڪ، شاگرد تحريڪ ۽ ناري واد تحريڪ تي تمام شدت سان حملي آور ٿي هُئي. جنهن جي نتيجي ۾ قومي، جمهوري ۽ طبقاتي تحريڪون تمام تيزيءَ سان پنهنجا پير وڃائي رهيون هُيون. اسيءَ (80) جي ڏهاڪي ۾ هڪ طرف ته پنجاب جي معاشي طور پٺتي پيل علائقن ۾ مدرسن جو ڄار وڇائي. "ڪميونسٽ ڪافرن" خلاف جهادين جي فوج تيار ڪري، انهن علائقن ۾ جاري هاري تحريڪن کي ڌڪيو ويو، پر ٻئي پاسي سنڌ جي شهرن ۽ ٻهراڙين جي مخصوص صورت ۾ موجود معاشي تضاد کي نسلي رنگ ڏئي، پنهنجن ڪمدارن جي سهڪار سان هتي فاشسٽ ۽ نسل پرست سياست جا بنياد وڌا ويا. ان عمل سان رياست کي ٻِٽو فائدو ٿي پيو. هڪ طرف ته اهڙي عمل سان رياست لاءِ ڪراچيءَ جهڙي صنعتي شهر ۾ روز بروز زور پڪڙيندڙ مزدور تحريڪ کي ڪچلڻ آسان ٿي

پيو، پر ٻئي پاسي سنڌ ۾ جاري قومپرست تحريڪ کي ”مهاجر دشمني“ جي نالي ۾ نسل پرستي اڀي سنڌس رهيو کُهيو نُور به نچوڙيو ويو. نتيجي طور اِها قومي تحريڪ هارين ۽ نارين، پورهيتن ۽ شاگردن جي مسئلن کان تمام تيزيءَ سان لادعويٰ ٿيندي نسل پرستيءَ جي موتمار رجحان جو شڪار ٿيندي وئي، جنهن جو اظهار 1990ع ڌاري سنڌ جي ڳوناٽي ۽ شهري آباديءَ جي وچ ۾ ٿيندڙ فسادن کان ويندي هيل تائين جاري نسلي بنيادن تي ٿيندڙ پنجابي ۽ پناڻ دشمن سياست جي صورت ۾ اسان جي سامهون آهي. ٻئي پاسي مضبوط ۽ همه گير سياسي تنظيمن ۽ تحريڪن منجهان سگهه ۽ ست حاصل ڪندڙ مٿي ذڪر ڪيل شاگرد، هاري، ناري ۽ پورهيت محاذ پڻ سندن سوالن تي ٿيندڙ سياست جي اٿهوند ڪري ٻوساٽجندا ۽ ڪمزور پوندا ٿي ويا. نتيجي طور سٺ ۽ ستر جي ڏهاڪن ۾ پنهنجي اوج کي ڇُهندڙ ۽ قومي، جمهوري توڙي طبقاتي تحريڪن کي مادي بنياد فراهم ڪندڙ اهي تحريڪون 80 جي پوري ڏهاڪي ۾ ڏڪبيون ۽ هيٺيون ٿيندي نظر آيون.

ترقي پسند عوام دوست سياست جي ان ٻڏندڙ ٻيڙيءَ ۾ آخري سوراخ سڄي دنيا ۾ ترقي پسند تحريڪن جي وارثي ڪندڙ سوويت روس جي ڊهڻ وقت ٿيو. ان سانحي بعد جتي سڄي دنيا ۾ موجود مضبوط ترين انقلابي تنظيمن ۽ تحريڪن لاءِ پنهنجي پيرن تي بيهڻ هڪ مسئلو بڻجي ويو. اُتي ايتري منظم انداز ۾ ٿيندڙ رياستي ڏاڍ ۽ جبر هٿان تباهه ٿيل اهڙن سماجن جي ته ڪا حيثيت ئي نظر نه ٿي آئي. نتيجي طور سوويت رُوس جي ڊهڻ بعد اسان وٽ موجود ترقي پسند تحريڪون پنهنجي سياسي ۽ سماجي حوالن (شاگرد، هاري، ناري ۽ پورهيت تحريڪن) جي ڏڪڻ بعد معذور ۽ مفلوج بڻجي ويون. جنهن ڪري ڪنهن به حقيقي عوامي مزاحمت جي خطري کان آجي هن رياست لاءِ اهو نه صرف ممڪن پر انتهائي آسان بڻجي ويو ته اُها جڏهن چاهي تڏهن هارين، نارين، شاگردن ۽ پورهيتن جي اهڙين خودرو تحريڪن تي پنهنجي ننگي ۽ سفاڪ بربريت سان بي خوف و خطر ڪڙڪي پوي ۽ ڪين پنهنجي ڏاڍ ذريعي ڏاهي پٽ ڪري وجهي.

هن رياست جي غير جمهوري ڳر سان جهيڙيندڙ ترقي پسند جمهوري تحريڪن جي ان سلسليوار تباهيءَ کي جانچڻ بعد ئي اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو ته موجوده دؤر ۾ جاري ننڍين توڙي وڏين جمهوري تحريڪن جو ڪو مناسب تنقيدي جائزو وٺي سگهجي. ڇاڪاڻ ته پنهنجين سمورين خامين توڙي خوبين ۾ اهي تحريڪون بحرحال ان ئي ماضي جو نتيجو ۽ تسلسل آهن. سنڌ يونيورسٽي ۾ پوين به سالن کان جاري ملازمن توڙي استادن جي وائيس چانسلر مخالف تحريڪ سميت ليڊي هيلٿ ورڪرن، پي ٽي سي ايل توڙي ريلوي ملازمن، پنجاب جي نوجوان ڊاڪٽرن، فيصل آباد توڙي ڪراچي جي صنعتي پورهيتن کان ويندي سنڌ ۽ پوري ملڪ ۾ استادن، شاگردن توڙي سماج جي ٻين اڻ ڳڻين پرتن طرفان هلايل سموريون تحريڪون توڙي جو گهٽي پاڳي پنهنجن مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۾ ته ڪامياب نه ٿي سگهيون آهن پر ويتر رياستي ڏاڍ ۽ جبر هيٺان چٿجي ۽ چيچي ويون آهن، تنهن هوندي به بنيادي ڳالهه اِها آهي ته اهي سموريون تحريڪون پنهنجي سفر ۾ رياست جي غير جمهوري ڳر جي هڪ نه ٻي صورت سان جهيڙيندين ۽ ان کي وائکو ڪنديون آيون آهن. سندن اها خاصيت ڀلي سندن مادي ڪوتن يا ڪمزورين جو ڪو تدارڪ نه به ڪندي هجي، تنهن هوندي به سياسي معذورين جي ور چڙهيل هن سماج ۾ ڪين ”ترقي پسند سياست“ جي ضمري ۾ آڻڻ لاءِ ڪافي آهي.

اهڙين تحريڪن تي ٿيندڙ تنقيدن جو هڪ وڏو حصو سياسي رُومان جي شڪار اُن نالي چڙهئي ”دانشور“ لڏي منجهان اچي ٿو، جيڪو ڪنهن سماج ۾ جاري تحريڪن کي ٺوس مادي حالتن جي پيرائي ۾ ڏسڻ بجاءِ مٿن ”انقلاب“ جون ڪي تجريدي وصفون ٿاڦڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ان دانشور لڏي کي انهن تحريڪن تي وڏي ۾ وڏو اعتراض ئي اهو هجي ٿو ته اهي تحريڪون سڌيءَ ريت رياست خلاف ويڙهه وڙهڻ بجاءِ صرف ڪُجهه شخصن سان جهيڙو جوٽين ٿيون ۽ سندن حتمي مقصد

سڄي سماج جي ڪاپاپلٽ بجاءِ ڪي چسيون رعايتون ۽ مراعتون هجن ٿيون. تنهنڪري انقلابي رومانس جي شڪار اهڙن دانشورن لاءِ نندڙن، مخصوص ۽ وقتي مفادن لاءِ هلندڙ اهي تحريڪون اجايون ۽ بي لاپ هجن ٿيون، ڇاڪاڻ ته سندن حتمي تجزئي ۾ انهن تحريڪن جي ڪاميابي يا ناڪامي جو رياست توڙي سماج جي صحت تي ڪو فرق نه ٿو پوي. انقلابي لفاظي جي شڪار انهن سياسي شعبدي بازن لاءِ انقلاب ۽ انقلابي تبديلي جا وڏا ۽ اٿل نعرئ آخري نتيجي ۾ سندن فرار جو سامان ئي هجن ٿا.

هڪ حقيقي ترقي پسند سياسي ڪارڪن کي اهو سمجهڻ ۾ مجڻ ۾ ڪوئي عار نه هجڻ کپي ته نندڙن، مخصوص ۽ وقتي مفادن لاءِ هلندڙ اهي تحريڪون ڪي انقلابي تحريڪون نه آهن. تنهن هوندي به ان سمجهه ۽ اعتراف جو مطلب هرگز اهو نه آهي ته سماجي تبديلي جي عمل ۾ انهن تحريڪن جو ڪوئي ڪردار نه آهي. اهي ننڍڙيون ننڍڙيون تحريڪون اصل ۾ اهي مقداري تبديليون آهن، جيڪي پلي ڪيتريون به وقت وٺندڙ ۽ صبر آزما ڇو نه هجن، تنهن هوندي به ڪنهن معياري تبديليءَ تائين پهچڻ لاءِ اهي مقداري ڏاڪا طئي ڪري وڃڻ ڪانسواءِ ٻي ڪابه واهه ڪانهي. اهڙي سياسي ڪارڪن لاءِ اهو تمام ضروري آهي ته هُو "مُمڪنات" ۽ "خواهشات" ۾ موجود فرق کي سمجهندي سماجي تبديليءَ جي سوال کي ٺوس سماجي حالتن سان جوڙي ڏسي. ٻي صورت ۾ سندس سياسي عمل ۽ تجزيو سندس خواهشن ۽ "انقلابي جذبن" جو ته بهترين اظهار ٿي سگهي ٿو، پر زميني حالتن جي درست ڪٿ تور ۽ ان مطابق صحيح سياسي حڪمت عملي هرگز نه ٿو ٿي سگهي.

هن رياست جي غير جمهوري ڳر سان جهيڙڻ لاءِ سياسي طور معذور ۽ مفلوج بڻيل هن سماج وٽ نندڍن توڙي وڏن، وقتي توڙي دائمي، خصوصي توڙي عمومي محاذن تي هلندڙ سمورين جمهوري تحريڪن تي آڌاريل هڪ همه گير سياسي تحريڪ ڪانسواءِ ٻي ڪا راهه ڪانهي. اها همه گير تحريڪ صرف ۽ صرف اُن صورت ۾ ممڪن آهي جڏهن هارين توڙي نارين، شاگردن توڙي پورهيتن سميت سماجي جي سمورن پرتن کي منظم ڪندي ڪين هڪ پيرو ڀيهر سياسي ڌارا ۾ آڻجي. اهو ڪم صرف ۽ صرف هڪ اهڙي سياسي تنظيم ئي ڪري سگهي ٿي جيڪا سماج جي انهن سمورن پيڙهيل پرتن ۽ سندن سياسي تحريڪن جي وچ ۾ موجود جدلي ڳانڍاپي کي سمجهندي هڪ حقيقي ترقي پسند جمهوري سياست جي روايت قائم ڪري. سماج ۾ موجود انهن سمورن پيڙهيل پرتن جي هڪ همه گير سياسي ڌارا ۾ اهڙي جڙت انهن سمورن محاذن تي جاري ويڙهاند کي سگهه بخشيندي ۽ ڪئي ورهين کان وائڙائپ جو شڪار پڳل ٽٽل سياسي تحريڪن ۾ نئون روح ڦوڪيندي ڪين حقيقي رياست مخالف سياسي ڌارا ۾ گهلي ايندي.

سماجي تباهي ۽ تنزل جي هن گهڙيءَ ۾ "آزادين" ۽ "انقلابن" جا اُپ ڏاريندڙ نعرا هڻندڙ سياسي تنظيمن لاءِ اِهو هڪ ناگزير عمل بڻجي ويو آهي ته هو پنهنجي نظرياتي نرگيست ۽ انقلابي رومانس جي خول مان نڪري سماج لاءِ حواڻن جي حيثيت رکندڙ (۽ بدقسمتيءَ سان اسان جي سماج ۾ گهٽي حد تائين معذور ۽ مفلوج بڻجي ويل) هاري، ناري، شاگرد توڙي پورهيت پرتن ڏانهن موٽ ڪائين ۽ ڪين سياسي طور سگهارو بڻائيندي حقيقي آزادي ۽ انقلاب جي سياست جا بنياد وجهن.

مذهبي انتها پسندي ۽ فرقيواريت

ڪامريڊ فيض ڪيريو



مذهبي انتهاپسندي جي حوالي سان پاڪستان افغانستان کان به وڌيڪ خطرناڪ ملڪ بڻجي چڪو آهي. يحيٰ جي دور کان شروع ٿيندي ضياءَ دور ۾ سوويت روس خلاف جهادي تنظيمون جوڙڻ کان ويندي 11/9کانپوءِ جڙندڙ عالمي صورتحال ۾ تيزي سان پاڪستان جي ڳجهن ۽ طاقتور ادارن مذهبي انتهاپسنديءَ کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو آهي. اڳي ته افغانستان، پختونخواهه، پنجاب ۽ بلوچستان جي پشتون علائقن ۾ رياستي تشخص برقرار رکڻ لاءِ، عام ماڻهن ۾ حڪمران قوتن جي "پاڪستاني قومپرستي" داخل ڪرڻ لاءِ، مذهب کي آزاديءَ سان انتهاپسند شڪل ۾ ڪم ڪندڙ تنظيمن، قبيلن ۽ برادرين ذريعي استعمال ڪيو ويو، پرهاڻ ساڳي نوعيت جي انتهاپسند مذهبي تحريڪ، سنڌ جي سيڪيولر سماج ۾ پير کوڙڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪي آهي. اسان هن رياست جي ٻين ڪيترن ئي ظلمن جو ته شڪار رهندي ۽ مقابلو ڪندي آياسون، پرهاڻ اُهو ڪارو دور آڻڻ لاءِ انتها پسند مذهبي تحريڪون، اسانجي قومي، طبقاتي جدوجهد کي پَٽَ سان لڳائڻ لاءِ چالاڪيءَ سان ڪم ڪن ٿيون.ملڪ ۾ 58 (اٺونجاهه) کان مٿي مذهبي جماعتون رجسٽرڊ آهن ۽ 24 (چوويهه) انتهاپسند، فرقيواراڻيون هٿياربند تنظيمون آهن. تقريبن 225 (ٻه سوپنجويهه) وڏاگروهه عالمي طور دهشتگردي ۾ ملوث آهن ۽ 82 گروهه ملڪ اندر فرقيواراڻي دهشتگرديءَ ۾ ملوث آهن.

گلگت، فاٽا، ڪوئيٽا، ڪراچي، شڪارپور، جيڪب آباد، ٽنڊوآدم ۽ حيدرآباد ۾ اهل تشيع جي نسل ڪشي ڪندڙ رت پياڪ تنظيمن، ڪجهه سالن کان سنڌ ۾ به ڌماڪا، منصوبابند قتل ۽ توهين رسالت جي الزامن ۾، ٻيو مذهب رکندڙ، سماجي ترقي پسند ۽ سيڪيولر ذهنن خلاف جنگ شروع ڪئي آهي. سنڌ ۾ هيءَ جنگ شهرن کانپوءِ ٻهراڙين ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهي رهي آهي، 2010ع ۾ 10 محرم تي ملڪ ۾ ڪٿي به آپگهاتي بم ڌماڪو نه ٿيو پر سنڌ جي هڪ عام ڳوٺ نيپئرآباد ۾ اهڙو هڪ ڌماڪو ڪيو ويو، جنهن ۾ اڳوڻو ايم اين اي ابراهيم جتوئي ذري گهٽ بچي ويو، جيڪب آباد ۾ حسين شاهه قنبر واري تي حملو، شڪارپور ۾ مشهور درگاهه غازي غلام شاهه جي گادي نشين حاجن شاهه ماڙي واري پاران ڪوٺايل هڪ مذهبي تقريب دوران ڪيل بم ڌماڪو جنهن ۾ سائين حاجن شاهه ٽن مريدن سميت پاڻ قتل ٿي ويو. حيدرآباد ۾ بوهرين ۽ ٽنڊوآدم ۾ وحدت المسلمين (تحريڪ جعفريه) سنڌ جي اڳواڻ جو قتل، ڪوئيٽا ۾ بغداد ڪرڻ کانپوءِ، عباس ٽائون ڪراچي ۾ اهل تشيع آبادي وارن علائن ۾ بم ڌماڪا ۽ پنجاب ۾ مسيحي برادري خلاف قيامت برپا ڪندڙ قوتن حڪومت جون وائيون بتال ڪري ڇڏيون آهن..

جيڪڏهن رياستي ايجنسيون ۽ حڪومت چاهي ها ته ڪوئيٽا ۾ هڪ کانپوءِ ٻيو ڌماڪو نه ٿئي ها ۽ ائين 10 (ڏهه) ڏينهن اڳ خبر هئڻ باوجود دهشتگرد ڪراچيءَ ۾ ڪاروائي ڪري ويا. ان مان صاف ظاهر

آهي ته حڪمران ڌر دهشتگردن خلاف ڪاروائي ڪرڻ تي ورهايل آهي. ن ليگ پنجاب ۾ نالي ماتر ڪاروائي ڪئي پر لشڪر جهنگوي ۽ تحريڪ طالبان پاڪستان جا واسطا هن رياست جي راڄ ڌڻين سان ايڏا مظبوط آهن جو اهي ايتري آسانيءَ سان ٽٽڻ ممڪن نه آهن.

انهن ڌرين ۽ مذهبي انتهاپسند جماعتن جو مقصد ”نظريا پاڪستان“ (هي اصطلاح پهريون پيرو جماعت اسلامي جي هڪ ايم اين اي ايوب جي دور۾ استعال ڪيو) مطابق، هن ملڪ کي هلائڻ هو. ان نظرئي مطابق انگريزن کان مذهبي بنيادن تي هن رياست کي آزاد ڪرايو ويو.هيءَ هڪ نج اسلامي قوم آهي ۽ اهڙي قومپرستي کان انڪار ڪندڙ اڳ يا پوءِ ختم ٿيڻ ضروري آهن. ”نظريا پاڪستان“ جي معنيٰ پاڪستان ۾ قيد ڪيل قومن جي مخصوص معاشي، سياسي ثقافتي زندگي کي تنگ ڪري، مصيبتن ۽ فرقيواريت ذريعي حالتن کي اهڙي هنڌ پهچائڻ آهي جو، قومن جا مظلوم طبقا معاشي سياسي آزادي جو حل طالبنائزيشن يا لڳ ڀڳ اهڙي نظرئي کي سمجهن. مطلب ته ان رجعتي نظرئي کي عملي طور لاڳو ڪرائڻ لاءِ مذهبي جماعتون، ڳجها ادارا، جاگيردار ۽ سرمائدار، جن 80ع (اسي) جي ڏهاڪي ۾ زرعي سڌارن ۽ مزدورن جي حقن خلاف، توڙي جو بنگال خلاف مذهبي جماعتن کي استعمال ڪيو. سڀ ڳڌ آهن. هي سڄي پاڪستان کي سوات يا مريدڪي جهڙو بنائڻ چاهين ٿا. ان لاءِ 60 (سٺ) کان مٿي مذهبي جماعتون ۽ 24 (چويهه) هٿياربند تنظيمون ڪم ڪري رهيون آهن.، جن ۾ نمايان طور جمعيت علماءِ اسلام، جماعت اسلامي، لشڪر طيبه، جماعت الدعوا، حرڪت المجاهدين، جيش محمد، تحريڪ نفاذ شريعت محمدي، لشڪر جهنگوي، اهلسنت وجماعت (سپاهه صحابه)، تحريڪ طالبان پاڪستان، حرڪت الجهاد الاسلام، امر با المعروف ونها عن المنڪر، الاخوان، المجاهد العالمي، انصارالاسلام ۽ حقاني گروپ اهم آهن. هنن جو تعلق ديوبند فرقي سان آهي. بريلوي جماعتن پڻ طاقتورادارن جي ايجنڊا تحت هٿياربند تنظيمون ٺاهيون ۽ اڄ ڪين به اهڙن مقصدن لاءِ استعمال ڪن ٿا. اهل تشيع جون به هٿياربند تنظيمون آهن ۽ خاص وقت ۾ طاقتور ڌرين جي لاءِ ”جهاد“ ڪنديون آهن. مسلم ليگ (ن) تي مذهبي تنظيمن جو اثر آهي.



80 جي ڏهاڪي دوران ڊيورنڊ لائين جي ٻنهي طرفن کان انتهاپسنديءَ کي پيدا ڪيو ويو، اسرائيل ۽ ڀارت جون ڳجهيون ايجنسيون جن کي هاڻ ”نظريا پاڪستان“ جو ڪٽر دشمن سمجهيو وڃي ٿو، تن پڻ مبهم ۽ اڻ سڌيءَ ريت مجاهدن ۽ آءِ-ايس-آءِ جي مدد ڪئي. دنيا جي 38 ملڪن مان مذهبي انتهاپسند افغانستان ۾ سوويت يونين خلاف ”جهاد“ تي موڪليا ويا هئا. آمريڪا 1986 تائين ساليانو 60 سٺ ڪروڙ ڊالر رڳو هٿيارن جي مد ۾ آءِ ايس آءِ کي ڏئي رهيو هو. ترقي پسند افغاني حڪومت کي ختم ڪرڻ ڪانپوءِ افغانستان ۾ مجاهدن جي آڙ ۾ جنگجو قبيلن حڪومت ٺاهي ۽ افغانستان جو سماج پوئتي موٽ ڪائيندي قبيلائي فسادن جو ڳڙهه بڻجي

ويو. پاڪستان جي طاقتور ڌرين گهڻي ڪوشش ڪئي ته افغان سردارن کي ٺاهي پنهنجي ايجنڊا تي هلائجي پر جڏهن حالتون هٿان جي پوتارن جي مرضي خلاف ٿيون ته، پ پ جي ٻي دور ۾ جنرل نصيرالله بابر ۽ آمريڪي سفير ڪوئيٽه ۾ قنڌارڪان آيل "مهمانن" سان نئين راند جي منصوبا بندي ڪئي. ٿوري عرصي ڪانپوءِ طالبان "شمالي اتحاد" جي علائقن ڪانسواءِ سڄي افغانستان ۾ ڦهلجڻ لڳا. پاڪستان مان جيڪي دهشتگرد افغانستان ۾ سوويت يونين خلاف جنگ لاءِ موڪليا ويا هئا، سي ترقي پسند افغان حڪومت جي خاتمي ڪانپوءِ اتي رهيا ۽ ٻي منصوبي تحت، افغان ۽ پاڪستان اندر خوني انقلاب آڻڻ لاءِ تياريون شروع ڪري ڏنائون. ايشيا ٽي تجزياتي رپورٽ 2002ع مطابق سپاهه صحابه ۽ لشڪر جهنگوي جا هزارين ڪارڪن آءِ ايس آءِ جي مدد سان ڪابل ۽ جلال آباد طالبان جي مدد لاءِ موڪليا ويا. سيپٽمبر 1996ع ۾ افغانستان ۾ طالبانن جي قبضي ڪانپوءِ هي اُتي رهيا ۽ "شمالي اتحاد "خلاف طالبان جي مدد ڪندا رهيا. هنن ئي هزارا ڪميونٽي جي شيعن کي بيدردي سان قتل ڪيو ۽ افغانستان اندر ايراني سفارتڪار کي به قتل ڪيائون. 1996ع ۾ اُسامه بن لادن جڏهن افغانستان آيو ته ڪيس اڳ ئي موجود عرب پاڪستان ويڙهاڪن جي نيٽ ورڪ جي قيادت ڏني وئي. ماضي ۾ نواز شريف حڪومت مجاهدن لاءِ ڪابل جو رستو ٺاهيو، نواز شريف پشاور ۾ ڊاڪٽر نجيب خلاف عبوري حڪومت ٺهرائي، صبغت الله مجددي جي صدر ٿيڻ شرط ئي هي شريف ماڻهو ڪابل پهتو، ڪابل ايئرپورٽ تي، اسلامي حڪومت جي قيام جي خوشي ۾ نفل ادا ڪيائين ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي اعلان ڪيائين ته مجاهد ڪابل جي فتح ڪانپوءِ ڪشمير ۽ فلسطين کي به آزاد ڪرائيندا...!

11/9 جي واقعن ڪانپوءِ آمريڪا جنگ ذريعي انتهاپسنديءَ کي ختم ڪرڻ بجاءِ وڌيڪ سگهاري ڪرڻ جا جواز مهيا ڪيا آهن. سامراج دراصل "جنگي ڪاروبار" جاري رکڻ چاهي ٿو. سماج جي رجعتي دور مان نڪري جديد سماج جي ڏاڪي تي پهچڻ سان، تضاد سڌي طرح معاشي ڦرلٽ ڪندڙ حاڪمن ۽ مظلومن جي صورت ۾ واضح ٿيندا. اچ ان ڦرلٽ کي جديد سياسي شڪل ۾ اظهارڻ نه سامراج جي فائدي ۾ آهي نه ئي رياست جي سگهارين ڌرين جي مفاد ۾. اهوئي سبب آهي جو 90ع ڪانپوءِ رياست جي سگهارين ڌرين رجعت پسند قوتن کي سگهارو ڪيو ۽ اڄ به پاڪستان جي "بقا" ان ۾ سمجهن ٿا.

هن رياست ۾ مذهبي انتهاپسند تنظيمن جي اثررسوخ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته محترمه شهيد بينظير ڀٽو کي ڪافر ۽ پاڪستان دشمن قرار ڏئي قتل ڪيو وڃي ٿو، پنجاب جو گورنر سلمان تاثير ڏينهن ڏٺي،پنهنجي گارڊ هٿان قتل ٿي وڃي ٿو ۽ سندس پٽ کي اغوا ڪيو وڃي ٿو تنهن هوندي نه انهن اشوز کي ميڊيا ۾ به ڪا مناسب جاءِ نه آهي. وفاقي وزير شهباز ڀٽي، بشير بلور قتل ڪيا ويا. ٻئي طرف انتهاپسند تنظيمن جو عالمي اڳواڻ اسامه ڪيترن سالن کان ڳجهن ادارن جي ڪڇ ۾ محفوظ رهيو ۽ القائده جي ٽاپ ليڊرشپ، خالد شيخ محمد، ابوزبيده ابو خلفان وغيره کي پڻ پنڊي، فيصل آباد ۽ گجرات مان گرفتار ڪيو ويو. ابو خلفان کي گجرات مان جماعت اسلامي عورت ونگ جي اڳواڻ وٽان گرفتار ڪيو ويو. (چڪوال ۾ اويسيه سلسلي جي ماڻهن جي گهڻائي آهي، ملان اڪرم ان سلسلي سان تعلق هجڻ ڪري فوج اندر ڪافي اثر رکي ٿو)مولانا اڪرم اعوان جي تنظيم الاخوان

پاڪستان رياست تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪري چڪي آهي. 1995ع ۾ پ پ حڪومت جو تختو ڪيرائڻ جي سازش ۾ بريگيڊئر مستنصرباالله ۽ ميجر جنرل ظهير عباس سان گڏ اڪرم اعوان به شامل هو. 2000ع ۾ مولانه اڪرم حڪومت کي تاريخ ڏني ته 24 ڊسمبر تائين پاڪستان ۾ شريعت نافذ ڪئي وڃي نه ته ٻي صورت ۾ لکين ماڻهو اسلام آباد جو گهيراءُ ڪندا، ڪورڪمانڊر راولپنڊي جي درخواست تي هن 7 مارچ 2001ع تائين تاريخ وڌائي. تنهن وقت مذهبي معاملن جي وفاقي وزير محمود احمد غازي جي سربراهي ۾ ڪميٽي مناره پهتي، مولانه ڏاهه ڪيو ۽ پرويز مشرف جي منظوري سان ملڪ ۾ شرعي نظام نافذ ڪرڻ لاءِ بنيادي نقطا طئي ڪرڻ لاءِ ڪميٽي ٺهي ۽ گهيراءُ ختم ٿيو. پاڪستان ۾ هڪ طرف بلوچ قومي آزادي جي تحريڪ آهي، جنهن کي ڪچلڻ لاءِ اڄ تائين بلوچن جا ڳوٺن جا ڳوٺ ڏماڪن سان تباهه ڪيا وڃن ٿا. ٻر ٻئي طرف سندن ئي پاليل مولوين جي ننڍي احتجاج اڳيان، جي حضور ڪندڙ طاقتور ڏريون هن رياست جي شڪل هڪ پاسي بيهارن ٿيون.19 ڊسمبر 1990ع تي ايراني سفارتڪار صادق گنجي کي قتل ڪندڙ سپاهه صحابه جي اڳواڻ رياض بصراڪي قتل جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو، اهڙو دهشتگرد جيڪو سوين مقدمن ۾ گهربل هجي اهو لاهور جي مقامي عدالت مان فرار ڪئين ٿيو.؟ ان ڪري ته، ان وقت ميان منظور احمد وٽو وزير اعليٰ پنجاب هو ۽ سندس ڪابينا ۾ سپاهه صحابه جا اڳواڻ موجود هئا...؟ بلوچستان ۽ سنڌ جي قومي آزادي جي ڪارڪنن جا چچريل لاش ته اڇلايو ٿا ٻر رياض بصرا، ملڪ اسحاق، احمد لڌيانوي، حافظ سعيد، مولانه مسعود اظهر ۽ ٻيا، جن تي ٿي ٿي سو قتل جا مقدما، فسادن، فرقيوارانٽي قتلام جا الزام آهن، سي هر قانوني گرفت کان ڇو آزاد آهن!؟



پاڪستان ۾ فرقيواريت جو بنياد ضياءَ جي دور ۽ ايران ۾ اسلامي انقلاب (1979) کانپوءِ مظبوط ٿيو. فوجي جرنلن ۽ سويت يونين دشمن قوتن حڪومتي نظام کي "شريعت" ۽ جي آڙ ۾استعمال ڪيو، اها رياست جنهنجو تشخص ئي بحران ۾ هو، ان کي ڇڻ هڪ نئون تشخص ملي ويو. ضياءَ تعليمي نظام، قانوني نظام مطلب ته پوري طرح ملائيت کي يوريا ڏنو. پاراچنار کان افغانستان ۾ مجاهد، هٿيار ۽ ٻيو سامان موڪلڻ لاءِطوري قبيلي(اهل تشيع سان تعلق رکندڙ) جي ماڻهن جڏهن سني مجاهدن سان تعاون نه ڪيو ته ضياءَ انهن کي ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو، ايران جي شيعا حڪومت جو پاڪستان ۾ اثر رسوخ روڪڻ لاءِ عراق، ڪويت ۽ سعودي عرب ضياءَ جي ذريعي مذهبي جماعتن کي هٿيار ۽ پئسو ڏنو. ضياءَ ذري گهٽ اهل تشيع فرقي کي اسلام مان خارج ٿي ڪيو. ديوبندين کي طاقتور بنائڻ جي ايجنڊا تحت ضياء شيعن خلاف پرتشدد ڪارواين کي تيز ڪيو ته ردعمل ۾اهل تشيع به پنهنجيون هٿياربند تنظيمون جوڙيون، جن ۾ حيدري طالبان، سپاهه محمد ۽ اماميه اسٽوڊنٽ آرگنائزيشن آهن. ديوبند فرقي جي اڪثريت هئڻ، رياستي ادارن ۾ اثر رسوخ هئڻ ۽ سامراجي قوتن جيڪي ايران جي خلاف آهن، جي مدد سبب اهي دهشتگرد گروهه

گهٽي طاقت رکن ٿا. فرقيواريت سبب 2012ع ۾ 507 ڄڻا قتل ٿيا هئا.، تازو ڪوئيٽا ۾ ٿيل هزاره ڪميونٽي جي شيعن تي بم ڌماڪا ڪيا ويا جنهن ۾ 200 (ٻه سئو) کان مٿي قتل ٿي ويا. گلگت ۾ شيعن جي علائقي ۾ سني ديوبند داخل نٿو ٿي سگهي ۽ سني ديوبندين جي علائقي شيعو داخل نٿو ٿي سگهي. ملڪ ۾ سڀ کان وڌيڪ فرقيواريت هن علائقي ۾ آهي. شيعن جو قتلام ڪندڙ تنظيم لشڪر جهنگوي جو بنياد رياض بصرا وڌو، بصرا حق نواز جهنگوي جي قتل ٿيڻ کانپوءِ سپاهه صحابه کان ڪجهه اختلافن تي الڳ ٿيو ۽ جهنگوي جي نالي پنيان، اهل تشيع جي ماڻهن کي قتل ڪرڻ ۽ رياست تي قبضي لاءِ لشڪر جهنگوي ٺاهي. لشڪر جهنگوي، تحريڪ طالبان پاڪستان، سپاهه صحابه (اهلسنت وجماعت) ۽ جيش محمد جا دهشتگرد گڏجي ڪاروايون ڪن ٿا. لشڪر جهنگوي مئي 2002ع ۾ 11 (يارنهن) فرانسين کي قتل ڪرڻ، سرلينڪا جي ٽيم تي حملي، ڪابل، ڪوئيٽا، ڪراچي، گلگت ۽ ٻين علائقن ۾ شيعن کي قتل ڪرڻ ۾ ملوث رهي آهي. پاڪستان حڪومت مطابق محترمه بينظير ڀٽو کي قتل ڪرڻ ۾ تحريڪ طالبان پاڪستان ۽ لشڪر جهنگوي ملوث آهن. بهاولپور، رحيم يارخان ۽ بهاولنگر ۾ هن تنظيم جو وڏو اثر رسوخ موجود آهي. پنجاب خاص طور ڏکڻ پنجاب ۾ (ن) ليگ کي لشڪر جهنگوي ۽ سپاهه صحابه ئي اسيمبلين ۾ چونڊرائي سگهنديون آهن سپاهه صحابه جو آزاد اميدوار هتان کٽي ايندو آهي. بکر مان بنا مقابلي کٽي ايندڙ وزير اعليٰ پنجاب کي لشڪر جهنگوي جي اڳواڻ ملڪ اسحاق جي ئي حمايت حاصل هئي. سپاهه صحابه جو باني حق نواز جهنگوي جمعيت علماءِ اسلام جو وائس چيئرمين رهيو هو.ڏکڻ پنجاب مذهبي انتهاپسند دهشتگرد تنظيمن جو ڳڙهه آهي.

ڊيرا غازي خان رستي دهشتگرد پختوانخواهه، فاٽا، کان پنجاب ۽ سنڌ آسانيءَ سان عسڪري سرگرميون ڪن ٿا، جيڪب آباد ۽ شڪارپور ۾ داخل ٿيڻ جو گس ڊيرا غازي خان کان آهي.



لشڪر جهنگوي جو بدنام زمانه اڳواڻ ملڪ

چا سنڌ جي ڪنهن ڳوٺ يا پاڙي ۾ طالبانن شريعت نافذ ڪئي آهي؟ جواب آهي، ها، ڪراچي جي سهراب ڳوٺ، اتحاد ٽائون ۽ سلطان آباد ۾ جتي طالبانن جون ڪورٽون ۽ قانون غالب آهن. شڪارپور، جيڪب آباد هالا، ٺٽو، بدين، ميرپورخاص، نواب شاهه، ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ هنن جو نيٽ ورڪ ديني تعليم جي آڙ ۾ قائم آهي. ڪراچيءَ اندر 143 هٿياربند گروهه طالبان لاءِ ڪم ڪن ٿا. هيءُ خطرناڪ صورتحال رياست جي هڪڙي شڪل آهي. سنڌ جو تاريخي، ثقافتي، معاشي ۽ سياسي ڪردار هن زهر خلاف مزاحمت ڪندو آيو آهي، اها ماضي جي پوڪيل پوک ۽ صوفي بزرگن جي تحريڪ آهي جيڪا هن زهر خلاف مزاحمت ڪري ٿي، پر هاڻ شايد مزاحمت جي وڌيڪ سگهه نه رهي آهي. ڇو ته، سياسي تحريڪن ۾ ترقي پسند سوچ ڪمزور آهي. جيڪڏهن قومي، جمهوري ۽ طبقاتي ترقي پسند ڌريون، ترقي پسند سوچ بجاءِ لبرل، رجعتي

جاگيردارڻن رجحانن ۽ پيٽي بورجوا نفسيات ۾ مبتلا رهيون ته ازخود مذهبي انتهاپسندي لاءِ جاءِ ٺهندي ۽ ٺهي به آهي.

پاڪستان، قومن کي خودمختيار ۽ آزاد حيثيت ڏيڻ لاءِ نه پر سامراجي قوتن ۽ هتان جي جاگيردارن، ڪامورن ۽ ڪرائي جي فوجي ٽولي جي مفادن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ ٺاهيو ويو هو. مذهبي بنياد تي، زبردستي قائم ڪيل هن رياست جو ابتدائي مقصد قومن جي معاشي سڌارن کي روڪي ڪين سماجي طور پٺتي پيل رجعتي سماج ۾ ڦاسائي رکڻ هو. 80 جي ڏهاڪي ۾ جهاد جي آڙ ۾ نئون ڏنڊو ڪوليو ويو ته جيئن مذهبي بنياد پرستي کي رياستي مددذريعي سماج ۾ داخل ڪجي. ان ذريعي حڪمرانن رياست جي سڃاڻپ جو بحران ختم ڪرڻ ۽ ساڳي وقت عليحدگي جي تحريڪن ۽ جمهوري تحريڪن کي اسلام دشمن ڪوئي ڪچلڻ جو پروگرام جوڙيو. پاڪستان جي اڪثر دانشورن، ميڊيا ئي حرفتبازن ۽ سياستدانن جي خيال ۾ رياست جي سلامتي کي اسلام دشمن قوتن کان خطرو آهي ۽ عليحدگي لاءِ جدوجهد ڪندڙ، سيڪيولر ۽ ترقي پسند، ملڪ دشمنن جي ويجهو آهن. (مثال، رياستي آئين ۽ قانون جي انڪاري ملان صوفي محمد کي سوات ۾ شريعت لاڳو ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي پر بلوچستان جي اڪبر بگٽي کي قتل ڪيو ويو). ان سوچ کي جيڪڏهن موجوده حالتن سان جوڙي ڏسجي ته، مذهبي جماعتون 2014ع ۾ آمريڪا جي بدلجندڙ پاليسي جي حوالي سان رياست جو اهو تشخص بچائڻ ڏانهن تيز ٿيون آهن.

جمعيت علماءِ اسلام طرفان سڏايل آل پارٽيز ڪانفرنس جو مقصد طالبان کي آمريڪا جي نڪرڻ تائين مفاهمتي پاليسي اختيار ڪرڻ جي صلاح ڏيڻ ئي هو، جو ته بنياد پرست قوتن کي ان ڳالهه جو به خدشو آهي ته، آمريڪا ڪٽي افغانستان کي ٻن حصن ۾ ورهائي، پاڪستان لاءِ حالتون وڌيڪ خراب نه ڪري جيڪڏهن آمريڪا افغانستان کي طالبان ۽ آءِ – ايس – آءِ جي حوالي ڪرڻ نٿو چاهي ته پوءِ سندس وٽ ٻيو ڪهڙو رستو ٿي سگهي ٿو، سواءِ ملڪ ٽوڙڻ جي ؟ آمريڪا طالبان سان اتحاد ڪري ڏکڻ ايشيا ۾ پنهنجي ڦرلٽ بچائي نٿو سگهي، جيڪڏهن افغانستان ۾ طالبان کي ڍر ٿو ڏئي ۽ ايئن پاڪستان اندر به ٿئي ٿو ته پوءِ هي پاليسي ٿوري وقت کانپوءِ بدتر حالتن کي پيدا ڪري سگهي ٿي.

موجوده صورتحال ۾ رياست جي سياست جن مسئلن جو شڪار آهي ان مان نڪرڻ لاءِ حڪمران قوتن جي هڪ ڌر وٽ مذهبي بنياد پرستي جو هٿيار آهي ته ٻي ڌر وٽ سرمائيداراڻي جمهوريت – پهرين قوت تيزي سان هر رخ کان وڌي رهي آهي ۽ مذهبي انتها پسندي ۽ فرقيواريت ان جو اظهار آهي. هي ئي اُها سوچ آهي جيڪا رياستي بقا جي فيصلاڪن جنگ ڪري رهي آهي، جنهن جي آڌو ٻيو مذهب رکندڙ، ترقي پسند ڌريون ۽ پاڪستان کي هڪ قوم تسليم نه ڪندڙ " ناپاڪ" آهن.

پاڪستان جو قيام فرقيواراڻي سياست جي ذريعي ئي ٿيو. انگريز سامراج هندو مسلم فرق کي سڀني مسئلن جي جڙ بنائڻ ۽ ان تي سياست قائم ڪرڻ ۾، جناح جهڙي موقع پرست کي استعمال ڪيو. حڪومتي نظام ۾ شريعت کي داخل ڪرڻ ۽ جهموريت کي ان خلاف سمجهڻ جو فڪر جناح پاڻ قائم ڪيو. جناح ۽ ان جي ٽولي جو مقصد هو ته، ڪنهن به طرح سان قومن جي جديد ارتقا ڏانهن سياسي ۽ سماجي ترقي کي روڪجي ۽ تيرنهن سو سال اڳ جي پراڻي شعور ۾ ساهه وجهي قومي، طبقاتي ڦرلٽ کي بدستور قائم رکجي. جناح

25 جنوري 1948ع تي ڪراچي بار ايسوسيئيشن ڪي ڪيل خطاب ۾ چيو ته، ''مان انهن ماڻهن جي ڳالهه نٿو سمجهي سگهان، جيڪي ڄاڻي واڻي ۽ ڏسي وائسي، شرارت وچان، غلط پرچار ڪندي، چئي رهيا آهن ته پاڪستان جودستور اسلامي شريعت جي بنياد تي نه بڻايو ويندو.'' هن اقتباس مان وڏي حد تائين تائين واضح آهي ته جناح ۽ ان جي ٽولي لاءِ جمهوريت، سيڪيولرزم۽ سماجي برابري جا جديد نظريه ڪا وڏي اهميت نه پيا رکن.

مذهبي انتها پسندي لازمي نتيجو آهي ان فرقيواريت جو جنهن کي سامراج ۽ جناح جي مسلم ليگ ڇڏيو ۽ يحيٰ، ايوب، ضياء کان ويندي مشرف ۽ اڄ تائين اقتداري قوتون پالي رهيون آهين. مظلوم قومن جي ترقي، سک ۽ سلامتي کي روڪي، ملڪ کي مذهبي جماعتن ذريعي ڪوڙي قومپرستي جي ڌپڻ ۾ ڦاسائڻ جو فلسفو، سماج کي سگهه ڏيڻ بدران سڪرات ڏانهن وٺي ويندو. فرقيواريت جو انجام سماج جي تباهڪاري آهي. مذهبي فرقيواريت ۽ حڪمران قوتن جي انتها پسند تحريڪ کي سامراجي ذريون ختم نه ٿيون ڪرڻ چاهين. ڇوته انهيءَ جون پيدا ڪار به اهي پاڻ آهن. سامراجي حڪومتن، پڻتي پيل علائقن جي معاشي سياسي ترقيءَ جا گس سوڙها ڪري ڇڏيا آهن. اِنهي ڪري طبقاتي تضاد کي مذهبي تنظيمون پنهنجي فائدي ۾ استعال ڪن ٿيون. جيڪڏهن قومون آزاد رياستن جي صورت ۾ هجن ها، ته مذهبي انتها پسندي جو پير به کپي نه سگهي ها. پاڪستان ۾ سامراجي مفادن جو ٽڪراءُ جيڪو هر روز ظاهر ٿئي ٿو، رياست کي تاريخ جي ان سچ ڏانهن پيهر وٺي وڃي سگهي ٿو، جتي جناح اينڊ ڪمپني جو فلسفو غلط آهي.

عالمي سياسي صورتحال

مرڻا اڳي جي مئا!

شفقت قادري



ٽين دنيا جي معدني وسيلن سان مالامال ملڪن جي اوتروئي غريب سماجن اندر اهو ڪو نئون يا پهريون لقاءُ نا هي جو صدين جي ڦرلٽ ۽ دماغ مائوف ڪندڙ اٿهوند ماٺهن پاران نئين بيٺڪي رياست ۽ ان جي موجد عالمي سامراجي نظامن خلاف پاڻ-بچاءُ جون ڪوششون (ڪامياب ۽ ناڪام، بئي) ڪيون هجن. اهڙن ملڪن اندر جڏهن عوامي لاوو اپڙڻ شروع ڪندو آهي ته عوام پاران رياست ڪان پاڻ کي بچائڻ توڙي نئين عوام دوست ، وطن دوست رياست اڏڻ لاءِ سياسي، سماجي تحريڪون اپرنديون آهن. اهڙيون عوامي تحريڪون عوام پاران استحصالي رياست جي خلاف وڏي ۾ وڏو مزاحمتي هٿيار هونديون آهن.

ٻئين مهاڀاري لڙائيءَ ڪانپوءِ اهڙي قسم جي پهرين عوامي مزاحمتي تحريڪ ايران ۾ جنم ورتو ۽ ڊاڪٽر مصدق جي شڪل ۾ ٽئين دنيا اندر اهڙو اڳواڻ ظاهر ٿيو جنهن سامراجي قبضي هيٺ آيل ملڪي معدني وسيلن تان سامراجي قبضو ڇڏايو. اها تحريڪ بظاهر ته ناڪام ٿي جو ڪجهه ئي عرصي ڪانپوءِ سامراج ۽ سندس لوڪل گماشتن (فوج ۽ سرمائيدار) ان ايراني تحريڪ کي ختم ڪري شهنشاهيت کي واپس نافذ ڪيو.

هتي انهن تحريڪن جو ذڪر نٿو ڪجي جيڪي ڪميونسٽ (مائو وادي، گوريلا انقلابي)هيون، پر انهن تحريڪن جو ذڪر ڪجي ٿو جيڪي جهموري، آئيني، پارلياماني طريقن سان اقتدار تائين رسيون. اهڙي ئي قسم جي تحريڪ جو هڪ وڏو مثال چليءَ جي سلواڊور آلندي جي تحريڪ به آهي جنهن پڻ سامراجي قبضي هيٺ آيل ملڪي ملڪيت کي قوميائيو ۽ ان جو لاڀ عوام تائين رسائڻ جي ڪوشش ڪئي. آلندي جي ان ڪوشش جو نتيجو عوامي سطح تي ته شاندار نڪتو پر سامراج ۽ سندس گماشتي فوج، لوڪل سرمائيدار کي اها تحريڪ سندن 'تابوت' جهڙي ٿي لڳي. انهن عوام وروڌي عنصرن چليءَ اندر اهو ئي ڪم ڪرايو جيڪو ايران اندر ٿيو . اقتدار تي آمر کي ويهاريائون ته جيئن هو ڏاڍ ڪندي، عوام منجهان سماجي تبديليءَ جو خواب ختم ڪري. ارجنٽينا، برازيل، مئڪسيڪو، سميت دنيا جا ڪيترائي ملڪ اهڙا آهن جن ۾ اهڙيون سماجي تحريڪون اڀريون ۽ اقتدار تائين رسيون پر سامراجي حملي جي آڏو جٽاءُ نه ڪري سگهيون

هڪ ٻئي اهم ڳالهه به نظر ۾ رکجي ته يورپ اندر سماجي جهموريت جو نعرو هٽندڙن ان نعري کي پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ پنهنجن پنهجن ملڪن جي سرمائيدار سان سماجي ناهه ڪندي هنيو جو پهرين مهاڀاري لڙائيءَ وقت يورپ جي پورهيت طبقي کي سرمايدار طبقي جي جنگ ۾ جوٽڻ لاءِ اتان جي پورهيت اڳواڻن ۽ بورجوازيءَ ۾ 'ڪجهه ڏيو. ڪجهه وٺو!' جي بنياد تي اتفاق ٿيو (ان امر کي جدليات ۾ اڌوراٽي نفي يا پارشل نيگيشن چيو ويندو آهي جنهن ۾ بمقابل طبقا پنهنجي پنهنجي بيهڪ ۾ ٿوري تبديلي

آٽيندا آهن پر ان سان حڪمران طبقي جو حق حڪمراني جيئن جو تيئن رهندو آهي). سماجي جهموريت جو اهو نعرو پورهيت انقلاب سان غداري ۽ سرمايدار، سامراج سان مفاهمت هئي. پر ٽين دنيا اندر سماجي/ عوامي جهموريت سامراج ۽ ان جي لوڪل گماشتي فوج سان جهيڙاند جو نالو آهي.

دنيا ڏٺو ته جتي ٻين ملڪن اندر سماجي، عوامي جهموريت جو اهو پراجيڪٽ لڳاتار ناڪام ٿيندو پئي ويو (جنهن جو مکيه سبب اهو هو ته انهن ملڪن اندر فوج، جيڪا حڪمران طبقي جو سڀ کان مظبوط هٿيار ٿيندي آهي، تنهن جي ڊسپلين کي هٿ نه لاتو ويو هو. فوج جي پراڻي ڊسپلين کي نه ٽوڙڻ جو مطلب اهو ٿيو ته حڪمران طبقي وٽ سندس سڀ کان وڏيڪ خطرناڪ هٿيار جيئن جو تيئن موجود هجي ۽ جنهن کي هو موقعو ڏسي استعمال ڪري سگهن). وينزويلا ۾ ان جي ابتڙ ٿيو. جيتوڻيڪ ڪامريڊ شاويز فوج تي سڌو وار ته نه ڪيو پر 2002 جي سياسي بحران فوج جو پراڻو ڊسپلين گهٽيءَ حد تائين ٽوڙي رکيو. 2002 جي چونڊن ۾ ٻيون پيرو سوپارو ٿيڻ تي آمريڪا بهادر ۽ وينزويلا جي لوڪل سرمائيدار (جنهن ۾



ميڊيا به شامل هئي) آمريڪي ڊالرن (اين.اي ڊي نالي اين جي او ان جي پويان هئي) جي مدد سان فوجي جنرلن هوگو شاويز کي اقتدار تان هٽائي ڇڏيو. پر ٻئي ڏينهن عوام جي اٿليل سمنڊ جڏهن فوجي هيڊڪوارٽر جو رخ ڪيو ته وينزويلا جي هيٺين ڪيڊر جي فوجين عوامي مزاحمت جو ساٿ ڏيندي پنهنجن ئي جنرلن کي گرفتار ڪيو. اهو بنيادي سبب آهي جنهن جي ڪري وينزويلا اندر جهموري طريقي سان بنيادي تبديلين جي شروعات ٿي.

وينزويلا جي ڪميونسٽ پارٽي پڻ ان سموري عمل ۾ ڪامريڊ شاويز سان گڏ هئي (نظرياتي اختلافن جي باوجود) ۽ اڄ به ڪميونسٽ پارٽي وينزويلا جي نائب صدر (جيڪو اڳ ۾ بس جو ڊرائيور هو) سان گڏ آهي.

ٽيئن دنيا جتي جهموريت جون پاڙون عوام ۾ ناهن ڪتل، جتي جهموريت جو ٻيو نالو عوامي ملڪيت تي عوامي انداز ۾ هٿ صاف ڪرڻ آهي، انهن ملڪن اندر بنيادي تبدلين جو عمل تمام گهڻو پيچيدو ٿيندو آهي. جنهن ملڪ ۾ طبقاتي تضاد، نسلي تضاد، جاگيرداري تضاد ۽ مٿان وري سامراج جو قبضو هجي، سماج اندر ڪا اهڙي طاقتور ڌر (انقلابي پارٽي) موجود نه هجي ، يا ڪمزور هجي، ته انهن سماجن اندر ننڍيون ننڍيون بنيادي تبديليون ئي انقلابي تبديليءَ جي شڪل وٺنديون آهن. مثال طور جيڪڏهن هوگو شاويز جي اليڪشني سوپ کي يرغمال نه ڪيو وڃي ها ته وينزويلا جي فوجي ڊسپلين ۾ ڪا ٽوڙ ڦوڙ نه ٿئي ها ۽ نه ئي اها تحريڪ سامراجي حملي آڏو بيهي سگهي ها.

مطلب ته ٽين دنيا جي فوج جي جهموري فوج ٿيڻ جي شروعات پڻ سماج جي هڪ وڏي ڪاميابي ثابت ٿي آهي.

ڪامريڊ شاويز جي وفات تي

ڪيترائي تجزيا موجود آهن. ملڪي حالتون کهڙي طرف وينديون ان باري ۾ ڪا سولي اڳڪٿي نٿي ڪري سگهجي ڇاڪاڻ ته جن عملن جي شروعات ڪامريڊ ڪئي هئي انهن منجهان ڪجهه ته آئيني تحفظ هيٺ اچي چڪا آهن. 55/44 جي بنياد تي ورهايل سماج جا تضاد ڪنهن طرف ويندا ان جي باري ۾ تڪڙي اڳڪٿي نٿي ڪري سگهجي.

وينزويلا جي سماج جي مستقبل جو آڌار 2014 جي اليڪشن تي آهي. ڪامريڊ شاويز جي پارٽي پهريون پيرو ڪامريڊ ڪانسواءِ اليڪشن ۾ ويندي. وينزويلا جي پوين 20 سالن جي سماجي حاصلاتن جو دارو مدار ان انتهائي اهم موڙ تي پهتو آهي. شاويز ڪانپوءِ يا ته ان سماجي تبديليءَ جي پاڙ اڃا پختي ڪئي ويندي يا 44 سيڪڙو شاويز مخالف، سامراج، سرمائيدار نواز قوتون وري وينزويلا کي ٽين دنيا جو وساريل ملڪ بڻائي ڇڏينديون.



سماجي حاصلاتن جي پاڙ پڪي ڪرڻ خاطر انقلابي تحريڪ کي پنهنجي ميمبر سازيءَ کان ويندي پنهنجي ڪيڊر جي ذهني، نظرياتي بيهڪ تي نئين سر سوچڻو آهي.

ہوگو شاویز ،ایک عظیم سامراج مخالف اور عوام دوست راہنما کی جدائی

مشتاق علی شان

شاویز کی جدائی

5مارچ کو وینزویلا کے صدر ہوگو شاویز 58سال کی عمر میں وفات پا گئے۔ ہوگو شاویز کچھ عرصے سے کینسر کے عارضے میں مبتلا تھے اور انکا کیوبا میں متعدد بار علاج بھی ہوا تھا ۔ ان کی بیماری کے خبروں سے دنیا بھر کے انقلابی، ترقی پسند،عوام دوست ،مزدور دوست اور سامراج مخالف حلقوں میں تشویش پائی جاتی تھی ۔لیکن شاویز کی بے وقت جدائی کی خبر سننے کے لیے کوئی بھی تیار نہیں تھا ۔معروف انقلابی طریقوں کے برعکس پارلیمانی ذرائع سے اقتدار میں آنے والے شاویز گذشتہ 14سال سے امریکی سامراج اور اسکے مقامی گماشتوں کا ہمت وبہادری سے مقابلہ کر رہے تھے ۔انھوں نے اقتدار میں آکر IMF اور ملٹی نیشنل کمپنیوں سمیت سامراجی اجارہ داروں کو لگام دی اور وینزویلا کی تیل کی صنعت سے ہونے والی آمدنی کو صدیوں سے کچلے ہوئے محنت کش عوام کی فلاح وبہبود پر خرچ کرنے کے اقدامات کیے۔ سامرجی اجارہ داروں بالخصوص امریکی سامراج کے نزدیک ان کا ایک جرم اپنے وطن کے وسائل کا خود مالک ومختار بننا تھا تو دوسری جانب سوشلسٹ کیوبا سمیت دنیا بھر کے سامراج دشمن ممالک سے انکے پرجوش برادرانہ تعلقات تھے ۔ غربت کے خاتمے کے لیے غریبوں کی حکومت کے حامی شاویز اس رجعتی اور ردِ انقلابی دور میں انقلاب اور تبدیلی کی علامت تھے۔ یہی وجہ ہے کہ ان کی وفات پر وینزویلا سے لیکر کیوبا،ارجنٹائنا،بولیویا، نگاراگوا ، برازیل وغیرہ سے لیکر شمالی کوریا، فلسطین،لیبیا، شام، عراق، ایران وغیرہ تک محنت کش عوام اور مظلوم اقوام سوگوار ہیں ۔دنیا کے ہر حصے میں امن ،آزادی اور مساوات پر یقین رکھنی والی آنکھ اشکبار ہے۔

ہوگو شاویز بچپن سے جوانی تک

ہوگو شاویز28جولائی1954کو وینزویلا کے ایک قصبے سبانیتا میں پیدا ہوئے۔ غریب کسان خاندان سے تعلق رکھنے والے انکے والدین اسکول ٹیچر تھے جبکہ شاویز کا بچپن اپنی کسان دادی کے ساتھ گزرا۔یہی وجہ ہے کہ شاویز خود کو کسان بچہ کہا کرتے تھے۔انھوں نے ابتدائی تعلیم جولین پینو نامی اسکول میں حاصل کی اور بعد ازاں باریناس کے ڈینیل فلورینو اوٹیری اسکول میں داخل ہوئے ۔1971میں 17سال کی عمر میں شاویز وینزویلین اکیڈمی آف ملٹری سائنسز میں داخل ہو گئے جہاں سے انھوں نے 1975میں سب لیفٹیننٹ کے عہدے کے ساتھ ملٹری آرٹس اینڈ سائنسز کی ڈگری حاصل کی۔فوجی ملازمت کے کچھ عرصے بعد شاویز کو کراکس میں واقع سائمن بولیور یونیورسٹی سے پولٹیکل سائنس میں پوسٹ گریجویشن کرنے کی اجازت مل گئی۔

ہوگو شاویز کے ذہن پر تین واقعات ہمیشہ نقش رہے جو انکی انقلابی شخصیت کی تعمیر میں مہمیز ثابت ہوئے۔پہلا واقعہ بچپن میں اپنے دوست جارج کو ’’چائلڈ لیبر‘‘ بنتے دیکھنا تھاجسکے والدین فوت ہو گئے تو وہ بجائے پڑھنے کے مزدوری پر مجبور ہوا۔ دوسرا واقعہ بھی انکے بچپن کے زمانے کا ہے جسے خود شاویز نے یوں بیان

کیاکہ'' میرا چھوٹا بھائی اینسو بہت خوبصورت بچہ تھا ۔ایک دن وہ بیمار ہو گیا ،وہ ایک چبوترے پر لیٹا ہوا تھا۔وہ ہر وقت مسکراتا رہتا تھا لیکن وہ مر گیا !!کوئی ڈاکٹر نہیں تھا جو اس کا علاج کرتا ۔وہ ان بچوں میں سے ایک تھا جنھیں غربت کی بلا نگل گئی۔ تیسرا واقعہ شاویز کی نوجوانی کے زمانے کا تھا جب وہ 21سال کی عمر میں نیا نیا ملٹری اکیڈمی سے فراغت کے بعد اپنے ہی آبائی علاقے میں کمیونسٹ انقلابیوں کی ایک احتجاجی تحریک کو کچلنے کے لیے بھیجا گیا تھا۔یہاں اس نے فوجیوں کو غریب کسانوں پر گولیاں برساتے دیکھا تو گوریلوں کے ہاتھوں بے شمار فوجیوں کو بھی موت کے گھاٹ اترتے دیکھا۔ ان سوالات نے ہمیشہ شاویز کو بے چین رکھا کہ کون درست ہے؟ تیل کی بے بہا دولت کے مالک سرمایہ دار یا بھوک بیماری کے ہاتھوں مرتے ہوئے مدقوق اور زرد رو بچے؟ غریب کسان،کمیونسٹ گوریلے یا سرکار کے مسلح سپاہی؟ انہی سوالات نے شاویز کو پولٹیکل سائنس جیسا مضمون پڑھنے کی جانب مائل کیا ۔یوں ایک طرف شاویز فوج میں ترقی کی منازل طے کرتے رہے تو دوسری جانب ان پر انقلابی عوام دوست سیاست کے نت نئے در بھی وا ہوتے رہے۔

اب سائمن بولیوار ان کا ہیرو تھا ۔ وہی سائمن بولیوار جس نے انیسویں صدی میں ہسپانوی سامراج کے خلاف وینزویلا ،کولمبیا،بولیویا اور پیرو کی آزادی کا علم بلند کیا تھا۔ جو لاطینی امریکا کی آزادی اور اتحاد کا خواب اپنی آنکھوں میں سجائے ہوئے اس دنیا سے رخصت ہوا۔ہسپانوی سامراج تو لاطینی امریکا سے رخصت ہو گیا لیکن اس کی جگہ امریکی استعمار نے لے لی،جسے لاطینی امریکا کے عوام نے''یانکی سامراج'' کا نام دیا۔ یوں ''یانکی سامراج'' ایک نفرت انگیز نام بن گیاکہ لاطینی امریکا سے لیکر ایشیا اور افریکا تک سب اسی موذی کے ڈسے ہوئے ہیں۔محنت کش عوام اور مظلوم اقوام اس سے بجا طور پر نفرت کرتے ہیں کیونکہ یہ دشمن ہے نوعِ انسانی کا، یہ دشمن ہے امن ،آزادی اور مساوات کا یہ دشمن ہے ہر اس قدر کا جو انسانیت کو آگے لیکر جاتی ہے۔ہاں اس یانکی درندے کے گن گاتے ہیں تو وہ جو اس کے ''خوانِ نعمت'' پر پلتے ہیں یا پھر اسکی لوٹ کھسوٹ میں حصہ دار ہیں۔

شاویز بغاوت سے پارلیمنٹ تک

80کی دہائی میں جبIMFکا سرطان وینزویلا میں پھیلا تو یہاں کے محنت کش عوام کی حالت اور بھی دگرگوں ہو گئی ۔1989میں وینزویلا کے صدر کارلوس آندرے پیریز نے تو IMF،ورلڈ بینک اور نیولبرل ایجنڈوں پر عمل درآمد کے سابقہ ریکارڈ بھی توڑ ڈالے ۔ کارلوس نے سامراجی اجارہ داروں کے مفادات کے پیش نظر غریب عوام پر خرچ کیے جانے والے بجٹ میں کمی کر دی (یہ بجٹ پہلے بھی کوئی اتنا زیادہ نہیں تھا)۔27فروری1989کو عوام اس وقت سڑکوں پر نکل آئے جب تیل کی دولت سے مالا مال اس ملک میں ٹرانسپورٹ کے کرائے کئی گنا بڑھا دئیے گئے ۔ عوام کے احتجاج کو کچلنے کے لیے کارلوس کے حکم پر فوجی بندوقوں کے دھانے کھل گئے جسکے نتیجے میں سینکڑوں لوگ مار ے گئے۔اس موقع پر شاویز نے جو اُس وقت لیفٹیننٹ تھے سائمن بولیوار کے ان الفاظ کہ'' لعنت ہے اُس فوج پر جو اپنے ہی عوام پر گولی چلائے'' کی لاج رکھتے ہوئے عوام پر گولی چلانے سے انکار کر دیا ۔یہ ان

کی پہلی حکم عدولی تھی جسکے بعد وہ بغاوت کے راستے پر بڑھتے چلے گئے۔وینزویلین عوام کا احتجاج اور مزاحمت طاقت اور بندوق کے ذریعے کچل دی گئی لیکن شاویز کے سینے میں بغاوت کے شعلے سرد نہ ہوسکے۔

اس موقع پر شاویز اور انکے ساتھی فرانسسکوایریاس کارڈیناس نے کارلوس حکومت کے ظلم وجبر،لوٹ مار ،کرپشن اور معاشی وسماجی بدحالی کے خلاف MBR200(مومنتو بولیورنو ریولشنو200)کے نام سے ایک گروپ قائم کیا ۔یہ گروپ 1994میں ففتھ ری پبلک موومنٹ'' کے قیام پر منتج ہوا ۔1998میں ہوگو شاویز اسی جماعت کے پلیٹ فارم سے صداراتی انتخابات میں حصہ لیکر کامیاب ہوئے۔آہستہ آہستہ شاویز فوج میں ایسے ساتھی جمع کرنے میں کامیاب ہو گئے جو اس نظام سے بیزار تھے۔ کارلوس سرکار کے جبر،کرپشن اور سامراجی جی حضوری میں ہر گزرتے دن کے ساتھ اضافہ ہوتا جا رہا تھا ۔اس صورتحال کے پیش نظر شاویز اور انکے ساتھیوں نے بغاوت کے ذریعے کارلوس سے نجات حاصل کرنے کا منصوبہ بنایا ۔ 4فروری1992کو 5فوجی یونٹ شاویز کی قیادت میں روانہ ہوئے ۔انکا منصوبہ دارالحکومت کراکس میں واقع صدارتی محل، وزارتِ دفاع اور ملٹری ائیرپورٹ وغیرہ پر قبضے کا تھا۔ لیکن درست منصوبہ بندی نہ ہونے اور کچھ اندرونی خامیوں کے باعث یہ بغاوت ناکام ہو گئی ۔شاویز گرفتار کر لیے گئے لیکن انھیں ٹیلی ویژن پر باقی باغیوں سے کارروائیاں روکنے کے لیے خطاب کا موقع دیا گیا۔ اس کا فائدہ اٹھاتے ہوئے شاویز نے T.Vکے ذریعے عوام تک اپنا پیغام پہنچاتے ہوئے اس امر کا اعادہ کیا کہ ہماری یہ ناکامی عارضی ہے ۔ بدعنوان اور کرپٹ حکومت کے خلاف اس اقدام نے شاویز کو وینزویلا کے عوام کا ہیرو بنا دیا ۔ شاویز کو وینزویلا کی بدنام زمانہ جیل ''ہارے پرزن'' میں قید کر دیا گیا ۔ ایک سال بعد2مئی1993کو کارلوس پیرز کو کرپشن کے الزام میں برطرف کر دیا گیا ۔بعد ازاں انتخابات میں رافیل کالڈیرا نئے صدر منتخب ہوئے جنھوں نے 1994میں شاویز کی سزا معاف کرتے ہوئے انھیں رہا کر دیا۔اب شاویز عوام کے درمیان تھے ،انکے زبردست اندازِ خطابت نے عوام کے دل موہ لیے۔صرف اس وجہ سے نہیں کہ وہ محض ایک شعلہ بیان مقرر تھے بلکہ اس لیے کہ ان کی بات میں سچ کی طاقت تھی ۔ اس زمانے میں زاویز نے نہ صرف ملک گیر دوروں میں امریکہ کی پالیسیوں کو شدید تنقید کا نشانہ بنایا بلکہ انھوں نے پڑوسی ممالک کیوبا، ارجنٹائنا، یوروگوئے،چلی اور کولمبیا وغیرہ کے بھی دورے کیے۔ اسی سچ کی طاقت کی بدولت شاویز 6دسمبر1998کو ہونے والے انتخابات میں 56%ووٹ لیکر وینزویلا کے صدر منتخب ہوئے اور انھوں نے صدارت کا حلف2فروری1999کو لیا۔

شاویز عہد کی حاصلات

صدر منتخب ہونے کے بعد شاویز نے ملک کو نیا آئین دیا جسکے تحت ملک کا نام تبدیل کر کے'' بولیوارین ری پبلک آف وینزویلا'' رکھا گیا۔ انھوں نے صدر کا عہدہ سنبھالتے ہی امریکا واشگاف لفظوں میں یہ پیغام دیا کہ وہ خطے کے اکثر ممالک کی طرح اس کی کٹھ پتلی نہیں بنے گا۔ انھوں نے ایک ایسی آزاد خارجہ پالیسی کی بنیاد رکھی جسکے نتیجے میں وینزویلا کے روس ،چین اور کیوبا سے مضبوط اقتصادی اور

سیاسی روابط استوار ہوئے۔ ہوگو شاویز نے اقتدار میں آنے سے قبل کبھی بھی اپنے عزائم نہیں چھپائے یہی وجہ تھی کہ امریکی CIAنے انتخابات میں اسکے منتخب ہونے میں ہر قسم کے روڑے اٹکائے مگر کوئی سازش کامیاب نہ ہو سکی۔ اب شاویز نے سب سے پہلے'' پلان بولیور2000''نامی پروگرام کا آغاز کیا جسکے تحت ملک بھر میں سڑکوں اور غریبوں کے لیے مکانات کی تعمیر کا آغاز ہوااور وبائی امراض سے بچاؤ کی ویکسین سمیت صحت کے حوالے سے اقدامات کیے گئے۔ اسکے علاوہ نیشنل سیکورٹی سسٹم ،ایلمونیم اندسٹری اور تیل کی صنعتوں کی نجکاری روک دی گئی اور بڑی بڑی کارپوریشنوں اور زمینداروں سے ٹیکس وصولی کا شفاف نظام وضح کیا گیا ۔اپنی صدارت کے ابتدائی تین سالوں میں شاویز نے انتقالِ اراضی کا ایک نیا پروگرام شروع کیا اور عوام کی سماجی بہبود کے لیے بہت سی اصلاحات کیں،جن میں نوزائدہ بچوں کی شرح اموات کم کرنا، حکومتی فنڈ سے چلنے والا ہیلتھ کئیر سسٹم اور یونیورسٹی سطح تک مفت تعلیم کی فراہمی شامل تھی۔ چے گویرا کی تصویر والی شرٹ پہنے ہوئے ہوگو شاویز امریکی سامراج کے مقابل تھے۔ وہ تیل کی دولت غریب عوام پر خرچ کر رہا تھا اور اپنے وطن کے وسائل پر سامراجی اجارہ داری کو چیلنج کر رہا تھا ۔وہ اپنے وطن کو سامراجی مالیاتی اداروں کے چنگل سے نجات دلا رہا تھا ۔

محنت کش عوام کے لیے شاویز کے ان اقدامات نے اسے وینزویلا میں مقبولیت کی انتہائی سطح پر پہنچا دیا تھا مگر انھی اقدامات کے نتیجے میں اس نے وینزویلا کی سرمایہ دار جونکوں کو بھی اپنا دشمن بنا لیا تھا۔ یانکی سامراج نے شاویز کے خلاف اسی بدبو دار طبقے کو استعمال کرنے کا فیصلہ کیا ۔11اپریل2002کو حزبِ اختلاف کی جماعتوں نے جن میں سرمایہ داروں کی ''بزنس فیڈریشن '' اور اس قبیل کی دیگر ٹٹ پونجیہ تنظیمیں شامل تھیں، نے امریکی آشیر باد سے احتجاجات کا سلسلہ شروع کیا اور منصوبے کے تحت اسے پر تشدد فسادات میں تبدیل کر دیا جسکے نتیجے میں 22افراد کو اپنی جان سے ہاتھ دھونے پڑے۔ اسکے بعد اس واقعہ کو بنیاد بنا کے پہلے سے بنائے گئے سازشی منصوبے کے تحت فوج میں موجود امریکہ نواز عنصر نے صدارتی محل پر قبضہ کر کے شاویز کو ایک دور دراز کے جزیرے میں قید کر دیا۔باغی فوج نے ایک امریکی ایجنٹ پیڈرو کارمونا کو عبوری صدر مقرر کردیا۔ موصوف نے اپنے پہلے ہی فرمان میں شاویز کی جانب سے کی گئی سماجی ومعاشی پالیسیوں اور اقدامات کو کالعدم قرار دیتے ہوئے قومی اسمبلی اور عدلیہ کو بھی تحلیل کر دیا ۔ پیڈرو کارمونا کا یہ فرمان جاری ہونا تھا کہ کراکس میں زبردست عوامی احتجاج شروع ہو ا جس کے جلو میں شاویز کی حامی فوج نے جوابی انقلاب کرتے ہوئے صدارتی محل پر قبضہ کر لیا اور یوں محض دوسرے ہی دن شاویز پھر بحال ہو گئے۔

اس کے بعد شاویز نے پلٹ کر نہیں دیکھا ،وہ مسلسل چار بار وینزویلا کے صدر منتخب ہوئے اور ہر بار انکو ملنے والے ووٹوں کا تناسب پہلے سے زیادہ رہا۔شاویز آخری بار اکتوبر2012کے صدارتی انتخاب میں کامیاب ہوئے لیکن بیماری کے باعث آخر تک حلف نہ اٹھا سکے۔ ان 14سال میں امریکی سامراج نے

کبھی ریفرنڈم کا چکر چلا کر تو کبھی انھیں قتل کر دینے کی سازشیں رچا کر ہٹانے کی کوششیں کیں جس سے ذلت و رسوائی کے سوا انکل سام اور کچھ بھی حاصل نہ کر سکے۔شاویز کا 14سالہ دور وینزویلا کے غریب عوام کے لیے واقعی تبدیلی کا عہد تھا جس میں صحت ،رہائش اور تعلیم سے لیکر بڑی جاگیروں کے خاتمے تک کے اقدامات شامل تھے۔ شاویز نے ہر اس ادارے کو قومی ملیکت میں لیا جس کی نجکاری کی گئی تھی ۔ان ادارون میں ٹیلی کمیونیکیشن CANTVسے لیکر بجلی پیدا کرنے کے ادارے تک شامل تھے۔ شاویز نے وہ چار برے آئل بیلٹ پروجیکٹ بھی قومیا لیے جنھیں شاویز کے برسرِ اقتدار آنے سے قبل امریکا، برطانیہ،فرانس اور ناروے کی کمپنیاں مشترکہ طور پر چلاتی تھیں۔یہ شاویز ہی تھے جنھوں نے نہ صرف اپنے عوام بلکہ خطے کے دیگر ممالک ارجنٹائنا، بولیویا اور ایکوڈور وغیرہ کو امریکا کے مالیاتی ادراوں سے بچانے کے لیے بغیر معاشی شرائط کے قرضے فراہم کیے اور اس مقصد کے لیے ایک متبادل بینک بھی قائم کیا۔شاویز اگرچہ اپنے ملک میں سوشلزم نہیں نافذ کر سکے جو کہ پارلیمانی طریقوں سے تیسری دنیا کے ملکوں میں ممکن بھی نہیں ،مگر انھوں نے اپنے عوام کو امریکی ڈاکوؤں اور ان کے مقامی گماشتوں سے بچانے کے لیے انتھک جدوجہد کی۔

شاویز کے اقتدار میں آنے سے کیوبا کے انقلاب کو بھی اچھا خاصا سہارا ملا ہے ۔شاویز نے سامراجی پابندیوں اور ناکہ بندیوں کے شکار کیوبا کے ساتھ تیل کے بدلے ماہرین کے حصول کے معاہدے کیے ۔آج کیوبا نہ صرف وینزویلا سے مارکیٹ کی قیمت سے کم پر تیل حاصل کرتا ہے بلکہ کیوبا کے ہزاروں ڈاکٹر، اساتذہ، سپورٹس ٹرینر اور دیگر ماہرین وینزویلا میں خدمات سر انجام دے رہے ہیں ۔ کیوبا کے بارے میں شاویز نے کہا تھا کہ ’’کیوبا ہمارے لیے ایک دوست سے بڑھکر ہے کیوبن عوام اور فیدل کاسترو ہمارے لیے دوستوں سے بڑھکر ہیں ۔ہم مشترکہ طور پر ایک ایسی جنگ لڑ رہے ہیں جو دونوں ممالک کے منصوبوں میں شامل ہے اور جس کی جڑیں ہماری تاریخ میں ہیں ،کیوبا پر حملہ کیا جا رہا ہے ،یہ حملہ امریکا نے کیا ہے ،امریکی حکومت نے کیا ہے اور اسے40سال سے زیادہ کا عرصہ ہو چکا ہے ۔یہ غیر انسانی ناکہ بندی ،یہ غیر منصفانہ ناکہ بندی۔اقوامِ متحدہ امریکا کو ناکہ بندی ختم کرنے کا کہہ کہہ کر تھک چکی ہے اور پاپ جان پال دوم بھی۔ لیکن ذلیل ،غیر منصفانہ، مجرمانہ اور آمرانہ ناکہ بندی جاری ہے۔‘‘

(ہوگو شاویز،16ستمبر2005،امریکی چینل ’’ABCنیوز‘‘
کے نمائندے ٹیڈ کوپل کو انٹرویو)

1991کے بعد شاویز دنیا کے واحد صدر مملکت تھے جنھوں نے صدام حسین کے عراق کا دورہ کیا تھا۔ جب اقوامِ متحدہ کی سلامتی کونسل میں ایران کے خلاف قرار داد پیش ہوئی تو اس وقت بھی وینزویلا واحد ملک تھا جس نے اس قرار داد کے خلاف ووٹ دیا ۔ افغانستان پر سامراجی یلغار ہو یا عراق پر یانکی سامراج کی ننگی جارحیت ہو شاویز نے ہر موقع پر سامراجی دہشت گردی کی مذمت کی۔وہ فلسطینی عوام کے مخلص دوست تھے جنھوں نے صہیونی استعمار کے خلاف ہمیشہ ہر پلیٹ فارم سے فلسطینی عوام کے لیے آواز بلند کی ۔لبنان

پر اسرئیلی جارحیت کے خلاف تو انھوں نے اسرائیلی سفیر کو بھی وینزویلا سے نکال باہر کر دیا تھا ،لیبیا کے عظیم سامراج مخالف راہنما معمر قذافی سے شاویز کے برادرانہ تعلقات تھے اور وہ انھیں بارہا سامراجی ریشہ دوانیوں سے خبردار بھی کرتے رہے ۔ جب امریکی سامراج کی ایماء پر قذافی قتل کیے گئے تو شاویز نے انھیں ’’عظیم شہید‘‘ قرار دیا تھا ۔ شاویز مرتے دم تک شام کی سامراج مخالف حکومت کی حمایت اور اسکے خلاف سامراجی سازشوں کی مذمت کرتے رہے۔جولائی 2006میں ایرانی صدر نے شاویز کو تہران یونیورسٹی میں منعقدہ ایک تقریب میں ایران کا اعلیٰ ترین اعزاز دیا تھا ۔ شاویز ایک بہادر اور نڈر راہنما تھے جنھوں نے بارہا امریکی حکمرانوں کو برسرِ عام دہشت گرد کہنے کی جرات کی ۔اس کی ایک بڑی مثال 20ستمبر2006کو اقوامِ متحدہ کی جنرل اسمبلی کے سالانہ اجلاس میں انکا خطاب تھا ۔اس خطاب میں شاویز نے امریکی صدر بش کو شیطان اور جنرل اسمبلی کو ’’فالتو وبے کار‘‘ قرار دیتے ہوئے کہا تھا کہ’’ امریکی صدر جسے مین شیطان کہتا ہوں یہاں اس روسٹرم پر آیا ۔وہ اس طرح بات کر رہا تھا جیسے دنیا کا مالک ہو۔ دنیا کے باپ کی تقریر ۔پاگل پن سے لبریز ،منافقانہ،ہر شے پر کنٹرول پانے کی ضرورت کے تحت جنم لینے والی سامراجی منافقت۔‘‘ اسی خطاب میں ہوگو شاویز نے سرمایہ داروں کی نام نہاد جمہوریت جو دراصل بدترین آمریت ہے، کی قلعی ان میں کھولی تھی’’وہ کہتے ہیں کہ وہ ایک جمہوری ماڈل رائج کرنا چاہتے ہیں لیکن یہ ہے ان کا جمہوری ماڈل ! یہ تو اشرافیہ طبقے کی جھوٹی جمہوریت ہے ۔بلکہ میں تو کہونگا کہ ایک نہایت ہی اوریجنل جمہوریت جسے ہتھیاروں اور بموں و بندوقوں سے نافذ کیا گیا ہے۔‘‘

کیا ہوگو شاویز کمیونسٹ تھے؟

کیا ہوگو شاویز کمیونسٹ تھے؟ یہ سوال ہمیشہ مختلف حلقوں میں رہا ہے ۔کچھ لوگوں کے خیال میں وہ سوشلسٹ (بمعنی سوشل ڈیمو کریٹ) تھے۔جبکہ کچھ حلقے شاویز کو ’’ڈیمو کریٹک سوشلزم‘‘ اور ’’اکیسویں صدی کا سوشلزم‘‘ جیسی اصلاحات کے تناظر میں ایک نئے قسم کا مارکسسٹ قرار دیتے رہے ۔ لیکن شاویز جیسے شخص کو محض سوشل ڈیمو کریٹ قرار دینا انکے ساتھ زیادتی ہے ۔ اپنی ساری زندگی میں ان کے دامن پر ایسا کوئی داغ نہیں رہا جس سے سوشل ڈیمو کریسی سرتاپا آلودہ ہے ۔ شاویز نئے قسم کے مارکسسٹ بھی نہیں تھے اورعا م معنوں میں وہ ایک لینن وادی کمیونسٹ تو بالکل نہیں تھے ۔انکے زیر قیدات 14سال تک بے شک وینزویلا میں تبدیلیوں کا دور رہا جس کے نتیجے میں وہاں کے عوام نے جو کچھ پایا اسکا اس سے قبل وہ تصور بھی نہیں کر سکتے تھے۔ لیکن شاویز کے کیے گئے سارے اقدامات بنیادی طور پر اصلاحات کے زمرے میں آتے ہیں ۔رہ گیا ’’ڈیمو کریٹک سوشلزم‘‘ اور ’’اکیسویں صدی کا سوشلزم‘‘ تواپنی جدوجہد سے بھرپور ساری تاریخ میں سوشلزم کے اپنے ساتھ ایسے سابقے یا لاحقے لگانے کی ضرورت نہ کبھی محسوس ہوئی اور نہ آج یہ ضرورت ہے ۔ اس کی وجہ یہی ہے کہ سوشلزم محنت کش طبقے کی آمریت کا نام ہے جسے پرولتاری آمریت کہا جا تا ہے۔

اگر سوشلزم پرولتاری آمریت نہیں ہے تو پھر یہ کچھ بھی نہیں ہے۔ پرولتاری آمریت کا سرمایہ دارانہ جمہوریت سے موازنہ یا تقابل ہی غلط ہے کیونکہ یہ اس جمہوریت سے کہیں آگے کی چیز ہے اور یہ لینن ازم کے ان بنیادی ستونوں میں سے ہے جس کے ہٹا دینے سے یہ عمارت ہی دھڑام سے گر جاتی ہے ۔

جہاں تک ''اکیسویں صدی کے سوشلزم ''کا تعلق ہے تو سوشلزم کو اپنی ساخت اور ماہیت کے اعتبار سے کسی خاص عہد یا صدی سے مخصوص کرنا اس جدلی اصول کی نفی ہے جس کے تحت اشیاء میں جدلی ربط اور جڑت ہوتی ہے اور اس اصول کا اطلاق تاریخی مادیت پر بھی ہوتا ہے۔ اس بارے میں زیادہ سے زیادہ یہی کہا جا سکتا ہے کہ انیسویں صدی سائنٹفک سوشلزم کے جنم کی صدی تھی جس کا سوشلزم کے سابقہ یوٹوپیائی تصورات سے ایک جدلی ربط اور جڑت تھی ۔اور سائنٹفک سوشلزم اسی کی ایک کیفیتی شکل ہے جس کا اگلا ناگزیر مرحلہ کمیونزم ہے ۔ اس کے بعد ہمیں پیرس کمیون سے انقلابِ روس اور اسکے بعد تک اس کے اطلاق کا تسلسل ایک جدلی ربط کے ساتھ نظر نہیں آتا ہے جوآج بھی عوامی جمہوریہ کوریااور کیوبا کی پرولتاری آمریتوں کی شکل میں دیکھاجا سکتا ہے۔دوسری اہم بات یہ ہے کہ مذکورہ بالا دونوں اصلاحات ان ترمیم پسندانہ اور انحرافات پر مبنی خیالات کو ایک طرح سے جواز فراہم کرتی ہیں ہر انقلاب کو ردِ انقلاب کہنا جن کا وطیرہ ہے اور ہر ردِ انقلاب جن کے نزدیک عین انقلاب ہے۔ یہ انقلابیوں پر کبھی ''تحکم پسندی'' اور'' اصلاح پسندی ''کا لیبل چسپاں کرتے ہیں تو کبھی مرحلہ واریت ہدفِ تنقید ٹھہرتی ہے لیکن شاویز کی مرحلہ وار اصلاحات(جسے دنیا بھر کے انقلابی بھی قدر کی نگاہ سے دیکھتے ہیں) کو ''انقلابِ وینزویلا '' کا نام دیتے ہیں۔

دراصل شاویز کی نظریاتی اساس اور ساخت کو سمجھنے کے لیے اسکے سیاست میں آنے کے دور کو دیکھنے اور سمجھنے کی ضرورت ہے ۔1992میں جس وقت شاویز نے ایک فوجی بغاوت کے ذریعے اقتدار میں آنے کا فیصلہ کیا یہ وہ دور تھا جب دنیا بھر میں سوشلسٹ بلاک کے انہدام کے بعد سوشلزم کے ناکامی کا پروپیگنڈا زوروں پر تھا ۔اس پس منظر میں ناکام فوجی بغاوت سے لیکر پارلیمانی ذرائع سے منتخب ہونے اور پھر اپنی وفات تک شاویز ایک ایسے راہنما کے طور پر نظر آتے ہیں جو سرمایہ داری کی تباہ کاریوں سے نفرت کرتے تھے اور سامراجی تسلط اور اجارہ داری کو ختم کرنا چاہتے تھے، جن کے فکری دھاروں کا ماخذ سامراج مخالف بولیوارین قوم پرستی اور قدیم مسیحی اشتراکیت سے لیکر ''لبریشن تھیالوجی''میں ڈھونڈا جا سکتا ہے۔ لبریشن تھیا لوجی پورے لاطینی امریکا میں ایک مسیحی انقلابی رحجان ہے جو یہ سمجھتے ہیں کہ جنابِ مسیح کی تعلیمات پر عمل پیرا ہونے کا طریقہ آج یہ ہے کہ ہم محنت کش عوام، مظلوم اقوام ،سوشلسٹ اور سامراج مخالف جدوجہد کرنے والوں کے ساتھ کھڑے ہو جائیں۔ شاویز کے فکری رحجانات کو سمجھنے کے لیے 2005کے ورلڈ سوشل فورم سے ان کا خطاب بھی اہم ہے جس میں انھوں نے خود کو ایک نئے قسم کا لیڈر(مارکسسٹ نہیں) تسلیم کرتے ہوئے یہ کہا تھا کہ وہ بہت سے پرانے طرز کے لیڈروں سے بھی فیضان حاصل کرتے

ہیں۔اس خطاب میں شاویز نے جنابِ مسیح سے لیکر سائمن بولیوار ،چے گویرا، فیدل کاسترو، سان مارٹن، زپاٹا، پانچو ولا ، سینڈینو اورٹوپک امارو وغیرہ سے اپنا فکری رشتہ جوڑا تھا۔ اسی خطاب میں شاویز نے کہا تھا کہ’’ میں ملٹری اسکول میں داخلے کے زمانے سے ماؤاسٹ رہا ہوں ،میں نے چے گویرا اور سائمن بولیوار کو پڑھا ہے ۔میں انھیں پڑھ کر ’’بولی وارین ماؤ اسٹ‘‘ بن رہا ہوں ،سب کا آمیزہ ۔‘‘یہ آمیزہ بہرحال شاویز کو ایک لینن وادی ،ایک کمیونسٹ بنانے میں ناکام رہا ۔14سال کے عرصے میں ایک لینن اسٹ اشتراکی جماعت کی تعمیر سے لیکر پرولتاری آمریت اور منصوبہ بند معیشت تک کے مراحل طے کیے جا سکتے تھے ۔ان تمام باتوں کے باوجود شاویز کا کیا ہوا کام مایوسیوں کے اس دور میں لائقِ صد تحسین ہے جنھوں نے اپنے حالات، سمجھ اور فہم کے مطابق ’’سوشلزم‘‘ کی جانب پیشرفت کی کوشش کی۔

کیا شاویز قتل کیے گئے ہیں؟

شاویز کی کینسر کی بیماری کے نتیجے میں موت کو انکے سیاسی جانشین نکولس مدورو نے امریکی سامراج کی جانب سے قتل قرار دیا ہے۔انھوں نے امریکہ کے دو ملٹری اتاشیوں کو ملک میں عدم استحکام کی سازشوں میں ملوث ہونے کے الزام میں وینزویلا چھوڑنے کا بھی حکم دیا ہے۔ نکولس مدورو نے امریکا کو صدر شاویز کی موت کا ذمہ دار قرار دیتے ہوئے کہا ہے کہ انھیں جدید ٹیکنا لوجی کے ذریعے زہر دیا گیا جس میں دونوں سفیروں نے کردار ادا کیا ۔ امریکا نے اس الزام کو مسترد کیا ہے لیکن دنیا بھر میں یہ خیال تقویت پکڑ رہا ہے کہ شاویز کی موت میں امریکا ملوث ہے۔کمیونسٹ پارٹی آف رشیا کے جنرل سیکریٹری کامریڈ گینادی زوگانو ف نے بھی اسے ممکنہ امریکی سازش قرار دیتے ہوئے کہا ہے کہ’’ یہ کتنی عجیب بات ہے کہ امریکی پالیسیوں کو تنقید کا نشانہ بنانے اور آزاد وخود مختار ریاستوں پر مشتمل ایک موثر الائنس کے لیے کوشاں رہنے والے لاطینی امریکا کے چھہ سربراہانِ مملکت بیک وقت کینسر کے مرض میں مبتلا ہو گئے ہیں۔ہوگو شاویز کے علاوہ کینسر میں مبتلا ہونے والوں میں ارجنٹائنا کی خاتون صدر کرسٹینا فرنانڈز، برازیل کی خاتون صدر دلمارو سیف، پیراگوئے کے صدر فرنانڈو لوگو اور برازیل کے سابق صدر لولہ ڈی سلوا شامل ہیں ۔‘‘

اس خیال کو اس امر سے بھی تقویت ملتی ہے کہ امریکا اس سے قبل متعدد بار شاویز کو قتل کرانے کی کوششیں کر چکا ہے اور یہ سلسلہ بش سے لیکر اوبامہ تک جاری رہا ۔منتخب لوگوں کا قتل سرد جنگ کے زمانے سے امریکی سامراج کا حربہ رہا ہے ۔لاطینی امریکا میں ستمبر1973میں چلی کے صدر سلوا دور الاندے کا قتل اس کی ایک بڑی مثال ہے ۔جبکہ فیدل کاسترو پر ہونے والے قاتلانہ حملوں کی تعداد تو سینکڑوں میں ہے ۔ کچھ عرصہ ہوا کا فیدل کاسترو نے شاویز کا محتاط رہنے کا مشورہ دیتے ہوئے کہا تھا کہ’’ تم اپنا خیال نہیں رکھتے ان لوگوں (امریکا) نے نئی ٹیکنا لوجی متعارف کی ہے۔‘‘ یہ نئی ٹیکنا لوجی امریکا کے ’’جینو مک ہتھیار‘‘ ہیں جن کے ذریعے انسانوں کو موذی اور ناقابلِ علاج امراض میں مبتلا کیا جاتا ہے۔ CIA 2007میں فیڈل کاسترو کے خلاف بھی یہ ہتھیار استعمال کرنے کی کوشش کر چکی

ہے۔اس لیے اغلب گمان یہی ہے کہ شاویز کو قتل کیا گیا ہے۔لیکن حقیقت یہ ہے کہ آخری نتیجے میں ایسی کوئی کوشش کامیاب نہیں ہوسکی ہے ۔چے گویرا،سلوادور الاندے، ایملکار کیبرال، پیٹرس لوممبا، میکیا نگوما، سیمورا میشل، نکولائی چاؤشسکو، ڈاکٹر نجیب اللہ ،معمر قذافی اور ہوگو شاویز فنا کے گھاٹ نہیں اتارے جا سکے ہیں ۔سامراج انھیں کیا قتل کرے گا کہ حواس باختہ سرمایہ داری خود قتل ہونے چلی ہے۔

2007میں شاویز نے تیسری بار صدارتی حلف اٹھاتے ہوئے کہا تھا کہ'' اے مادرِ وطن میں حلف اُٹھاتا ہوں کہ اب یا سوشلزم ہو گا یا موت۔'' شاویز کی زندگی میں وینزویلا کی سرزمین پر سوشلزم کا سورج طلوع نہیں ہو سکا مگر جلد یا بدیر وینزویلا کے محنت کش اپنی اشتراکی جماعت تعمیر کرتے ہوئے سرمایہ داری کی جہنمی مشین کو صفحہ ہستی سے مٹا دیں گے ۔خوں آشام سرمایہ داری کسی تاریخی عمل کے نتیجے میں رفتہ رفتہ فنا نہیں ہو گی بلکہ اس کی موت کا اعلان طبقے کی بندوق کرے گی۔آج ہوگو شاویز ہمارے درمیان نہیں رہے لیکن ان کی خدمات ہمیشہ یاد رکھی جائیں گی ۔انسانی تاریخ میں 14سال کا عرصہ شاید ایک پل کے برابر بھی نہیں مگر حقیقت یہ ہے کہ شاویز کے یہ14سال انھیں تاریخ میں زندہ رکھنے کے لیے کافی ہیں ۔ جب جب لاطینی امریکا کا ذکر ہو گا سائمن بولیوار، جوزے مارتی، پانچو ویلا، سندینو ، چے گویرا، فیڈرل کاسترو اور سلوادور الاندے سمیت شاویز کو انسانیت سلام پیش کرے گی۔

نظرياتي ادب

مارڪسزم ۽ ويڳاڻپ جو تصور

سڌارت ڪولهي



ويڳاڻپ (Alienation) جو لفظ فلسفي جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو جرمن فلسفي هيگل استعمال ڪيو هو. ويڳاڻپ جي عمومي معنيٰ انسان جو پنهنجي وجود، بنيادي سچ يا خصلت، پنهنجي تخليق يا پنهنجي هر شيءِ کان اوپرو، لاتعلق يا ڌاريو هجڻ آهي. اسان جي هن طبقاتي دنيا ۾ ويڳاڻپ جون تمام گهڻيون شڪلون آهن. هڪ پاسي اسان جهڙن پٺتي پيل سماجن ۾ اڪثر انسان غربت، سماجي ڏاڍ ۽ جبر اڳيان بيوس ٿي پاڻ جهڙن زنده ۽ مرده انسانن ۽ پنهنجي هٿن سان ٺاهيل بتن کي پوڄن ٿا ته ٻئي پاسي سرمائيداري تهذيب جو انسان پنهنجي ئي خلقيل دولت ۽ پئسي جي پويان پٽڪندو رهي ٿو. اسان اهو به ڏسون ٿا ته هڪ پاسي انسان جون پنهنجون سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي تخليقون انساني زندگيءَ کي تباهه ڪرڻ لاءِ استعمال ٿين پيون ته ٻئي پاسي دنيا اندر وسيع پيماني تي ٿيندڙ خودڪشيون اهو ٻڌائن ٿيون ته انساني زندگي پنهنجي پاڻ کان ويڳاڻي ٿي پنهنجي ئي انت جي تلاش ۾ آهي. حضرت انسان پنهنجي ئي اڏيل دنيا ۾ هيٺو، بيوس ۽ ويڳاڻو آهي. مارڪسزم هڪ اسريل انسان دوستيءَ جي شڪل ۾ انسان جي ان ويڳاڻپ خلاف احتجاج به آهي ۽ پاڻ وهيڻائپ ڏانهن عملي رستو به. طبقاتي سماج ۾ انساني حالت کي سمجهڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته مارڪسزم جي ويڳاڻپ جي تصور کي سمجهجي..

سماجي وجود جيان سماجي تصورن جي به هڪ تاريخ آهي جيڪا سماجي وجود (معاشي ۽ سماجي ڍانچي) تي انحصار به ڪري ٿي ۽ ان کان نسبتاً آزاد به آهي. تصورن جي مختلف تاريخي دورن ۾، معنيٰ تبديل ٿيندي رهي آهي. ويڳاڻپ جو لقاءُ انسان جي پوري طبقاتي تاريخ جو لقاءُ آهي. ائين ويڳاڻپ جو تصور انساني شعوري تاريخ ۾ مختلف مذهبن، فلسفن ۽ نظرين ۾ موجود رهيو آهي. جنهن جي معنيٰ، (مفهوم) سماج جو معاشي ڍانچو ۽ انسان جي سماجي بيهڪ تبديل ٿيڻ سان تبديل ٿيندي رهي آهي. ان تصور جي پوري تاريخ ۽ ارتقا ته هڪ پيچيده موضوع آهي پر ان تي هڪ مختصر نظر ويڳاڻپ جي مارڪسي تصور کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيندي.

(I)

انسان جي ويڳاڻپ جو تصور ٽن وڏن مذهبن يعني يهوديت، عيسائيت ۽ اسلام ۾ به رهيو آهي. انسان جي دنياوي زندگيءَ جي شروعات ۽ ڌرتي تي اچڻ جي مذهبي آکاڻي مطابق انسان (آدم ۽ حوا) جنت جي باغ پنهنجي اصلي گهر ۾ پاڪ ۽ سڪون جي زندگي گذاريندو هو. انسان هر قسم جي گناهه ۽ ڏک کان آزاد هو پر جڏهن انسان خدا جي نافرماني ڪئي ته هن کي جنت مان بي دخل ڪري زمين تي موڪليو

ويو. انسان زمين تي آهستي آهستي پنهنجي اصل مقصد ۽ جوهر کان ويڇاڻو ٿي ويو ۽ گناهه جي ڄار ۾ ڦاسي پيو. هاڻ اها دنياوي حوس ۽ خواهش ئي آهي جيڪا انسان جي ڏک ۽ تڪليف جو سبب ٿئي ٿي. انسان جو حقيقي نرواڻ پنهنجي اصليت، مقصد ۽ جوهر کي ڄاڻڻ ۽ مادي دنيا جي حوس کان بچڻ ۾ آهي. ائين ئي انسان واپس پنهنجي اصل گهر تائين پهچي سگهي ٿو. ڏٺو وڃي ته مذهب وٺ موت ئي حقيقي آزادي آهي. ويڇاٽپ جو هي مذهبي تصور خيالي آهي پر اها پنهنجي دور ۾ انسانن جي اخلاقي تربيت، سماجي برائين ۽ ٽوڙ ڦوڙ کي روڪڻ جي هڪ ڪوشش ضرور هئي. سرمائيداري دور کان اڳ واري سماجن ۾ جڏهن طبقاتي استحصال مذهبن جي شڪل ۾ ٿيندو هو ته سماجن کي سڌارڻ جو انقلابي عمل به مذهبي غلاف ۾ ويڙهيل هوندو هو يعني هڪ مذهب جي تضاد ۾ ٻيو مذهب ڦٽندو هو جيڪو پراڻي مذهب يا حاڪم طبقي جي مذهب تي تنقيد ڪندو هو. پر ساڳئي وقت ويڇاٽپ جو هي خيالي تصور طبقاتي سماج ۾ انسان جي پنهنجي پورهئي ۽ مادي دنيا کان ويڇاٽپ جو ئي اظهار هو جيڪو ٻئي دور ۾ انسان کي وڌيڪ ويڇاڻو ڪرڻ ۽ دنياوي خدائن جي غلامي قبول ڪرائڻ يعني طبقاتي استحصال جو هڪ هٿيار ٿيو وڃي. مثال طور مذهب جي دنياوي خواهش تي تنقيد ۽ ان جو اصل دنيا جو خيالي تصور مادي ويڇاٽپ جو ئي اظهار آهي جنهن جو هڪ دور ۾ مقصد اخلاقي تربيت هو پر ٻئي دور ۾ محڪوم ماڻهن جي مزاحمتي شعور کي ماٺو ڪرڻ لاءِ حڪمران طبقي جو هٿيار هجي ٿو. ائين ويڇاٽپ جي خلاف هي مذهبي احتجاج انسان کي پاڻ وهيٽو ڪرڻ بجاءِ وڌيڪ هيٺو ڪري ٿو.

هندستان جي پراڻن مذهبن ۽ فلسفن جيڪي يونان جي خياليت پسند فلسفين کان گهٽ مختلف ناهن، ۾ به ويڇاٽپ جو تصور رهيو آهي جيڪو پڻ الٽو بيٺل آهي. هندو ويدنتا (Vedanta) فلسفو يونان جي پرمينائيڊس فلسفيءَ وانگر مادي دنيا کي فاني، بدلجندڙ ۽ جزوي سمجهي ٿو. مادي حقيقت هڪ سراب (مايا) آهي جيڪا دائمي (Permanent) لافاني ڪلي وجود (حقيقت) جو عڪس آهي. انسان هڪ جُز (Part) جي صورت ۾ ان دائمي هيڪڙائي رکندڙ ڪُل (Whole) جو شعور حاصل ڪري ئي نرواڻ حاصل ڪري سگهي ٿو يعني انسان جي ان ڪُلي حقيقت جي اڻ ڄاڻائي ئي ويڇاٽپ آهي ۽ تيستائين انسان صرف بدلجندڙ عڪس يعني مادي دنيا جي غلاميءَ ۾ ئي ڦاٿل هجي ٿو. تصوف به ان خياليت پسند هندو فلسفي جو تسلسل آهي جيڪو ان ڪُلي وجود سان ملڻ لاءِ طريقت، شريعت ۽ معرفت وغيره جا مختلف طريقا ٻڌائي ٿو. اسان ان ئي هندو ۽ يونان جي خياليت پسند فلسفي جو اثر هيگل جي فلسفي ۾ ڏسنداسين جيڪو ان سادي خياليت پسندي جي اُسريل شڪل آهي.

ٻُڌمت فلسفي جو اڀار ان دور ۾ ٿئي ٿو جنهن دور ۾ هڪ پاسي هندو برهمڻ مذهب صرف حاڪم برهمڻ ذات تائين محدود ٿي وڃي ٿو ۽ ان کي تحفظ فراهم ڪري ٿو ته ٻئي پاسي هندستاني سماج تبديلي جي حالت ۾ هو. ان تاريخي گهرج گوتم ٻڌ جهڙي ماڻهو کي پيدا ڪيو جنهن ماورائي فطرت سوالن کي حل ڪرڻ بجاءِ انساني زندگي ۾ موجود ڏک ۽ درد کان آزادي لاءِ نرواڻ جو رستو ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي. ٻُڌ وٽ ڏک ۽ نرواڻ ٻئي دنياوي لقاءُ هئا. انسان جي تڪليف ۽ هن جو درد جسماني ۽ حواسياتي خواهشن جو نتيجو آهي. اهو ڏک صرف سماجي لقاءُ نه

آهي پر انسان جي فاني وجود جو حصو آهي. جهڙوڪ: عارضيت ۽ موت. ان کان آزادي ان حقيقت يا حالت تائين پهچڻ ۾ آهي جنهن کي ”نرواڻ“ چئجي ٿو. اها حقيقت يا حالت امرتا ۽ لافانيت جو تجربو آهي جنهن تائين اهمسا، پيار ۽ تياڳ جي ذريعي پهچي سگهجي ٿو. ٻڌ وٽ ”نرواڻ“ نج انساني تجربو آهي جنهن کان عام انسان ويڳاڻو آهي. جديد دور جو جرمن فلسفي شاپنهار به ان فلسفي جو دائي هو پر شاپنهار (Shapenhaur) وٽ ”نرواڻ“ جو ڪوبه خاص تصور نه هو. ٻڌمت فلسفي جا گهڻا سماجي پاسا به آهن جيڪي اسان جي موضوع کان ٻاهر آهن.

بهرحال، پراڻي (Ancient) ۽ وچين دور جي فلسفي جي تاريخ ۾ گهڻن ماڻهن جي نظرين تي ڳالهائي سگهجي ٿو پر اسان چند مثالن ڏيڻ کانپوءِ جديد دور تي اچون ٿا.

سرمائيداري دور جي اوسر خاص طور تي جاڳرتا ۽ ان کانپوءِ سرمائيداري انقلابن جي دور ۾ يورپ اندر مذهبي ادارن ۽ مذهبي شعور کي ڌڪ لڳو. سماج جي پيداواري قوتن جي واڌ ويجهه جي نتيجي ۾ سائنسي ڄاڻ جو اپار ٿيو ۽ فطري توڙي سماجي لقائن کي مادي بنياد تي سمجهڻ جو طريقو شروع ٿيو جيڪو مذهبي طريقي جي متضاد هو. ائين فلسفي ۾ هاڻ خدا جي تصور جي جڳهه تي فطرت جي تصور جڳهه ورتي. ائين هر سماجي لقاءُ کي به فطرت جو نالو ڏنو ويندو هو. جهڙوڪ فرينچ انقلاب ۾ انسان جي ”فطري“ حقن جي ڳالهه ڪئي وئي جڏهن ته انساني حقن جو تصور سماجي آهي.

يورپ اندر ارڙهين ۽ اوڻهين صديءَ ۾ فلسفي ۽ ادب ۾ رومانوي تحريڪ جو اپار ٿيو جنهن جو باني فرينچ فلسفي رُوسو آهي. رُوسو جو فلسفو تهذيب (Civilization) ۽ ان جي پوسائيندڙ قانونن ۽ قدرن تي تنقيد آهي. روسو جي پنهنجي مضمون (Discourse on Inequality) مطابق انسان فطري طور پلو ۽ آزاد آهي. انسان پنهنجي ”فطري دور“ (State of nature) يعني تهذيب کان پهرين واري دور ۾ مڪمل آزاد ۽ خودمختيار هو ۽ فطرت سان ٺهڪندڙ زندگي گذاريندو هو. انسانن جي وچ ۾ برابري ۽ پيار موجود هو. تهذيب جي شروعات ذاتي ملڪيت جي اپار سان ٿئي ٿي جنهن کان پوءِ هر قسم جي برائي ۽ سماجي اڻ برابري جنم وٺي ٿي. انسان فطري طور سٺو آهي پر اهي تهذيب يا سماج جا ادارا ئي آهن جيڪي انسان کي بگاڙن ٿا ۽ پنهنجي فطري ڀلائي ۽ فطري جذبن کان ويڳاڻو ڪن ٿا. رُوسو وٽ سائنس به انسان کي محتاج ۽ غلام ٺاهڻ جو هڪ ذريعو آهي. سائنسي تخليقون انسان ۾ خواهش ۽ لالچ پيدا ڪن ٿيون. ائين اهي فطري ڀلائي ۽ اخلاق جون دشمن آهن. رُوسو هر ان شيءِ جي خلاف آهي جيڪا تهذيب جي خصلت آهي. رُوسو وٽ تهذيب انسان جي فطرت ۽ پنهنجي فطري وجود کان ويڳاڻپ جو سبب آهي جيڪا انسان جي اصلي حقيقت آهي. روُسو جي لفظن ۾ ته ”انسان ڄائو آزاد پر هر هنڌ غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي.“ رُوسو جو دور يورپ اندر صنعتڪاري، سرمائي جي اوسر ۽ پراڻي جاگيرداري شڪلن جي ٽوڙ ڦوڙ جو دور آهي. رُوسو جي تنقيد هڪ لحاظ سان بورجوا تهذيب جي تباهه ڪار نتيجن تي تنقيد آهي. ها! اهو سرمائيداري سماج آهي جيڪو انساني احساسن ۽ اخلاقيات کي به خريد فروخت جي جنس (Commodity) ٺاهيو ڇڏي. پر جڏهن پراڻو سماج ڊهندو هجي ۽ نئون سماج ٺهڻ جي عمل ۾ هجي، اهڙو دور مونجهارن جو دور هجي ٿو، سماجي تضاد به مبهم هجن ٿا ۽ مستقبل به اونداهي ۾ ويڙهيل هجي ٿو. رُوسو ڪجهه

اهم نتيجن تي پهچي ٿو. جهڙوڪ ذاتي ملڪيت کي اڻ برابري ۽ غلاميءَ جو سبب سمجهڻ وغيره پر رُوسو جي عمومي سماج، تهذيب ۽ ذاتي ملڪيت سمجهه سادي آهي. هو آزادي، ڀلائي، برابري جهڙن سماجي لقائن ۽ تصورن کي فطري سمجهي ٿو. جيڪڏهن غلامي ۽ برائي تهذيب يا سماج جا لقاءُ آهن ته پوءِ آزادي جو لقاءُ ۽ تصور به سماجي ئي ٿي سگهي ٿو. رُوسو جي ان سادي سمجهه جي ڪري هن جا سماجي معاهدي (The social contract) جي شڪل ۾ ڀڌايل حل رومانوي آهن. ان سادي سمجهه ۽ رومانيت جو ڀيو سبب عمومي سماجي سائنسي شعور جي سطحي اوسر به آهي.

تقريباً ان ساڳئي دور ۾ يعني 18 ۽ 19 صديءَ ۾ جرمن فلسفي تمام گهٽي اوسر ڪئي ۽ ان دور کي جرمن فلسفي جو سونهري دور چئجي ٿو. ان سونهري دور جا سبب ڪجهه هي هئا ته جرمني ان دور ۾ هڪ جاگيرداري سماج هو جتي سرمائيدار يا مڊل ڪلاس هڪ ننڍي پيماني تي ڇڙ وڇڙ انداز ۾ موجود هو جيڪو جاگيرداري سماج کي ڊاهڻ ۽ انقلابي تبديليءَ جي قوت ڪان عاري هو. هڪ پاسي انگلينڊ ۽ فرانس اندر سرمائيدار طبقو آزادي، برابري ۽ معقوليت جي نعري هيٺ جاگيرداري سرشتي کي ٽوڙڻ ۽ هڪ جديد رياست جي تشڪيل لاءِ عملي جدوجهد ڪري رهيو هو ۽ سماج جو عملي سياسي هلچل ۾ هجڻ جي ڪري اتي سماجي ۽ سياسي فلسفو ۽ شعور اڀري رهيو هو ته ٻئي پاسي جرمني جو مڊل ڪلاس عملي قوت نه هجڻ جي ڪري فلسفي جي ميدان ۾ پنهنجي قوت صرَف ڪندي، آزادي ۽ معقوليت جا اعليٰ فلسفياڻا خيالي تصور جوڙي رهيو هو. جرمن سماج هڪ وڏي انقلاب مان گذري رهيو هو جيڪو عملي ميدان ۾ نه پر عقل جي دنيا ۾ هو. مختصراً سرمائيداري انقلابن خاص طور تي فرينچ انقلاب جي آدرشن جرمن فلسفين کي گهڻو متاثر ڪيو ۽ انهن آدرشن جو جرمن فلسفي تي گهرو اثر آهي. پر هن مضمون ۾ اسان پوري جرمن فلسفي تي نه پر شيلنگ ۽ هيگل جي فلسفي جي ڪجهه پاسن تي ڳالهائينداسين.

شيلنگ ويڳاڻپ ۽ آزاديءَ کي تاريخي يا ارتقائي لقاءُ سمجهي ڪري حل ڪري ٿو. اهو نقطئه نظر جدلياتي نقطئه نظر جو بنيادي اصول آهي. شيلنگ وٽ فطرت هڪ حياتياتي ڪُل (Organic whole) آهي جيڪو دائمي طور ارتقا ڪري ٿو. انسان فطرت يا حياتياتي ڪُل جو اعليٰ ترين جُز آهي. انسان شعوري وجود هجڻ جي حيثيت ۾ شعور جي اعليٰ شڪل يعني فن جي تخليق جي ذريعي فطرت ۽ پنهنجي وجود جو اعليٰ شعور حاصل ڪري ٿو. ائين شيلنگ مطابق فطرت انسان جي شڪل ۾ پنهنجي پاڻ کي سڃاڻي ٿي. ڪُل ۽ جُز جي هيڪڙائي يعني فطرت ۽ انسان جي هيڪڙائي فن جي سرگرميءَ ۾ ٿئي ٿي. شيلنگ ان نتيجي تي پهتو ته اهو حياتياتي ڪُل (يعني فطرت) پنهنجي شعور ڏانهن دائمي ارتقا ڪري ٿو. اسان اهو جُز ۽ ڪُل وارو تصور پراڻي خياليت پسند فلسفي ۾ مبهم ۽ مذهبي لفظن ۾ ويڙهيل ڏِٺو ته جُز ۽ ڪُل جي هيڪڙائي ئي آزادي يا نرواڻ آهي جيڪا شعوري عمل جي ذريعي ممڪن آهي.

هيگلين فلسفلو خياليت پسند فلسفي جي اسريل ۽ سڌريل شڪل آهي. هيگل شيلنگ جي (teleological) تصور کي ڪٽي ٿو يعني ڪُلي حقيقت پنهنجي سڃاڻپ ڏانهن ارتقا ڪري ٿي پر ان کي ٿورو مختلف انداز ۾ ڏسي ٿو. هيگل مطابق معروضي حقيقت ڪجهه ڪائناتي تصورن يا قانونن (categories) جي تابع آهي جنهن کي هيگل ڪُلي حقيقت يا عقل ڪل چئي ٿو. اهو

عقل ڪُل (Absolute Idea or Reason) ئي ڪائنات جو جوهر آهي جيڪو اُن جي هر مظهر ۾ پاڻ اظهاري ٿو. مثال معروضي حقيقت ۾ ٿيندڙ هر لقاءُ خاص وقت ۽ مڪان تي ٿئي ٿو، ڪنهن ٻئي لقاءُ جو نتيجو ۽ سبب هجي ٿو، مقدار ۽ معيار يعني جوهري ۽ خارجي خاصيتون رکي ٿو، ان ۾ لازميت ۽ اتفاق جو جُز هجي ٿو وغيره. زمان ۽ مڪان، سبب ۽ نتيجو، مقدار ۽ معيار، لازميت ۽ اتفاق اهڙا ڪائناتي تصور آهن جيڪي هر شيءِ يا لقاءُ ۾ اظهارن ٿا ۽ انهن تصورن (Categories) جي ذريعي اسان مختلف شين ۽ لقائن ۾ هيڪڙائي ۽ فرق ڏسي سگهون ٿا. مختصراً انهن تصورن جي ذريعي اسان پنهنجي حواسياتي تجربي جي تشريح ڪريون ٿا. ائين هيگل مطابق ڪُلي شعور يا عقلِ ڪُل انساني شعور ۾ پاڻ ڪي اظهاري ٿو.

ٻئي پاسي هيگل هڪ اهم پيش رفت ڪري ٿو جڏهن هو انساني شعور ڪي هڪ تاريخي لقاءُ قرار ڏئي ٿو. انساني شعور هڪ سماجي لقاءُ آهي جيڪو هيٺين سطح کان مٿين سطح ڏانهن، مٿاچرائي کان اونهائي ڏانهن تاريخي ارتقا ڪري ٿو. انساني سماجي شعور، هيگل مطابق، عقل ڪُل ڏانهن ارتقا ڪري ٿو ۽ پوري سماجي تاريخ بنيادي طرح انساني شعور جي مطلق سچ ڏانهن يا جُز جو ڪُل ڏانهن سفر آهي. پر هيگل تاريخ کي هڪ پاسائون نه پر جدلي سلسلو سمجهي ٿو. هيگل وٽ تاريخ هڪ پاسي انسان جي ويڳاڻپ جي تاريخ آهي ته ٻئي پاسي انسان جي آزاديءَ ڏانهن سفر جي. هيگل انساني شعور جي تاريخ جا ٽي دور ٻڌائي ٿو جيڪي انساني تاريخ جا ٽي دور آهن. پهريون دور حواسياتي شعور جو آهي جنهن ۾ انسان صرف ٻاهرين انفرادي شين جي حواسياتي ڄاڻ حاصل ڪري ٿو. پر حواسياتي ڄاڻ ۾ به ڪائناتي تصورن (Categories) جو اظهار هجي ٿو جنهن جو انسان کي شعور نٿو هجي. ائين اهو دور انساني شعور ۽ عقلِ ڪُل جي هيڪڙائي جو دور آهي. اِها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته هتي انفرادي انسان جي نه پر سماجي انسان ۽ سماجي شعور جي ڳالهه ٿي پئي. ٻيو دور ذات جي شعور جو دور آهي جنهن ۾ انسان پنهنجي ذات کي ٻاهرين لقائن کان الڳ ڪري ڏسي ٿو ۽ پنهنجي شعور جو شعور حاصل ڪري ٿو. ذات جو شعور هيگل وٽ آقا ۽ غلاميءَ جي دور جو اظهار آهي. هتي پڻ ذات مان مراد انفرادي ذات نه پر سماجي انساني ذات آهي. اهو دور انساني شعور جو عقل ڪُل کان ويڳاڻپ جو دور آهي، عڪس جو ڪُلي حقيقت کان يا جُز جو ڪُل کان الڳ ٿيڻ جو دور آهي. ائين هيگل وٽ ويڳاڻپ هڪ تاريخي لقاءُ آهي ۽ انساني آزادي لاءِ هڪ لازمي ڏاڪو آهي. انساني شعور جي ڪُلي شعور کان ويڳاڻپ ئي انساني شعور جي ڪُلي شعور ڏانهن ارتقا جي بنياد آهي. ٻين لفظن ۾ انسان تڏهن ئي آزادي لاءِ جاڪوڙيندو جڏهن هو پهرين ڏاڪي ۾ غلام ٿيندو. هيگل وٽ ٽيون دور انساني شعور جو عقل ڪُل کي ڄاڻڻ جو دور آهي يعني جُز جو ڪُل سان ملڻ جو دور. انسان جي ان ڪُلي شعور ۽ تاريخ جي جبر ۽ لازمي ارتقا جي ساڃاهه ئي آزادي ۽ ويڳاڻپ جو خاتمو آهي. ائين آزادي پڻ هڪ تاريخي لقاءُ آهي.

اسان مضمون ۾ جرمن فلسفي تي ڳالهائيندي اها ڳالهه ڪئي ته بورجوا انقلابن خاص طور تي فرينچ انقلاب جو هيگل ۽ ٻين مفڪرن تي گهرو اثر هو. ان ڪري هيگل جديد سرمائيداراڻي رياست کي عقل ڪُل جي حقيقي شڪل سمجهي ٿو. هيگل وٽ بورجوا سماج معقول (Rational) سماج آهي جتي انسان شعوري طور تي زندگيءَ کي طئي ڪري ٿو ۽ پاڻ وهيڻو آهي. ٻين لفظن ۾ هيگل جي فلسفي ۾

جديد رياست جي تشڪيل جي ذريعي انسان جي ويڳاڻپ جو خاتمو ٿي چڪو آهي.

هيگل جي خاليت ۽ هيگل کان پهريان واري خياليت پسند فلسفي ۾ فرق ۽ هيڪڙائي کي سمجهڻ ضروري آهي. طبقاتي سماج جي وجود ۾ اچڻ سان ذهني ۽ جسماني پورهئي جي ورڇ اپري ٿي ۽ سماجي شعور جون مختلف شڪلون سماجي وجود کان هڪ نسبتاً آزاد حيثيت وٺن ٿيون. ان نتيجي ۾ تاريخ ۾ خياليت پسند نقطئه نظر اپريا جن تاريخ جو حقيقي محرڪ شعور کي قرار ڏنو ۽ انسان کي صرف شعوري وجود جي حيثيت ۾ ڏنو ۽ جيئن ته جسماني پورهيو تاريخ ۾ پيڙهيل پرتن ئي ڪيو آهي، ان ڪري هندو ۽ يوناني خياليت پسند مفڪرن کان وٺي هيگل تائين سپني مفڪرن شعوري پورهئي کي ئي اصل انساني ڪم سمجهيو آهي ۽ هنن وٽ ويڳاڻپ ۽ آزادي بئي شعوري لقاءُ رهيا آهن. انسان کي صرف شعوري وجود جي حيثيت ۾ ڏسڻ واري غلطي مادي واد مفڪرن پڻ ڪئي آهي. مارڪسزم جي ان پوري طريقي ڪار تي تنقيد آهي. پر هيگل بئي پاسي خياليت پسند فلسفي جي سڌريل شڪل آهي. جيئن اسان ڏنوسين ته هيگل تاريخ ۽ انساني شعور کي پين فلسفين کان مختلف انداز ۾ ڏسي ٿو. هيگل انساني شعور، ان جي ويڳاڻپ ۽ آزادي کي تاريخي لقاءُ سمجهي ٿو. اِهو ئي اُهو فرق ۽ هيگل جو مثبت پاسو آهي جنهن کي مارڪس کڻي ٿو.

هيگل جو سرمائيداراڻي سماج ڏانهن نقطئه نظر لبرل فلسفي جي وعدي جو تسلسل آهي ته بورجوا سماج تاريخ جو معراج ۽ انسان جي نجات جي ضمانت آهي. اسان بورجوا تهذيب جي تباهڪارن جي نتيجي ۾ رُوسو جي عمومي طور تهذيب تي تنقيد تي به نظر وڌي. اسان مضمون جي ٻئي حصي ۾ اهو ڏسنداسين ته مارڪس ڪهڙي انداز ۾ اِن پوري شعوري اوسر تي تنقيد ڪري ٿو ۽ انسان جي ويڳاڻپ کي ڪهڙي انداز ۾ ڏسي ٿو.

(II)

ويڳاڻپ جو تصور ۽ انسان جو ويڳاڻپ خلاف احتجاج تاريخ ۾ مختلف شڪلن ۾ موجود رهيو آهي جنهن تي اسان مضمون جي پهرين حصي ۾ مختصر نظر وڌي. اسان مختلف نظرين جي تاريخي حدن تي به ڳالهايو. سماجن جي عمومي سطحي اوسر جي



ڪري، تاريخ، انساني آزادي ۽ ويڳاڻپ جو تصور به خيالي ۽ هڪ پاسائون رهيو آهي. سرمائيداري دور ۾ انسان جون پيداواري سگهون پين تاريخي دورن جي مقابلي ۾، اعليٰ سطح تائين پهچن ٿيون. نتيجي ۾ انسان جو فطرت سان ۽ ٻئي انسان سان مادي ۽ عقلي تعلق (عقلي يا شعور تعلق مان مراد سماجي شعور آهي جهڙوڪ سائنس، فلسفو وغيره) به اعليٰ سطح تائين پهچي ٿو. ائين تاريخ يا عمومي ارتقا جو جدلياتي مادي تصور جڙي ٿو. جنهن کي اسان مارڪسزم چئون ٿا. عظيم فرد يا نظريا عدم مان ناهن پيدا ٿيندا بلڪه اهي پنهنجي سماج جي عمومي پيداواري سرگرمي ۽ شعوري اوسر جو نتيجو هوندا آهن. مثال جي طور تي سنڌي سماج ۾ آئنسٽائين، فرائيڊ يا مارڪس جهڙا سائنسدان نٿا پيدا ٿين. ان جو سبب اِهو آهي ته سنڌ عمومي سماجي اوسر ۽ سائنسي شعور ۾ يورپ جي اسريل سماج

کان پنهنجي پيل آهي. جتي اهي فرد پيدا ٿيا. ائين مارڪسزم به پنهنجي سماجي حالتن جي پيداوار آهي.

مارڪس فلسفي جي تاريخ تي تنقيد ڪندي انسان کي عملي وجود جي حيثيت ۾ ڏسي ٿو جيڪو پنهنجي اردگرد جي دنيا ۽ پنهنجي پاڻ کي عملي طرح تعمير ۽ تخليق ڪري ٿو. مارڪس وٽ پورهيو انسان جو اُهو بنيادي سچ آهي جيڪو هن کي ٻين جاندارن کان الڳ ڪري بيهاري ٿو ۽ پورهيو يعني بامقصد سماجي سرگرمي ئي سماج جو بنياد آهي. پورهيو اهڙي بامقصد سرگرمي آهي جنهن جي ذريعي انسان پاڻ کان ٻاهر معروضي دنيا کي پنهنجي ضرورتن آهر تبديل ۽ تخليق ڪري ٿو يعني معروضي دنيا کي انساني شڪل ڏئي ٿو ائين هو پنهنجي شعوري ۽ جسماني سگهن کي به تخليق ڪري ٿو. اڄ جو انسان جيڪو سائنسي، ٽيڪنيڪي ۽ فن جون وڏيون تخليقون ڪري ٿو ان جي پويان هزارين سالن جو انساني پورهيو آهي. ائين انسان به خود پنهنجي پورهئي جي تخليق آهي ۽ تهذيبن (Civilizations) جو به بنياد اجتماعي انساني پورهيو آهي. مارڪس انسان جي شعوري وجود جو انڪار نٿو ڪري پر ان کي انسان جي عملي پيداواري سرگرميءَ جو اظهار ٿو سمجهي.

مارڪس وٽ بنيادي طور تي ويڳاڻپ مان مراد انسان جي پنهنجي پورهئي کان ويڳاڻپ آهي. مارڪس ويڳاڻپ جي لقاءُ کي سمجهائيندي اُتان کان شروع ڪري ٿو جتي جرمن فلسفي ڪٽن ٿا يعني مارڪس سرمائيداراڻي سماج ۾ پورهيت جي معاشي ۽ سماجي حالت ۽ ان جي ويڳاڻپ تي ڳالهائي ٿو. ائين مارڪس اهو ثابت ڪري ٿو ته سرمائيداري سماج معقول نه پر الٽو بيٺل آهي. جتي پورهيت پنهنجي پورهئي کان ويڳاڻو آهي. مارڪس پنهنجي تصنيف "معاشي ۽ فلسفياڻي مسودي" ۾ هڪ بنيادي حقيقت کان شروع ڪري ٿو ته پورهيت پنهنجي تخليقي صلاحيتن يعني پورهئي جي ذريعي پوري سماج جي دولت تخليق ڪري ٿو پر اُها تخليق پنهنجي خالق کان ويڳاڻي آهي. پورهيت دولت تخليق ڪرڻ باوجود مفلس آهي. پورهيت خوبصورت گهر ۽ جايون ٺاهي ٿو پر پاڻ رستن تي سمهي ٿو ۽ جهوپڙن ۾ رهي ٿو. پورهيت دنيا جي خوبصورتي پيدا ڪري ٿو پر پاڻ بدصورت ٿيندو وڃي ٿو. پورهيت درسگاهون ٺاهي ٿو پر پاڻ علم کان وانجهيل رهي ٿو. ائين پورهيت جيتري دولت پيدا ڪري ٿو، اوترو هو پنهنجي بنيادي ضرورتن کان محروم ٿيندو وڃي ٿو جيتري پورهيت شين پيدا ڪرڻ ۾ پنهنجي زندگي ڏئي ٿو، اوتري پورهيت جي پنهنجي زندگي هن لاءِ لانت ٿيندي وڃي ٿي.

اپنے ہی جسموں کی صلیبوں پر
ہیں روحیں آویزاں
زندگی اس دائمی دوزخ میں یونہی
رائیگاں

اها دولت يا سرمايو، جيڪا پورهيت جي تخليق آهي، پورهئي جي شڪل آهي. جنهن کي مرده پورهيو چئجي ٿو ڇاڪاڻ ته پورهيت جي خلقيل شيءِ هن جي پورهئي جي معروضي شڪل آهي. اهو مرده پورهيو زنده پورهئي کان نه صرف ويڳاڻو آهي پر ان تي حڪمراني ڪري ٿو. اهو مرده پورهيو (سرمايو) زنده پورهئي کي جنس ٺاهي پنهنجو پاڻ کي وڌائي ٿو ۽ پورهيت پنهنجي خلقيل دولت ۽ پئسي کي يعني پنهنجي پورهئي کي حاصل ڪرڻ لاءِ سڄي عمر محنت ڪندو رهي ٿو. اسان جنهن دنيا جي ڳالهه مضمون جي شروعات ۾ ڪئي هئي، اُها هيءَ ئي دنيا آهي. جنهن دنيا ۾ تخليق پنهنجي خالق تي، يعني مرده پورهيو زنده پورهئي تي حڪمراني ڪندو

هجي، ان ئي دنيا ۾ زنده انسان مرده انسانن جي پوڄا ڪري سگهن ٿا ۽ خالق پنهنجي ئي خلقيل تصورن جي غلاميءَ ڪري سگهي ٿو. جنهن دنيا ۾ زنده انسانن جي زندگي لانت هجي ۽ هنن جي خوشي ۽ بقاءَ پنهنجي ئي خلقيل مرده دولت جي حاصلات ۾ هجي، ان ئي دنيا ۾ زندگي پاڻ کان ويڳاڻي ٿي پنهنجي ئي موت جي تلاش ۾ هجي ٿي. مارڪس ويڳاڻي پورهئي (Alienated Labour) کي ئي ويڳاڻي شعور جو بنياد سمجهي ٿو. مارڪس فائر باخ تي تنقيد ڪندي لکي ٿو ته فائر باخ ان حقيقت کان بي خبر آهي ته "هن (حقيقي دنيا) ۽ هُن (آسماني يا دينوي دنيا) جو تضاد خود دنيوي بنياد (حقيقي دنيا) جي اندر ۽ ڳر ۾ موجود تضاد سان ئي سمجهي سگهجي ٿو. ان ڪري خود هن (حقيقي) دنيا کي تضاد جي حيثيت ۾ سمجهڻو پوندو ۽ پوءِ هيءُ ته ان تضاد جي خاتمي لاءِ خود هن دنيا کي انقلابي عمل مان گذرڻو پوندو ۽ جڏهن هڪ ڀيرو "مقدس خاندان" جو راز "زميني خاندان" ۾ کُلي نروار ٿي پوي، تڏهن خود "زميني خاندان" جي نظرياتي ۽ عملي تنقيد وسيلي ڪايا پلٽ ٿيڻ گهرجي."

مرده پورهيو (سرمايو) پوري سماج جي نفسيات ۽ اخلاقيات کي به طئه ڪري ٿو. انسان هن سماج ۾ پنهنجي هر ممڪن صلاحيت، ذهني توڙي جسماني، کي پنهنجي ئي خلقيل دولت ۽ پئسي کي حاصل ڪرڻ لاءِ مارڪيٽ ۾ وڪڻي ٿو. صرف ان ڪري نه ته انسان (پورهيت) ان کان محروم آهي پر ان ڪري به ته سرمائيداري سماج ۾ ان ئي انسان جي عزت ۽ شناخت آهي جنهن وٽ دولت ۽ شيون آهن. ايرڪ فرام "صحتمند معاشرو" ۾ لکي ٿو "(جديد دور) ۾ انسان پنهنجي پاڻ کي هڪ جنس جي شڪل ۾ ڏسي ٿو. اسان جو جسم، ذهن، روح هن لاءِ ذاتي سرمايو آهن ۽ انسان جي زندگيءَ جو مقصد ان سرمايي کي صحيح جڳهه تي لڳائڻ آهي جيئن پنهنجي پاڻ جو منافعو ڪمائي سگهجي. جديد دور ۾ انسان جي ذاتي شناخت هن جي مارڪيٽ ۾ ڪردار تي آڌاريل آهي." اِها ويڳاڻي دنيا جي ويڳاڻي نفسيات آهي جتي شيون انسان جو قدر طئي ڪنديون هجن. جيئن هڪ ڪٽر مذهبي ماڻهو پنهنجون سموريون مادي خواهشون ترڪ ڪري پنهنجي ئي خلقيل تصورن جي پوڄا ڪندو رهي ٿو. ائين سرمائيداري دنيا جو انسان سموري زندگي ۽ پنهنجون خواهشون قربان ڪري پنهنجي ئي تخليق (دولت) کي حاصل ڪرڻ ۽ ان جي پوڄا ڪرڻ ۾ مشغول رهي ٿو. ائين انساني پورهيو سرمائيداري سماج ۾ پنهنجي معنيٰ وڃائي ويهي ٿو يعني سرمائيداري سماج ۾ انسان هر قسم جو پورهيو معاشي بقاءَ ۽ سماجي قدرن (Social Values) جي جبر هيٺ ڪري ٿو. اهو ويڳاڻپ جو ٻيو پهلو آهي. هڪ ته پورهئو ڪندڙ هن سماج ۾ پنهنجي تخليق کان ويڳاڻو آهي ۽ ٻيو اهو ته پورهيو ڪندڙ پنهنجي انساني سرگرمي يعني پوري پورهئي جي عمل کان ويڳاڻو آهي، پورهئي سان هُن جو تعلق خارجي آهي ۽ پورهيو يا ڪم هُن لاءِ پنهنجو پاڻ ۾ هڪ مقصد نه پر روزي روٽي ۽ پئسي ڪمائڻ جو هڪ ذريعو هجي ٿو. ائين انسان پورهئي جي عمل دران پنهنجو پاڻ کي تخليق نه ڪندو آهي پر رحم جوڳي مخلوق سمجهندو آهي. انسان پورهيو پنهنجي لاءِ نه پر ٻئي لاءِ ڪندو آهي. ائين پورهيو انسان لاءِ گلي جو طوق هجي ٿو. جڏهن انسان يعني پورهيو ڪندڙ پنهنجي اصل انساني ڪم ۽ پنهنجي بنياد سچ کان ويڳاڻو آهي، تڏهن هُن کي حيواني يا جبلي سرگرمي جهڙوڪ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، جنسي فعل ڪرڻ وغيره ۾ ئي سڪون محسوس ٿيندو آهي. ماڻهو، هن سماج ۾،

پاڻ کي حيواني ڪمن ۾ انسان ۽ انساني ڪم ۾ حيوان محسوس ڪندو آهي. هن ابتي دنيا ۾ مارڪس چواڻي ته ”انسان حيوان ٿيو وڃي ۽ حيوان انسان.“

سرمائيداري سماج ۾ انسان پنهنجي غلاميءَ کي پاڻ قبول ڪري ٿو. اها سرمائيداري سماج جي اهڙي خصلت آهي جيڪا هن کي ٻين طبقاتي سماجن کان جدا ڪري ٿي. هڪ پاسي پورهيو يا محنت انسان جي لاءِ گلي جو طوق آهي ٻئي پاسي معاشي بقاءَ ۽ شين يا دولت پويان ڦٽڪڻ واري سرمائيداراڻي نفسيات جي ڪري، انسان اهو طوق پنهنجي گلي ۾ پاڻ پائي ٿو. پراڻن سماجن ۾ خارجي طاقت (External Force) جي ذريعي پيڙهيل پرتن کان ڪم ورتو ويندو هو پر هن سماج ۾ غائبانه (Invisible) طاقت جي ذريعي انسان کي غلام ٺاهيو وڃي ٿو.


انسان (پورهيت) جو جيڪو تعلق پنهنجي پورهئي جي عمل ۽ پاڻ سان هوندو، اهڙو ئي تعلق هن جو ٻين انسانن ۽ پوري سماج سان هوندو. انسان جي ويڳاڻپ هن جي عملي رشتن ۾ ئي اظهارجندي آهي. انساني پورهيو پوري سماجي زندگيءَ جو بنياد آهي پر پورهيو جڏهن صرف روزي روٽي ڪمائڻ ۽ معاشي تحفظ جو ذريعو هجي ته پوءِ انسان جون تعميري صلاحيتون سماجي زندگيءَ کي بهتر ٺاهڻ لاءِ استعمال نه ٿيون ٿين. ائين انسان پوري سماج کان ويڳاڻو آهي ۽ هن لاءِ سماجي زندگي ۽ تعلق انفرادي بقاءَ ۽ ذاتي مفاد جي پورائي جو ذريعو آهن. ٻئي پاسي سماجي زندگي کان ويڳاڻپ يعني پنهنجي پوري زندگي کان ويڳاڻپ آهي.

اسان ان دنيا ۾ رهون ٿا جتي هڪ انسان ٻئي انسان جو استحصال ڪري ٿو ۽ ٻئي انسان کي پنهنجي ڏاڍ ۽ جبر جو نشانو ٺاهي ٿو. هيءُ ئي اها دنيا آهي جتي هڪ انسان پاڻ جهڙي ٻئي انسان جي پوڄا ڪري ٿو. مارڪس ويڳاڻپ جي ان شڪل کي به پورهيت جي پنهنجي تخليق ۽ پورهئي جي عمل کان ويڳاڻپ جي بنياد تي سمجهي ٿو. پورهيت جي پنهنجي پيداوار کان ويڳاڻپ جو مطلب اهيو آهي ته ان پيداوار تي ڪنهن ٻئي انسان جي مالڪي آهي. پورهيت جي پنهنجي تخليق ڪيل دولت جي غلامي جو مطلب ان انسان (سرمائيدار، جاگيردار وغيره) جي غلامي ۽ ڏاڍ آهي جنهن جي ان دولت تي مالڪي آهي. پورهيت جو پنهنجي پورهئي سان ويڳاڻو تعلق، پنهنجي تخليق سان ويڳاڻو تعلق، ٻئي انسان جو ان پورهئي تي مالڪي وارو تعلق به پيدا ڪري ٿو. ائين ويڳاڻو پورهيو (Alienated Labour) ذاتي ملڪيت، طبقاتي استحصال ۽ انسان جي انسان کان ويڳاڻپ جو بنياد آهي. مارڪس ”معاشي ۽ فلسفياڻي مسودي“ ۾ لکي ٿو ”ذاتي ملڪيت جو راز ان جي آخري سطح جي اوسر (يعني سرمائي جي شڪل) ۾ فاش ٿئي ٿو ته اها هڪ پاسي ويڳاڻي پورهئي جو نتيجو آهي ۽ ٻئي دور ۾ اهو هڪ سبب آهي جنهن جي ذريعي پورهيو ويڳاڻو ٿئي ٿو.“ مارڪس وڌيڪ لکي ٿو ”جيئن ديوتا (gods) بنيادي طور تي انساني عقلي مونجهاري جو سبب نه پر نتيجو هجن ٿا. ٻئي دور ۾ اهي عقلي مونجهاري جو سبب بڻجي وڃن ٿا.“ مارڪس سرمائيداري دور ۾ پورهيت جي ويڳاڻپ کان شروع ڪندي ان نتيجي تي پهچي ٿو ته ويڳاڻو پورهيو پوري طبقاتي سماج جو نه صرف لقاءُ پر بنياد آهي پر ويڳاڻي پورهئي ۽ ذاتي ملڪيت جو راز سرمائي جي اوسر جي نتيجي ۾ فاش ٿئي ٿو جڏهن انسان جي ويڳاڻپ اعليٰ سطح تائين پهچي ٿي يعني سماج جي پوري ملڪيت ۽ دولت ڪجهه هٿن ۾ جمع ٿي وڃي ٿي. ائين مارڪس وٽ ويڳاڻپ هڪ تاريخي لقاءُ آهي.

مارڪس وٽ آزادي به هڪ تاريخي سلسلو آهي. سرمائيداري سماج ۾ هڪ پاسي انسان جي ويڳاڙپ اعليٰ سطح تائين پهتي آهي ته ٻئي پاسي اهي ئي انسان جي مڪمل آزادي يا مادي بنياد آهن يعني سرمائي جي اوسر جي نتيجي ۾ ئي ذاتي ملڪيت جو راز فاش ٿيو آهي ۽ ان جي خاتمي جا بنياد پيدا ٿيا آهن. ائين انساني تاريخ انسان جي وڌندڙ ويڳاڙپ جي تاريخ به آهي ۽ وڌندڙ آزادي جي به. اها ئي تاريخ جي جدليات آهي. هيگل وٽ تاريخ جي ان جبر جي ساڃاهه آزادي آهي پر مارڪس وٽ اِن لازميت ۽ جبر جي ساڃاهه آزاديءَ ڏانهن هڪ قدم آهي. مارڪس وٽ تاريخ جي ان جبر ۽ جدليات ڪي سمجهندي ان مطابق هڪ عملي تبديلي جي ذريعي ويڳاڙي پورهئي ۽ ذاتي ملڪيت جو خاتمو ئي آزادي آهي. مارڪس وٽ ويڳاڙي پورهئي جو خاتمو نه صرف پورهيت طبقي بلڪه پوري انسانيت جي نجات آهي ڇاڪاڻ ته ابتي دنيا ۾ نه صرف غلام پر حاڪم به پنهنجي انسانپڻي کان ويڳاڙو آهي. ائين مارڪسزم هڪ انقلابي نظريو ۽ تڪميل يافته انسان دوستي آهي جنهن جا بنياد سائنسي آهن.

سائنس، عينيت پرستي
۽ مادي واد فلسفو

بادل سنڌي



سائنس، عينيت پرستي ۽ مادي واد فلسفو هي ٽئي هڪ حوالي سان علم جا قسم آهن جيڪي ڪنهن فرد يا ڪنهن خاص گروهه جي شعور، سمجهه ۽ هن جي عملن جو تعين ڪن ٿا. جيڪڏهن ڪو فرد ڪنهن خاص مذهب يا مسلڪ سان وابسطه هوندو آهي ته هن جا عمل به ان جي طابع هوندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪو فرد جو شعور سائنسي سمجهه يا مادي واد فلسفي جو جڙيل هجي ٿو ته ان جي عملن جو عڪس به ان مان ظاهر هوندو آهي. ائين ناهي ته ڪنهن فرد جو شعور ئي هن کان سڀ ڪم ڪرائيندو آهي، سماجي رسم و رواج، گهرجون ۽ اتان جون علاقائي حالتن جو به عملن تي گهرو اثر هجي ٿو. پر اڄ اسين شعور يا علم جي انهن ٽن پاسن ڪي ڏسنداسون جيڪي انساني عملن سان گڏ هن جي روحاني جڙت جو به سبب هجن ٿا. اسين پنهنجي مضمون ۾ انهن ٽنهي شين سان لاڳاپيل ڪجهه خاص نقطن تي بحث ڪنداسون ته جيئن علم ۽ سمجهه جي قانونن کي سمجهڻ ۾ مدد ملي. اهي نقطا ترتيبوار هي آهن.

(الف) علم ڪهڙي شي آهي. سمجهه چاڪي ٿو چئجي؟

(ب) سائنس ۽ فلسفلو ڇا آهن؟

(ت) مادي واد فلسفلو ۽ عينيت پرست فلسفو.

(ج) مادي واد فلسفي ۽ سائنس جو هڪبئي تي آڌاريل هجڻ.

(د) فلسفي کان وانجهيل سائنس.

(الف) علم ڪهڙي شي آهي
۽ سمجهه چاڪي ٿو چئجي؟

هر اها شي جيڪا سمجهه جي تقاضا پوري ڪري اها علم چورائي ٿي، سمجهه جيڪا تاريخي ۽ ارتقائي آهي، جيڪا فهم جي سادي شڪل کان پيچيده شڪل ڏانهن، خيال ۽ انومانن کان تجربي ۽ تحقيق ڏانهن شڪ کان تصديق ڏانهن ۽ انهن جي ورجاءُ جو نالو آهي. علم ڪنهن به الهام جي ارشادن کي نه پر پرک جي قانونن ۽ کوج جي ميڙي چونڊي کي چئبو آهي. ڪنهن به شيءِ يا لقاءَ جي معروضي حقيقت (Objective Reality) جي ڳولا کي علم چئجي ٿو. شيون پنهنجي جوهر ۾ ڪيئن آهن؟ هڪبئي سان ربط ۾ ڪيئن آهن؟ هڪبئي کي ڪيئن ٿيون هلائن؟ اِهو سڀ ڪجهه مطلب ته فطري توڙي سماجي سائنسون، فن، ادب، تاريخ، ثقافت سڀ علم جا الڳ الڳ پاسا آهن. هتي هڪ ڳالهه ذهن ۾ رهڻ گهرجي ته قصا ڪهاڻيون، ڏند ڪٿائون، جادو، ٽوٽا ڦيٽا يا مذهب جا درس خود لقاءَ آهن ۽ اهي به ڪن سببن جي پيداوار آهن. انهن جي سببن جي ڳولها ۽ انهن ۾ حقيقت ۽ خيال پرستي جي معاملن ۾ تميز پيدا ڪرڻ به هڪ علم آهي. علم ۽ شعور جون هڪ دور جون ڳالهيون ٻئي دور ۾ سطحي ۽ ڇسيون به ٿي سگهن ٿيون ڇو ته علم ۽ سمجهه ارتقائي آهي. پر جڏهن علم جي اسريل


شڪل ماضيءَ جي سمجهه ڪي غلط يا غير منطقي ثابت ڪري ٿي ته پوءِ اها هڪ ”ڳالهه“ ته هجي ٿي پر علم نه!!! علم ان لاءِ نه جو علم ڪنهن شيءِ جي معروضي حقيقت يا ان جو ٻين شين سان سببي جڙت جو نالو آهي ۽ جڏهن منطق ۽ تحقيق ڪنهن شيءِ کي رد ڪري ٿي ته اها شين جو ڪوڙو شعور (False consciousness) هجي ٿي پوءِ ڀلي ان کي هڪ فرد مڃي يا پورو گروهه پر اها ماضي جو قصو يا دماغي خلل ئي هجي ٿو، ان کي ڪنهن خاص لڳاءَ يا عقيدي جي زور تي ڀلي مڃيو وڃي پر اهو علم نه آهي، عقيدو ڀل هجي!! علم لاءِ اهو به شرط آهي ته اهو انساني سماجي ۽ روحاني ترقي جو عنصر رکندو هجي. جيڪو شعور مادي جي غير حقيقي سمجهه ڏئي ٿو اهو خيال ۾ ته ٿي سگهي ٿو پر اهو نه ته ڪو اوزار ٿاهڻ جي سگهه رکندو نه ئي ڪلي سماجي ترقي ۾ ڪو ڪردار ادا ڪري سگهندو، بلڪ ري ايڪشنري (وروڌي) سگهه ٿيندو يا ته تباهي طرف نيئندو يا گهٽ ۾ گهٽ ترقي کي ٿڏو ڪندو، يا ان کي وڌڻ کان روڪڻ جو سبب بڻبو. علم ان شيءِ کي ئي چئي سگهجي ٿو جيڪا فطرت جي منطقي سمجهه ۽ جڙت ڳولهي، نه ڪي انهن ساڻ سنوڻ کي جيڪي ڪن ديوتائن يا خدائن کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪيا وڃن ٿا، يا انهن عبادتن ۽ منترن کي جيڪي لقاءَ جي سمجهاڻيءَ کان عاري آهن، ۽ سبب ۽ نتيجي کان اڻ واقف منطق کان ڀاڄ کائندڙ هجن. علم شين ۾ ترتيب پيدا ڪري ٿو. شين ۽ لقائن ۾ مرحليوار اوسر جي سمجهاڻي ڏئي ٿو ۽ ڏاڪي به ڏاڪي خيال کي نظرين (Theories) ۽ عمومي قانونن (General Law) جي شڪل ڏئي ٿو.

انساني شعور جڏهن سادي شڪل ۾ هيو ته هن وٽ لقائن ۽ شين جي سمجهاڻي به سادي هئي. جادو يا مذهبن جي شڪل ۾، جيئن جيئن انسان جو سماجي وجود (Social being) اسرندو ويو ۽ علم جي حاصلات لاءِ خاص اوزار (Tool)، اصول (Laws) ۽ طريقيڪار (Methods) اسريا ته انهن علم کي رڳو تصورن جي پيداوار بجاءِ کوج ۽ تحقيق جي حاصلات بڻائي ڇڏيو ۽ ماهراڻي انداز ۾ پراجيڪٽ اورينٽيڊ ۽ ريسرچ بيسڊ کوج ٿيڻ ڪري سائنسي بنيادن تي حاصل ڪيل نتيجن کي خياليت تي برتري حاصل ٿيڻ لڳي. هاڻ علم لاءِ اوزارن ۽ شين جي ضرورت ڪنهن تبليغي جماعت کان وڌي وئي. انساني معراج هن جي علم جي اعليٰ سطح ئي هجي ٿو. اهو علم جيڪو فطرت، سماج ۽ سمجهه جي قانونن کي اظهاري ٿو ان کي جدليات چئجي ٿو. جيڪو وري علمن جو معراج آهي. هيگل ڪٿي لکيو هيو ته ”هر حقيقت ڪٿل هجي ٿي.“ها بلڪل اها علم جي هڪ بنيادي خاصيت آهي علم جي ترقي جو ماخذ شڪ رهيو آهي. شڪ ڪرڻ عام طور تي بدعت سمجهيو وڃي ٿو پر اها شڪ جي طاقت ئي آهي جنهن ڪري علم ڏاڪيوار ترقي ڪئي آهي. اها هڪ اهڙي ڏاڪڻ آهي جنهن ۾ علم مٿاهين ڏاڪي تي بيهي نئين سري سان ڪيل تجربن، مشاهدن ۽ تجزين جي آڌار تي فطري ۽ سماجي لقائن جي اڃان به بهتر ۽ عقلي وضاحت پيش ڪري ٿو هر ايندڙ ڏاڪو مادي ۽ مادي لقائن کي وڌيڪ چٽو ڪندي عقيدن ۽ وهمن جي صفائي ڪندي سائنسي سمجهاڻي کي جڳهه ڏئي ٿو. استاد بخاري چواڻي ته

”انسان جي عظمت کي مڃون ٿا سو مڃون ٿا.
ڌرتيءَ کان هلي چنڊ وڃون ٿا سو وڃون.
تحقيق جي مضبوط هٿوڙي سان ٺڪوڙي،
وهمن جا ٺلها ٺاهه پڃون ٿا سو پڃون ٿا.“

(ب) سائنس ۽ فلسفو ڇا آهن

سائنس شين ۽ لقائن جو علم آهي ۽ فلسفو انهن شين جي وچ ۾ تعلق جو علم، معنيٰ ته ربط جو علم آهي. سائنس ڪنهن



به شيءِ يا لقاءَ جي جوهر جي ڄاڻ آهي، معنيٰ ته سائنس اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندي ته ڪابه شيءِ "پنهنجو پاڻ ۾" ڪيئن آهي نه ڪي اهو ته "ڪنهن" ان لاءِ ڇا ڇيو آهي ۽ فلسفو سائنس جي اهڙين مڙني مخصوص (جزوي) سچاين جي ڪليت آهي. ڪابه مخصوص سائنس جڏهن ڪنهن شيءِ جي کوج يا تحقيق ۽ تصديق ڪري ٿي ته اها ڪنهن اڇي ڪاغذ تي هڪ نقطو لڳائي ٿي ۽ اهڙن ڍير سارن تحقيقن جي نقطن مان فلسفو ان سچي چٽ جي گڏيل عڪاسي ڪري ٿو ۽ سائنس جي خاص علمي نقطن مان عمومي (General) قانون ڳولهي لهي ٿو ۽ انهن ڪلي لقائن جي سببي جڙت ڪندي شين ۽ لقائن جا ڪائناتي تصور (Universal concepts) ۽ تشريحون پيش ڪري ٿو. جيئن ڪنهن خاص انقلاب کي پڙهڻ يا جانچڻ هڪ سائنس هجي ٿي پر انقلابن جي مرڪزي تضادن جي ڪليت کي فلسفو چئي سگهجي ٿو ته ڪهڙي انقلاب سماج جي ڪهڙن تضادن کي حل ڪيو، ڪهڙن تضادن کي جنميو ۽ ڪهڙي قسم جي نئين انقلاب لاءِ مادي سامان پيدا ڪيو. ائين ڪٿي چئجي ته اهو فلسفو (تاريخي جدلي ماديت) انقلابن جي سببن ۽ واقعن جي ڪليت پيش ڪري ٿو. فلسفي ۽ سائنس جو ڪم فطرت ۽ سماج جي حقيقي جڙت کي ڳولهڻ ۽ انهن جي سمجهه کي سرشتيوار (Systematic) بڻائڻ آهي. جڏهن انسان جي دماغ ۾ سرشتيوار علم نٿو هجي



ته اهو عقيدن ۽ غير منطقي خيالن لاءِ جڳهه پيدا ڪري ٿو پر ان جي برعڪس سائنس ذهن کي وڌيڪ تحقيقي ۽ کوجي بڻائي ٿي ۽ دماغ جي به سائنسي جڙت ڪري ٿي جنهن سان انسان جي دماغ جي تنقيدي حس (critical faculty of mind) اسري ٿي ۽ غير عقلي شين ۽ خيالن کي ڌوئي صاف ڪري ٿي ۽ فرد کي سمجهه ڏانهن اڻ ڏريو ۽ معروضي بڻائي ٿي. جنهن سان شين جي درست وضاحتن تائين پهچڻ جا امڪان پيدا ڪري ٿي. رستي ويندي جيڪڏهن ڪنهن پهاڙ تان ڪو سهڻو پٿر يا هيرو هڪ عينيت پرست ماڻهو کي هٿ چڙهندو ته هن لاءِ اهو ڪنهن قادر جي قدرت جو ڪو ڪرشمو هوندو ۽ هو ان کي ڪنهن سبحان جي صاحبي سمجهندي ان پٿر يا هيري جي ساخت ۽ مزاج ڏانهن ڌيان ئي نه ڏيندو. ان جي ابتڙ جيڪڏهن ڪنهن جيالاجسٽ (Geologist) کي جڏهن اهو پٿر هٿ ايندو ته هن جي اک فوٽ بال جيڏي ٿي ويندي ۽ هن جي دماغ ۾ اهي سڀ ڪيمائي ۽ طبعي عمل ذهن ۾ ڊوڙڻ لڳندا جن واريءَ جي ذرڙن کي هڪ قيمتي پٿر ۾ تبديل ڪيو. هو ان پٿر کي ڏسندي ان ڳالهه جو اندازو لڳائڻ جي ڪوشش ڪندو ته هي پٿر تبديلي جي ڪهڙي مرحلي تي آهي ۽ ڪهڙيون خاصيتون هن وقت اٿس ۽ ڪهڙين تبديلين جي گنجائش اڃا رکي پيو. مطلب ته سائنس آس پاس جي مادي دنيا سان مادي بنيادن تي حقيقي سمجهه وارا رشتا جنمي ٿي ۽ شعوري ويڳاڻپ کان بچائي ٿي.

(ت) مادي واد فلسفو ۽ عينيت پرست فلسفو

پاڻ پهرين بيان ڪري آيا آهيون ته شين ۽ لقائن جي ڪائناتي (Universal) يا عمومي (General) سمجهه کي فلسفو چئجي ٿو جيڪو شين يا لقائن بابت گڏيل تصور (World view) پيش ڪري ٿو. ان حساب سان ته اهڙيون ڪوڙ ذريون آهن جيڪي الڳ الڳ ڪائناتي تصور رکن ٿيون ڇو ته عملن ۽ لقائن ڏانهن هنن جي پرک جو انداز الڳ الڳ هجي ٿو. انهن کي پاڻ ٿلهي ليکي ٻن وڏن قسمن ۾ ورهائي سگهون ٿا. هڪ شين کي جانچڻ جو سائنسي طريقو ۽ ان تي آڌاريل ماديواد فلسفو ٻيو لقائن کي ڪنهن مطلق هستي (جنهن جي ڪا عقلي وضاحت پيش ڪيل نه آهي) جي منشا جي پيداوار سمجهندڙ، عينيت پرست فلسفو يعني سڀ مذهب آهن. (هتي اسان عينيت پرست فلسفي جي خاص شڪل يعني مذهبي ياد ڏند ڪٿائي شڪل جي ڳالهه ڪري رهيا آهيون جيڪا عينيت پرستيءَ جي به هڪ چسي شڪل آهي، جڏهن ته هيگلي فلسفي جهڙو علم به عينيت پرستي آهي پر اها وري به هڪ عينيت پرستيءَ جي بهتر يا اسريل شڪل آهي)

هتي هڪ سوال اهو به پيدا ٿئي ٿو ته ڇا مذهبن کي فلسفو چئي سگهي ٿو ته جواب ٿيندو ها!!! ڇو ته مذهب به شين ۽ لقائن جو ڪائناتي تصور ڏين ٿا. ائين عام اصطلاح ۾ اسان مذهب کي فلسفو چئي سگهون ٿا. اها ٻي ڳالهه آهي ته اها سڄي تشريح بجاءِ تحقيق ۽ کوج جي، چند شخصيتن جي ٻڌايل ڳالهين ۽ قصن جي چوگرد ڦرندي آهي. هنن کي ان ڳالهه جي پرواهه نه هوندي آهي ته ڪو لقاءُ پنهنجي جوهر ۾ ڪيئن آهي ۽ ان جي مرحليوار سمجهاڻي يا لقائي سمجهه (Phenomenal explanation) ڇا ٿيندي، هو بس ان ڳالهه تي اٽڪيل هوندا آهن ته ڦلاڻي يا ڦلاڻي پاڪ هستي اها ڳالهه چئي آهي جنهن تي شڪ يا تحقيق ڪفر آهي. جڳ مشهور اٽلي جي ڪميونسٽ اڳواڻ انتونيو گرامچيءَ پنهنجي جيل ڊائريءَ ۾ فلسفي تي لکندي اها ڳالهه ڪئي آهي ته هر ماڻهو فلسفي هجي ٿو ڇو ته هن وٽ سيّارن، ستارن، ذرتي، زندگي ۽ آسپاس جي هڙني شين بابت ڪو نه ڪو ڪائناتي تصور ضرور هجي ٿو پر اهو قسطوار (episodic) هجي ٿو. ماڻهو جي شعور جي سطح جيتري هيٺاهين هوندي شين ۽ لقائن بابت هن جي سمجهاڻي به اوتري سطحي ۽ ڪمزور هوندي پر جيئن جيئن اهو ڪي قدر علم، سمجهه ۽ شعور جي پيچيدگين کان واقف ٿئي ٿو ۽ انهن سان سائنسي جڙت ڳنڍي ٿو ته هن جي ڪائناتي تصور به اوترا پختا ۽ حقيقي سمجهه کي ويجهو هوندا.

مادي واد فلسفو ۽ عينيت پرست فلسفو سدائين عمومي قانون جي ڳولا ۾ هجن ٿا جيئن عينيت پرستن وٽ هڪ اهڙي طاقت (خدا) هجي ٿي جيڪا هنن لاءِ هڪ مطلق طاقت (Absolute power) يا وڏي ۾ وڏو عمومي قانون (General Law) آهي جيڪو هن پوري ڪائنات جو خلقيندڙ ۽ هلائيندڙ آهي ۽ اهو سڀ ڪجهه هو ڪنهن تحيقيق يا کوج جي بجاءِ عقيدي جي آڌار تي چون ٿا. ساڳي وقت مادي واد فلسفو به ڪائناتي لقائن کي هلائڻ وارن عمومي قانونن جي ڳولا ڪري ٿو هن فلسفي وٽ ڪابه شيءِ "عدم" (ڪجهه به نه) مان وجود ۾ نٿي اچي سگهي ۽ هن وٽ مادو نه تخليق ڪري سگهجي ٿو ۽ نه وري فنا ڪري سگهجي ٿو ها البته اهو هڪ حالت مان ٻي حالت ۾ مسلسل تبديل ٿيندو رهي ٿو. عينيت پرستن وٽ ڪائناتي لقاءُ ڪن سبب يا تضادن جي پيداوار نه بلڪه مطلق جي منشا جي پيداوار هجن ٿا جڏهن ته مادي

واد فلسفو هر ڪائناتي لقاءَ جي سبب ۽ نتيجي جي قانون تحت، هڪ عقلي ۽ منطقي وضاحت پيش ڪري ٿو. جن جو انڪار ذاتي خواهش ۽ عقيدن کانسواءِ ممڪن نٿو هجي. عينيت پرستن وٽ ڪا وضاحت نه آهي ته اها مطلق هستي جيڪا پاڻ غير مادي آهي سا مادي شين کي ڪهڙي ذريعي هلائي ٿي. هر طاقت جي ڪا نه ڪا شڪل ٿيندي آهي. پوءِ اها زميني ڇڪ (Gravity) هجي، بجلي جي ڇڪ جو مدار (Electrical field)، چقمقي مدار، ڪي لهرون، شعاع، گرمي مطلب ته ڪجهه به، ان جي ڪا نه ڪا مخصوص فطرت هجي ٿي ۽ اها ڪَن مادي قانونن تحت ٻي شي يا لقاءَ تي اثر رکي ٿي ۽ انهن مان هر هڪ طاقت خود مادي جي پيداوار هجي ٿي ۽ مادي قانونن جي ماتحت هجي ٿي پر عينيت پرستن واري مطلق طاقت جي فطرت ۽ ان جي مادي ڪائنات سان تعلق ۽ جڙت جي ڪا به عقلي وضاحت نه آهي. ها هو ابترو سو ڪندا آهن ته سائنس ۽ مادي واد فلسفي جي ڏنل وضاحتن مان ٽٽل انداز ۾ شيون ڪٽي انهن ۾ هٿ ٺوڪي لاجڪ (Logic) وجهندا آهن ۽ ان مان هو پنهنجي منشا جا نتيجا ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهو منطق (Logic) سردارن ۽ پناڻن تي ٺهيل پوڪن (Jokes) جهڙو ئي هجي ٿو جيئن ڪو هڪ ڊرائيور هڪ ٽرڪ سان ٻي ٽرڪ کي ٽوچڻ ڏيو پئي ويو ته اتي بيٺل هڪ سردار وڏو ٺهڪ ڏنو ته ڪنهن پڇيس ته سردار خير ته آهي! ڇا ٿيو آهي، ته چيائين ته ٻن ميٽرن جي رسيءِ کي ڪاهي وڃڻ لاءِ ٻه ٻه ٽرڪون؟؟؟!!! ها جڏهن ٻن ٽرڪن جي وچ ۾ رسيءَ ٽڪر هوندو ته عين ممڪن آهي ته ڪنهن لاءِ ان لقاءَ جي لاجڪ اها هجي ته هي ٻئي ٽرڪون ان رسي کي ڪاهيون پيون وڃن. ساڳي قسم جو ڏنڌو عينيت پرست فلسفي سان لاڳاپيل هڙئي

ڏڙيون ڪنديون آهن. هڪ ننڍو مثال ڊاڪٽر ذاڪر نائڪ (جاهل نائڪ) جو ئي وٺون ٿا. يُو ٽيوب تي هڪ وڊيو ڪلپ رکيل آهي. "پنجن منٽن ۾ پنجويهه غلطيون" جي نالي سان ان وڊيو ۾ محترم ذاڪر نائڪ صاحب حد درجي تائين جهالت جو مظاهرو ڪندي سائنس جي ڄاڻ نه هجڻ باوجود ارتقا جي سائنسي نظريي کي غلط قرار ڏئي ٿو، جنهن صاحب کي اها به خبر نه آهي ته اسين انسان سائنس ۾ هومو سيپينس Homo Sapiens چوايون ٿا، هن پنهنجي بحث ۾ اها ڳالهه ڪئي ته هومو سيپينس اڄ کان 10 لک سال اڳ مري کپي ويا؟؟!! جي هومو سيپينس مري کپي ويا ته پوءِ اسين ڪير آهيون؟؟!!! هي محترم پاڻ ڪير آهي؟؟؟ اهڙي قسم جون 25 غلطيون هن صرف 5 منٽن جي ڳالهه ٻولهه دوران ڪيون آهن. ان مان اوهان اندازو لڳايو ته هي سائنس کي غلط قرار ڏيڻ جو ڍنڍورو پٽڻ وارا پاڻ ڪيترا جاهل هجن ٿا ۽ هو سائنس کي مروڙي سروڙي سردار واري لاجڪ وجهي پنهنجا من پسند نتيجا ڪڍندي ڪندي ماڻهن کي عقليت بجاءِ عقيدت جا پاشڻ ڏين ٿا. شين سان حقيقي جڙت ڳنڍڻ بجاءِ رومانيت ڇٽين ٿا. سماجي ڪايا پلٽ (انقلابن) جا اصول سمجهائڻ بجاءِ جنت جون بشارتون ڏيندي ماڻهو کي سندس جهان کان ويڳاڻو ۽ اوپرو ڪن ٿا. هيل تائين مذهبن ماڻهن ۾ يا ته خوف پيدا ڪيو آهي يا وري دهشت پسندي ۽ ڪين ڪوج ۽ تحقيق کان سدائين پري پئي رکيو آهي. مادي واد فلسفو اصل ۾ شين ۽ لقائن جي ڪليت سان گڏوگڏ انهن جي مرحليوار سمجهه ڏئي ٿو جيڪا عينيت جو موت هجي ٿي عينيت پسندي رڳو مذهبن وٽ ناهي هوندي پر سماج ڏانهن "هڪ ڏماڪو هڪ آواز" وارو رويو رکڻ وارو طريقو به ملن جيان شهادت ڪانپوءِ سڌو جنت ۾ وڃڻ واري

خيال کان بلڪل به الڳ نه آهي. ائين زندگي جي هر شيءِ ۽ هر عمل ۾ عينيت پرست يا ماديواد رجحان ملي سگهن ٿا.

(ج) مادي واد فلسفي ۽ سائنس جو هڪٻئي تي آڌاريل هجڻ

مادي واد فلسفو ۽ سائنس خلاف رڳو مذهب نه پر هر اهو سماجي سرشتو آهي، جنهن لاءِ مادي واد فلسفو ۽ سائنس موت آهن. ياد رهي ته سائنس مان مراد رڳو هٿيار ۽ اوزار ناهڻ نه پر سماجي سرشتي جي سائنسي سمجهه ۽ ان جا مادي اصول به سائنس هجن ٿا. مارڪس جي سماجي، سائنس وارن نظرين طبقاتي تاريخ کي چٽو ڪندي، سماجي هڙتي براين جي پاڙ "ذاتي ملڪيت" کي جڏهن ڳولهي لڌو ته سامراجي دنيا جا سڀ ٽڪساٽ نروار ٿي پيا ۽ سرمائيندار سرشتو اِن سماجي سائنس جي اوسر ۾ پنهنجو موت ڏسندي، فطري سائنس هٿان مرندڙ مذهبي قوتن سان ياڻپي اختيار ڪئي ۽ هيلا بهانا هلائي سماجي سائنس ۽ مادي واد فلسفي کي فطري سائنس کان جدا ڪرڻ لاءِ هٿ ٺوڪيا نظريا گهڙڻ شروع ڪيا ۽ فلسفي کي سائنس جي آزاد ترقيءَ ۾ رڪاوٽ ۽ سائنس هرو پرو جي ٽنگ اڙائڻ جا بهتان مڙهڻ شروع ڪيا ۽ بورجوا سائنسدان ۽ فلسفين سائنس ۽ فلسفي جي باهمي تعلق کي ڏُنڌلو ڪرڻ شروع ڪيو، ان لاءِ پاڻ سائنس ۽ فلسفي جو هڪ ٻئي تي آڌاريل هجڻ جو تاريخي جائزو وٺنداسون.

فلسفو ۽ سائنس سدائين هڪ ٻئي کان سکندا رهيا آهن. فلسفو سدائين سائنس جي نين تحقيقن ۽ تخليقن مان نوان ۽ تازا عمومي خيال جنميندو رهي ٿو، ۽ سائنس وري انهن عمومي خيالن ۽ قانون جي آڌار تي، اجان وڌيڪ اوسر ڪندي نوان نوان مسئلا ڳولهي ۽ انهن کي حل به ڪري ٿي. سائنس ۽ فلسفي جو اهو باهمي ۽ به طرفو تعلق پوري تاريخ مان عيان آهي.

سائنس جي جديد خيالن ۽ نظرين جي شروعات به فلسفي جي ڪچن ڦڪن بحثن جو نتيجو آهي. سائنس فلسفي جي ميدان تي بانبڙا پائڻ سکي آهي. يوناني فلسفي ڊيموڪريٽس (Democritus) جي ائٽم (Atom) بابت ويچارن تي اڳتي هلي جان ڊالٽن، رڌرفورڊ، بوهر ۽ جديد دنيا جي سائنسدانن ڪم ڪندي، فزڪس ۽ ڪيمسٽري جي بنيادي سمجهه کي چٽو ڪيو آهي ۽ ڪن پيا، "ليو ڪريٽس" ۽ "ڊڊروٽ" فلسفي ۾ ارتقا جي "فطري چونڊ واري قانون" (Law of Natural Selection) تي ڳالهايو جيڪو اڳتي هلي "ڊارون" ۽ "رزل وئليس" چٽو ڪيو. "اسپنورا" ڪائنات ۾ مستقل حرڪت جي قانوني (Law of Conservation of motion) ۽ ڪائنات جي بقا جو قانون (Law of universal determine) تي ڪم ڪيو، جنهن تي اڳتي هلي "گيليليو"، "نيوٽن" ۽ آئنسٽائن" مادي جي حرڪت ۽ بقا جا سائنسي قانون ڳولهي لڌا. فرانس جي فلسفي "پيري گيسينڊي (Pierre Gassendi) ۽ روس جي "ميخائل لومولوسو" (Mikhail lomonoso) سڀ کان پهرين اهو خيال ڏنو ته ماليڪيول هڪ پيچيده بناوت آهن ڪوڙ سارن ائٽمس جي. سويت روس جي انقلابي اڳواڻ "لينن" پنهنجي دور ۾ "مادي" تي ٿيندڙ بحث کي تڏهن نئون رخ ڏنو جڏهن هِن (Inexhaustibility of matter) جو قانون ڏيندي مادي کي ائٽمن کان آزاد ڪندي، خيال کان ٻاهر، آزاد وجود رکندڙ، هر شئي کي مادو قرار ڏنو. پوءِ اهي پلي توانائيءَ جو ڪو قسم هجن يا سماجي رشتا، ناتا سڀ مادي جو الڳ الڳ شڪليون آهن ۽ انسان جي مجڻ يا نه مجڻ سان انهن جي فطرت تي ٽڪي جو به اثر ناهي پوٽو، مطلب ته اِهي شيون انسان جي دماغ جون محتاج نه آهن ۽ انسان جي شعور کان آزاد

وجود رکن ٿيون، پر خود اسان جو شعور به انهن سپني جي عڪاسي ئي هجي ٿو. اڳتي هلي "آئنسٽائن"، "مادي ۽ توانائيءَ جي بقا جو قانون" (Law of reservation or mass and energy) ڏيندي ساڳي ساڳي ڳالهه ثابت به ڪئي ۽ ان معاملي ۾ آئنسٽائن ڪوڙ جڳهين تي لينن جي ساراهه ڪندي به نظر اچي ٿو (ياد رهڻ گهرجي ته آئنسٽائن خود ليفٽ (کاٻي ڌر) جو ماڻهو هيو، آمريڪي جاسوس اداري (FBI) هن خلاف دنيا جي مختلف ڪميونسٽ تحريڪن کي چندي ڏيڻ جا انڪشاف ۽ ثبوت دستاويزي صورت ۾ ڏنا آهن). آئنسٽائن پنهنجي ان قانون ذريعي اها ڳالهه ثابت ڪئي ته توانائي مادي جي تحليلي (ڳريل) شڪل آهي ۽ مادو توانائيءَ جي ڳتيل شڪل آهي. مزي جي ڳالهه ته اڳتي هلي نفسياتدانن به اها ڳالهه ثابت ڪئي ته خيال ۽ خواب به مادو ئي آهن، چو ته اهي ٻاهرين دنيا جو ئي عڪس هجن ٿا. ڪو ماڻهو سچو ڏينهن ڪنهن امتحان ۾ پهريون نمبر کڻڻ جو سوچيندو ته خواب ۾ به اهو ڪُجهه ئي پسندو، ڪو ماڻو اعتقاف ۾ ويهي ۽ رڳو ڪنهن خاص لقاءَ يا شخص سان ملڻ يا ديدار ڪرڻ جو سوچيندو ته اک لڳڻ تي اهوئي پسندو، اهڙي نموني سان اوهان جون خواهشون، اوڏما ۽ خوف ۽ خطرائي خواب بڻجي اوهان جو تحت الشعور ناهن ٿا جتان کان خيال لاشعور ۾ اچي خواب جي صورت وٺن ٿا)- مادي- حرڪت زمان ۽ مڪان جي هيڪڙائي، مسلسل ۽ غير مسلسل جي هيڪڙائي، مادي ۽ حرڪت جي بقا جو قانون، مادي جي لامحدوديت وغيره اهي سڀ پهرين فلسفي جو موضوع بڻيا ۽ پوءِ سائنس جو.

هتي هڪ تنقيد اسري اچي ٿي ته فلسفي جيڪو ڪجهه به ڪيو اهو سائنس جو ٻاروتڻ هيونڪي ان جي جواني!! فلسفي سوالن کي چٽيو ته سهي پر نيٽيو سائنس پاڻ!! پهرين ڳالهه ته اهو ايترو سولو ڪونهي ته تجريدي انداز ۾ سائنس ۽ فلسفي کي هڪ ٻئي کان ڪٽيل ۽ بلڪل الڳ ڪري بيهارجي- اهو عين ممڪن آهن ته ڪو سائنسدان به فلسفي جو سنو ڄاڻو هجي ۽ ڪو فلسفي به سائنس جي چڱي خاصي ڄاڻ رکندو هجي. پر پوءِ به اچون ٿا ته ان ڳالهه تي ته ڇا فلسفي جو سائنس تي ڪو اثرڪونهي؟؟ جواب سولو آهي ته فلسفي ۽ سائنس جو تعلق باهمي ۽ ٻه طرفو آهي. سائنس جي هر نئين ڪوجنا فلسفي کي نئون رت ۽ ست ڏئي ٿي ۽ فلسفو سپني نين ڪوجنائين ۾ جدلي ڳانڍاپو قائم رکي ٿو (جهڙوڪر فلسفو هڪ چقمقي چڪ هجي جيڪا سائنس کي چڪي پاڻ ۾ ملائي رکندي هجي) سائنس جي انهن ڪوجنائن سان فلسفي کي پختگي ملي ٿي. اڻ ڳڻين امڪاني رستن مان، سائنس ڪنهن خاص رستي جي درست هجڻ جي تصديق ڪري ٿي، جنهن سان فلسفو اڳتي وڌي ٿو، اسري ٿو، هر سائنس جي هر نئين تحقيق، فلسفي جي ڪائناتي تصورن ۽ طريقڪارن کي هڪ وک اڳتي وڌائي ٿي. مادي واد فلسفو پاڻ به انهن سائنسن جي هڪ حد تائين تجريد هجي ٿو، سائنس جي ڪوجنائن ۽ حقيقتن (Facts) جي پيداوار هجي ٿو يا انهن تي آڌاريل هجي ٿو، سائنسي بنيادن تي حاصل ڪيل شين جي معيارن، مقدارن، نسبتن، قانونن ۽ خيالن جي عموميت ئي ته مادي واد فلسفو هجي ٿو. مادي واد فلسفو سائنس جو روح هجي ٿو (اها ٻي ڳالهه آهي ته عينيت پرست فلسفو سائنس جو بدروح هجي ٿو چو ته اهو سائنس تي آڌارجڻ بجاءِ پنهنجي آڌار تي سائنس جون جنگهون ٻانهون پچڻ ۽ ان جي شڪل بگاڙڻ جي پويان هجي ٿو) سائنس ۽ فلسفي جو سنگم ان وڻ وانگر آهي. جنهن وڻ

جو "ٿُڙ" فلسفو آهي ۽ ان جون ٽاريون (شاخون) ۽ پن الڳ الڳ سائنسون آهن. ان وڻ ۾ نوان نوان پن (تحقيق) ڦٽندا رهن ٿا ۽ اهي پن سج جي روشني (سچ ۽ حقيقت) جا ڪرڻا پاڻ ۾ جذب ڪري، نامياتي ڪاڌو (نوان مادي قانون ۽ نظريا) ٺاهن ٿا. جيڪو بعد ۾ پنن ۽ ٽارين (سائنسن) مان ٿيندو ٿڙ (فلسفي) تائين پهچي ٿو ۽ ان ٿڙ (فلسفي) کي وڌيڪ سگهارو يا مضبوط ڪري ٿو ۽ وري اهو ٿڙ (فلسفو) ئي آهي جيڪو سڀني شاخن (سائنسن) کي پاڻ ۾ ڳنڍي ويٺو آهي.

يوڪلڊ جي جاميٽري، نيوٽن ۽ گيليليو جي فزڪس جو اثر فلسفي جي دنيا ۾ "سبب ۽ نتيجن" جي قانون جي شڪل ۾ صدين تائين رهيو ۽ انساني دماغ ۾ دليل ۽ منطق ۽ ڪائناتي تصورن ۾ طريقيڪار کي مادي (سائنسي) بنياد ڏنا. "ڪوپرنيڪس جي سورج منڊل واري سرشتي (Heliocentric System) ڌرتي بجاءِ سج کي هن سرشتي جو مرڪز قرار ڏيندي، ڌرتي جي مرڪزي حيثيت واري چسي خيال کي ڌاهي پٽ ڪيو ۽ ڪائنات ڏانهن ڏسڻ جو هڪ نئون رخ ڏنو. مثال وري ڊارون جي ارتقا واري نظريي فطرت ۾ انسان جي حيثيت جو پاندڙو پچي رکيو، جنهن سان انسان جي سوچ آسمانن جي اونداهي رچ ۾ ڏسڻ بجاءِ ڌرتيءَ تي شاندار وسيلن ڏانهن اک کولي، "مينڊليو" جي ڪيميائي عنصرن جي درجابندي مادي جي جڙت، مزاج ۽ ڪم ڪار جي اصولن جي سمجهه ۾ مدد ڪئي. آئنسٽائن جي "نسبتي نظريي (Special Theory of relativity) مادي- چرپر (ان ۽ مڪان کي نسبتي ۽ تخليقي انداز ۾ ڏسڻ جون شاهرائون کولي وڌيون، جن تي اڳ تقليد يا عينيت جي ڌُنڌ چڙهيل هئي. ڪئانٽم فزڪس (Quantum Physics) نه نظر ايندڙ ذرڙن جي اڻ ڄاڻ دنيا کان واقف ڪرايو. پاولوف (Pavlov) ۽ سيڪينوف (Sachenov) جِي دماغي گهرڙن (Neurons) تي ڪيل تحقيق دماغي جڙت ۽ ڪم ڪار جي قانونن ۽ مزاج کي چٽو ڪندي، انسان جي نفسيات ۽ شعور جي گهري (مادي) ڄاڻ سڃاڻ ڪرائي- "سائيبرنيٽڪس" ڄاڻ جي منتقلي جا قانون ۽ سرشتا بيان ڪيا، جنهن سان سماجي شعور جي الڳ الڳ شڪلين جو ڳانڍاپو تيز ۽ پختو ٿيندو ويو ۽ ماڻهو جي حياتياتي وجود مان سماجي وجود ۾ تبديل ٿيڻ جي عمل کي تيز ڪندي انسان کي هڪ ميشيني وجود بڻائي ڇڏيو- جنيات (Genetics) جي اوسر وري جاندارن ۾ خاصيتن (Characters) کي ڪنهن الحام جي منشا بجاءِ ڊي اين اي (DNA) جي مادي جڙت ۽ منتقليءَ سان ڳنڍي انسان جي شڪل، صورت، عادتن کان ويندي نين خاصيتن جي پيدائش جا مادي بنياد ڏنا. مارڪس اينگلس ۽ لينن جي نظرين سماجي سائنس کي وڏايو ۽ انسان جي فطري بيهڪ سان سماجي بيهڪ جي تاريخ جا قانون ڳڏايا جن انساني زندگيءَ ۾ جدليات ۽ منطق جو انقلاب برپا ڪيو.

(د) فلسفي کان وانجهيل سائنس

اهو عجب معاملو آهي ته ماڻهو گهر جي ته صفائي ڪري ٿو، گند ڪچرو ڪڍي ڦٽو ڪري ٿو، پر دماغ ۾ گند ڪچرو ڪنيو گهمندو وتي. آخر ائين ڇو آهي ته ڇگا خاصا پڙهيا لکيا ماڻهو پروفيسر، ڊاڪٽر، وڪيل ۽ ٻيا اهڙا ڪوڙ سارا ماڻهو سائنس جي هيتري ساري ترقيءَ ڪانپوءِ به جنن، ڀوتن، ٽوڻن، ڦيٽڻ ۽ تعويذن وغيره کي مڃين پيا؟؟!!! جڏهن ته انهن جي ڪابه سائنسي ۽ مادي وضاحت نه آهي!! آخر ائين ڇو آهي سائنس پڙهائڻ ۽ پڙهڻ وارا ماڻهو به اهڙي ويڳاڻپ جو اظهار ڪن پيا؟؟ اهو انهن جو دماغي خلل آهي يا سائنس جي کوٽ؟؟ پهرين ڳالهه ته دماغ ۾ خلل هجڻ جا به ڪي نه ڪي سبب هجن ٿا، اهي به پاڻ هرتا ڪونه ٿيندا آهن ۽ ٻي ڳالهه ته سائنس مٿي بيان ڪيل ڪنهن به شيءِ کي

سائنس نه مڃي ٿي ۽ نه ئي انهن کي قانون جي شڪل ۾ اظهاريو اٿس، اهو سچو معاملو سائنس کي مادي فلسفي کان جدا ڪرڻ جو اڻٽر نتيجو آهي (رياست ۽ سماجي دٻاءَ جا عنصر به مرڪزي آهن)


ڪنهن به سائنس جا به پاسا هجن ٿا هڪ ان جو فني (Technolagical) يا واهپي وارو (Applied) پاسو ۽ ٻيوان جو نظرياتي (Theoretical) يا فلاسافيڪل پاسو سائنس جي ٽيڪنالاجيڪل پاسي انساني زندگي ۽ سماج کي مشيني بڻائي ڇڏيو آهي. صبح جو الارم (alarm) تي اٿجي ٿو، پوءِ وات ۽ ڏندن کي صاف ڪرڻ لاءِ پلاسٽڪ جي برش کان ويندي پيسٽ، وهنجڻ لاءِ صابڻ، شيمپو، جيل، پوءِ خوشبو لاءِ پرفيوم، باڊي اسپري يا پائوڊر، ڪريمون، لوشن، ان کان پوءِ مشيني ڪپڙا بوٽ پائيندي ڪنهن گاڏيءَ تي ويهي اسڪول، ڪاليج، آفيس يا ڪنهن ٻئي ڪم تي وڃجي ٿو مطلب ته انسان جو هر ڪم سائنس جي ڪنهن نه ڪنهن وٽ کي ڪم ۾ آڻيندي پورو ڪري ٿو. انسان جي تفريح (ٽي وي، نيٽ، فيس بوڪ وغيره) کان ويندي زراعت، هنر، فن مطلب ته هر ڪم ۾ ڪرت ۾ سائنس آهي. جهڙوڪر انسان جو مادي مانداڻ سائنس جو ئي رچايل آهي. اهو سڀ ڪجهه سائنس جي واهپي وارو پاسو آهي پر ان جو اهو بلڪل مقصد نه آهي ته هاڻ انسان جو دماغ به سائنسي انداز ۾ سوچڻ لڳو آهي يا انسان جي شعور ۽ روحانيت جي جڙت مادي بنيادن تي ٿي چڪي آهي، اهو تيستائين ممڪن نه آهي جيستائين سائنس جي واهپي واري پاسي سان گڏ هن جي فلسفي واري پاسي کي به پنهنجو ڪجي. ڪو ماڻهو ڪمپيوٽر هلائڻ ڄاڻي وڃي ته ان جو اهو بلڪل به مقصد نه آهي ته هن جو شعور به ڪمپيوٽرائيز ٿي چڪو آهي. ڏنو وڃي ته پنهنجي سماج ۾ فيس بوڪ تي ويهي ماڻهو سائنس جا اوزار استعمال ڪندي جيتريون گاريون سائنس کي ڏين پيا هنن شايد ئي ڪنهن ٻي شيءِ کي ڏنيون هجن!! جڏهن ماڻهو جي سوچڻ جو انداز ۽ شعور سائنسي نه ٿيو هجي ته اهو ائين آهي جيئن ڪنهن پولي کي ڪمپيوٽر هٿ آيو هجي ۽ هو پيو اوپاريون لهنواريون بڪي، يا ڪري ڇو ته هن جي سمجهه شين ۽ لقائن کي ربط ۾ نٿي ڏسي، هن لاءِ شيون الڳ الڳ ۽ ٽٽل آهن جن جو هڪٻئي سان ڪو تعلق نه آهي. (اسان جو هڪ دوست ملن جي ان سائنس دشمن رويي کي ڏسي هڪ سنڌو شعر چوندو آهي ته "سمهو، اٿو، گهمو ۽ ڦرو به سائنس، پوءِ به ڇئو ڪوڙ آ. اڙي ملان تنهنجي منهن ۾ ڌوڙ آ!!!!)

هر سائنس مادي جي الڳ الڳ شڪلين ۽ پاسن جي منطقي سمجهاڻي ڏئي ٿي پر انهن سڀني سمجهاڻين جي هيڪڙائي فلسفي ۾ ٿئي ٿي ۽ ماڻهو ان هيڪڙائي کان يا شين جي ربط کان واقف نٿو هجي ان لاءِ هر لقاءَ "پنهنجو پاڻ ۾" ته هجي ٿو پر اهو لقاءُ ڪنهن ٻي سائنس جي نفي ته نه آهي ان جو هن کي ادراڪ نٿو هجي. ڪو ماڻهو ڪيمسٽري جي قانونن جهڙوڪ "ماليڪولن جي ٽٽڻ وارو قانون"، "ماليڪولن جي ملڻ وارو قانون"، "هڪ مٽاءَ وارو قانون"، "ٻٽي مٽاءَ وارو قانون" ۽ "باهه لڳڻ وارو قانون" وغيره کان واقف هجي ۽ پوءِ به هو ڪائنات جي خلقجڻ واري خيال ۾ ويساهه رکندو هجي ته هو علم ڪيميا جي نفي ڪري رهيو آهي. "خلقت" "Creation" نالي ڪوبه قانون علم ڪيميا جي سمجهه جي اصولن تي پورو نٿو لهي. يا ڪو فزڪس سان لاڳاپيل ماڻهو "مادي ۽ توانائي جي بقا جو قانون" ڄاڻڻ کان پوءِ به "عدم" مان وجود جي خلقجڻ تي ويساهه رکي ته اهو فزڪس جي بنيادي قانونن جي نفي هجي

ٿو ڇو ته مادو نه پيدا ڪري سگهجي ٿو ۽ نه فنا، صرف هڪ حالت مان ٻي ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو. ڪو بائيولاجسٽ زندگيءَ جي آغاز جي سون سالن واري ڪيميائي عملن کان واقف هجڻ باوجود مٿي مان نهيل ٻت ۾ ساهه وجهڻ واري عمل کي مڃي ته هو بائيولاجيءَ بنيادي نيمن جي نفي ٿو ڪري ۽ ان کان به وڏي غلطي تڏهن ٿو ڪري جڏهن هر زندگيءَ کي عدم ارتقا ۾ ۽ هڪ هنڌ بيٺل ٿو ڏسي ۽ اڄ جي سائنس جي مدد سان هٽرادو طور نهيل جانورن ۽ ٻوٽن جي نين جنسن کان انڪار ڪندي زندگي کي نه مٽجندڙ (Immutable) ٿو سمجهي. ساڳي ئي وقت ڪو ڊاڪٽر جاندارن جي جسم جي ساخت (Anatomy) ۽ ڪم ڪار (Physiology) کان واقف هجڻ باوجود تعويذن ۽ دعائن کي مڃي ٿو ته فزيولاجيءَ جي بنيادي اصولن کان منهن ٿو موڙي آخر ڪنهن تويذ مان اهڙا ڪهڙا اينٽي بائيوٽڪس، پين ڪلرز يا هارمون وغيره نڪرن ٿا جيڪي جراثيمن کي مارين ٿا يا انهن جي زخمن (Infections) کي ختم ڪن ٿا. آخر ڪهڙيءَ ريت تعويذ اثر ڪري سگهي ٿو؟؟

ڪجهه عرصو پهرين برطانيا ۾ پادرين هڪ تجربو ڪرايو ته جيئن دعائن ۽ پوڄا پاٺ کي سائنسي ثابت ڪري وٺون. هنن مريضن جا ٽي گروپ ڪيا، هڪ اهي جن جي دوا ٿئي پئي ۽ چرچ ۾ هنن لاءِ دعا به هلي پئي، ٻيا اهي جن جي دوا هلي پئي پر ڪابه دعا وغيره نه پئي هلي ۽ ٽيان اهي هئا جن جي دوا به هلي پئي دعا به هلي پئي ۽ هنن کي اهو ٻڌايو ويو ته اوهان لاءِ چرچ ۾ دعا گهرائي پئي وڃي. ڪجهه عرصي کان پوءِ خالي دوا ۽ دوا ۽ دعا وارا ٻئي گروپ گڏ ڇاڪ ٿي ويا پر ٽيون گروپ صحتياب نه پي ٿيو جنهن کي ٻڌايو ويو ته اوهان جي دعا ڪرائي پئي وڃي. جڏهن انهن ٽنين گروپ وارن کان انٽرويو ورتو ويو ۽ سڄي ڳالهه ٻڌائي وئي ته هنن چيو ته جڏهن اسان کي دعا جو ٻڌايو ويو ته اسين ويتر پريشان ٿي وياسون ته شايد اسان جي طبيعت ايتري خراب ٿي وئي آهي جو هاڻ دعا پئي ٿئي ته اسين ته ويتر ڳٽيءَ ۾ ونجي وياسون!! اهو سچو تجربو مُلن کي ڳچيءَ ۾ پئجي ويو. دعائن مان فائدو ته نهيو الٽلندو نقصان پئي ٿيو.

ان کان به وڌيڪ رومانوي ڳالهه اها ٿيندي ته ڪو شخص ڪنهن علائقي ۾ باز بڻجي اڏامي آيو!! آخر ان ماڻهوءَ ۾ پرن ٺاهڻ وارا پروٽين ۽ هارمونس ڪٿان آيا؟؟ پڪين جا هڏا ته ڪوڪلا ٿيندا آهن جنهن ڪري هو هلڪا هجن ٿا ۽ اڏامي سگهن ٿا پر آخر ان شخص جا هڏا هڪدم ڪوڪلا ڪيئن ٿيا؟؟ ڪابه سائنس ان ڳالهه جي نه وضاحت ڏئي ٿي ۽ نه منطقي سمجهي ٿي پر پوءِ به ماڻهو ان چسي ڳالهه تي ويساهه رکن ٿا؟؟ ان جو وڏو سبب ماڻهوءَ جي سماج ۽ علمن ڏانهن ويڳاڻپ آهي. جڏهن ماڻهو سائنس کي صرف اوزار ٺاهڻ ۽ دوائون ٺاهڻ تائين محدود ڪن ٿا ۽ واقعن ۽ سببن جي ڪليت



(مادي واد فلسفي) کان ناآشنا هجن ٿا ته پوءِ اهڙي قسم جو ڪوڙ سارو گند ڪچرو هنن جي ذهن ۾ رهجي وڃي ٿو. پر جڏهن مادي وادي فلسفو سائنس جي هڙني سچاين جو سنگم ٿو ڪري ته ماڻهو جي دماغ ۾ هڪ گوگل سرچ انجن ڊولپ ٿئي ٿي جيڪا ڪنهن به شيءِ يا لقاءَ کي ڏسندي ئي يا ان بابت پڙهندي ئي ان خيال جي سائنسي ۽ منطقي هجڻ يا نه هجڻ جي خبر ڏئي ٿو، اها سرچ انجڻ جڏهن هن جي دماغ ۾ ڪم ڪرڻ لڳي ٿي ته سڀني وهمن، وسوسن، دعائن ۽ بددعائن، تقدريت ۽ ٻين اهڙين ڪوڙ غير مادي، غير منطقي، غير حقيقي ۽ ڇسين وضاحتن جي گند ڪچري کي ڪڍي ان جي جڳهه تي ماڻهو جو رشتو پنهنجي سماج ۽ فطرت سان، تاريخ ۽ ان جي جدليات سان ڳنڍي ٿي جنهن سان عبادتن بجاءِ تحريڪون جنمي ٿي جنت بجاءِ انقلاب جا خواب پسي ٿي، ڪن حورن خاطر بم ڌماڪا ڪرڻ بجاءِ سماج کي رهڻ ۽ زندگي گذارڻ جوڳو بڻائي ٿي. ٻورن لفظن ۾ ماڻهو کي ڦلدائڪ سماجي وجود (پراڊڪٽو سوشل بينگ) بڻائي ٿي. اهڙي طرح مادي واد فلسفو سائنس جي محدود نظري (Narrow mind ness) کي ڏڪيندي، شين جي گڏيل تصوير ڪشي ڪري ٿو. هن وقت رڳو ميڊيڪل سائنس جون ئي لڳ ڀڳ شاخون آهن. ڪنهن غير معمولي ذهن لاءِ به اهو ممڪن نه آهي ته اهو انهن سڀني شاخن جو ڪلي علم رکي سگهي ته پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي ته هو ٻين سائنس کي پاڻ ۾ تقابلي بيهاري سگهي، اهو ائين آهي جيئن ڪو ماڻهو گهرائيءَ ۾ کوهه کوٽيندو وڃي ۽ جيئن جيئن گهرائيءَ ۾ ويندو تيئن تيئن ان کوهه جي رازن کان ته واقف ٿيندو پر آس پاس کان لاتعلق بڻبو ويندو. تنهن جيان مادي واد فلسفي کان سائنس کي جدا ڪرڻ جا اهڙا ئي ڀيانڪ نتيجا نڪرندا جو ڊاڪٽر، وڪيل، استاد ۽ سائنس سان لاڳاپيل شخص به عينيت جا علمبردار هجن ۽ پنهنجي ذات ۽ جوهر ۾ ويڳاڻا هجن.

ترميم پسنديءَ جو عروج ۽ زوال (حصو ٻيو)

هرپل برار / ڪبير

ڪوريا گنا (محقق) اِهو اندازو لڳايو ته 1988 تائين (اشتراڪي روس اندر) غير قانوني معاشي سرگرمين منجهان حاصل ٿيندڙ ڪُل نجي دولت 200 کان 240 ارب روبل (روسي ڪرنسي) تائين پهچي چڪي هئي. جيڪا USSR ۾ ڪُل نجي ملڪيت جو 20 کان 25 سيڪڙو هئي. سندس اهو به چوڻ هو ته



1960 تائين نجي معيشيت (SECOND ECONOMY) جي غير قانوني پاسن سان سلهاڙيل 80 لک ماڻهن جو تعداد 1974 تائين، پوڻن ٻن ڪروڙن کان ٻن ڪروڙ ماڻهن تائين (جيڪي ڪُل روسي آباديءَ جو 6 کان 7 سيڪڙو ٿي ٿيا) ۽ 1989 تائين ايندي ايندي 3 ڪروڙ ماڻهن (ڪُل آبادي جو 12 سيڪڙو) تائين پهچي چڪو هو. جيڪڏهن انهن انگن اکرن ۾ جائز نجي معاشي سرگرمين کي به شامل ڪيو وڃي ته 1970 تائين شهري آباديءَ (62 سيڪڙو) پنهنجي ڪُل آمدنيءَ جو 30 سيڪڙو غير سرڪاري ذريعن يعني جائز، ناجائز نجي معاشي سرگرمين منجهان حاصل ڪرڻ لڳو هو.

1988 ۾ هڪ آمريڪي ماهر سيڪنڊ اڪانامي جي ثمرات کي هيئن سهيڙيو هو "سوويت دور جي آخري ڏهاڪن ۾ غير قانوني معاشي سرگرمي، سوويت معيشيت جي هر شعبي ۽ حصي ۾ داخل ٿيندي، ظاهر ظهور شڪل و صورت حاصل ڪندي وٺي ۽ عوام لاءِ پوري پئي، ڪافي سارن لاءِ نيڪ ٺاڪ ۽ ڪجهه خاص لاءِ تمام گهٽي سطح تي ڪردار نڀائڻ لڳي."

نجي معاشي سرگرمين (جائز يا ناجائز) سان سلهاڙيل ڪجهه ماڻهو برزنيف جيان تمام گهڻا امير ۽ مشهور ٿيا. جيئن جيئن غير قانوني معيشيت زور ورتو، تيئن تيئن هُن جائز سوويت سرڪاري معيشيت کي ڌڪ رسايو. جيئن ته سيڪنڊ اڪانامي STATEمان مراد ئي رياستي شعبي (SECTOR) جي وقت ۽ سامان جي چوري آهي تنهن ڪري انهيءَ جو نتيجو ڪجهه ٻيو نه پر رياستي شعبي کي ڏي وٺ جي عمل ۾ ڏکي ، انهيءَ کي خوار ڪري، انهيءَ جي ڪمزور ڪارڪردگيءَ ۾ نڪتو ٿي. سيڪنڊ اڪانامي، پارٽي ۽ رياست جي اعلي منتظمين تي ڪرپٽ ڪندڙ اثر ڇڏيا. ڇاڪاڻ ته شين جي غير قانوني پيداوار ۽ کپت، رياست جي ڪجهه ادارن ۽ پارٽيءَ جي ڪجهه خاص ماڻهن لاءِ رشوت کي لازمي ٿي بڻايو. اهڙي ريت جيترو سيڪنڊ اڪانامي وڏي ۽ منظم ٿي، هن ڪرپشن کي اوترو پڪيڙيو. ڇو ته پارٽي ۽ رياستي انتظاميه جي ڪجهه ماڻهن کي حرامخور بنائڻ کانسواءِ هي سرگرميون هڪ مهينو به جاري نه ٿي رهي سگهيون.

1960 کان ئي سوويت سيڪنڊ اڪانامي پنهنجي ڪرپشن سبب، پارٽيءَ جي اعلي سطح تائين داخل ٿيندي، هڪ خاص صورت وٺڻ شروع ڪئي. خروشيف جي ساڄي هٿ، ڊپٽي پريميئر ۽ پارٽيءَ جي سينٽرل ڪاميٽيءَ جي ميمبر، فرول ڪازلوف (FROL KOZLOV) کي هڪ ذلت آميز انداز ۾ تڏهن جبري طور رٽائر ٽيٽو پيو جڏهن ادارن کي هن سان لاڳاپيل قيمتي پٿر ۽ نوٽن جون ٿهيون، لينن گراڊ جي هڪ مرحوم آفيسر جي ڪبٽ مان مليون. ڪازلوف کي اهي پيسا غير قانوني ڏنڊي

کي روڪڻ خلاف، ڪا ڪاروائي نه ڪرڻ جي انعام طور مليا هئا. خروشيف کان گورباچوف تائين پارٽيءَ ڪرپشن جي شروعات ۽ اوسر کي ۽ انهي جي غير قانوني معيشيت جي اوسر ۽ منظم ڏوهه سان تعلق کي، USSR جو هڪ اعلي پوليس اهلڪار اليڪزينڊر گراف، ڪجهه هيئن بڌائي ٿو.” نڪتا خروشيف دورِ اقتدار ۾ ، جيئن ئي اسانجي نظام 1960 جي نرم پاليسين هيٺ ڪلڻ شروع ڪيو، منظم ڏوهه تيئن ظاهر ٿيڻ لڳا......طاقتور ڏوهاري منظم جٿن جو اسٽالن جي دور ۾ تصور ڪرڻ به ممڪن نه هيو......انهيءَ ڪانپوءِ جيڪو اسان سماج ۾ حاصل ڪيو اهو صرف ڦورن جو اخلاقي قدر هيو. ۽ اهو يقيني طور تي (پارٽيءَ جي) ڪاموراشاهي جي مفادن وٽان هو. مثال طور اسان وٽ ماسڪو جي نام نهاد ٽريڊ مافيا هئي جنهن جي پارٽيءَ جي اعلي ادارن ۾ نمائندگي 1974 کان ئي موجود هئي. جيڪڏهن مان يا ڪو ٻيو ماڻهن کي انهيءَ پاڇاتي معيشيت (SHADOW ECONOMY) جا خطرا ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪريون ها ته لبرل اسان تي کلن ها ۽ سرڪار اسانکي چريو چوي ها. پر اهو ائين شروع ٿيو ۽ حڪومت ڪجهه ڪارڻن ڪري ائين ٿيڻ ڏنو، جن تي اسانکي سوچڻ گهرجي. انهيءَ جي شروعات ٿي خروشيف کان ۽ واڌ ويجهه برزنيف جي دور ۾ ٿي پر گوربا چوف جو دور ئي اهو وقت هو جڏهن منظم ڏوهه اسانجي سماج ۾ هڪ حقيقي طاقت بڻيو.”

خروشيفي ترميم پسنديءَ، معاشي سڌارن ذريعي سيڪنڊ اڪانامي جي واڌ ويجهه لاءِ ماحول تيار ڪيو. جنهن موٽ ۾ مرڪزي سوشلسٽ منصوبابند معيشيت کي ڌڪ رسايو، ماڻهن ۾ سوشلزم ۽ منصوبابندي بابت بي اعتباري کي پيدا ڪيو ۽ گڏوگڏ پکڙجندڙ ڪرپشن سان سوويت پورهيت طبقي جو ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ايڪتا ۾ ايمان کي تباهه ڪيو. ساڳي وقت سيڪنڊ اڪانامي هڪ اهڙي (سماجي) پرت جي اپرڻ جا مادي بنياد پيدا ڪيا، جنهنجي مفادن جو پوراءُ سوشلزم جي حدن اندر ممڪن نه هو. اهڙي ريت سرمائيداريءَ جي ٻيهر بحاليءَ جون حالتون تيار ڪيون ويون. اشتراڪيت جي تباهي ۽ سرمائيداريءَ جي بحالي جون اهي سڀ تباه ڪن سرگرميون تمام تيزي سان تڏهن جاري هيون جڏهن ترميم پسند قيادت، ڪوڙي نه به سهي پر وڌائي چڙهائي انهي بيان بازي ۾ مصروف هئي ته USSR تمام تر توانائي سان ڪميونزم جي اونچي ڏاڪي ڏانهن پيش رفت ڪري رهيو آهي. بلڪل ائين جيئن ڪازلوف، ڏوهارين ۽ غير قانوني ڌنڌوڙين کان ملندڙ پيسن سان پنهنجا ڪيسا ڀريندي، CPSU جي 22هين ڊيليگيٽ ڪانگريس ۾ انتهائي بي حيائي سان چيو هو ته ”سوويت سماج ۾ هاڻي ڪو به اهڙو سماجي بنياد رهيو ئي ڪونهي جنهن سبب پارٽيءَ ۾ ڪو موقعي پرستاڻو رجحان پيدا ٿي سگهي.” سچ اهو آهي ته بورجوا اثر (جيڪو ان وقت تائين وڌي چڪو هو) جي موجودگي، ترميم پسنديءَ (موقعي پرستيءَ) جو داخلي ذريعو هيو، جڏهن ته سامراجي دٻاءُ اڳيان هٿيار ڦٽا ڪرڻ (جيڪو خروشيفي قيادت ڪيو) ترميم پسنديءَ جو خارجي ذريعو هيو. ڏاڪي به ڏاڪي خروشيفي ترميم پسند قيادت، USSR ۾ طبقن ۽ طبقاتي جدوجهد جو انڪار ڪندي، درحقيقت اُن اُڀرندڙ بورجوا پرت سان هڪ ٿي بيٺي، جنهن کي هنن پنهنجي ”سڌارن“ ذريعي پورهيتن تي حملي آور ٿيندي پيدا ڪيو هو ۽ آخر ۾ پورهيت آمريت کي هڪ بورجوا ۽ هڪ غنڊا گرد بورجوا آمريت ۾ بدلڻ ۾ ڪامياب وئي.خروشيف ۽ بعد ۾ ايندڙ سمورن ترميم پسندن جي پروگرامن ۽

پاليسين جي موقعي پرستاڻي ڳر کي نه صرف مارڪسسٽن ليننسٽن پر چاٽو بورجوا ماهرن به پلي پٽ چاتو ٿي. 1975 ۾ موسيح ليون (MOSHE LEWIN) هن ريت مشاهدو ڪيو " اهو چاٽي ڏاڍي حيرت ٿئي ته 29-1928 دوران بخارن جي اسٽالن مخالف پروگرام جي ڪيترن ئي خيالن کي هاٺوڪي سڌارپسندن قبول ڪيو (واپس پروگرام جو حصو بڻايو) آهي."

1960 ڌاري چئن اهم معاشي ادارن منجهان ٽن تي مارڪيٽ اڪانامي جا حامي معاشي ماهر غالب هئا. اشتراڪيت جي ڪلي طور ۾ مڪمل مخالفت، مارڪيٽ اڪانامي جي حق ۾ پروپيگنڊا، USSR ۾ سرمائيداريءَ جي بحالي، تڏهن سمجهه ۾ ايندي جڏهن انهن کي خروشيف ۾ بخارن جي اُن ترميم پسند پروگرامن جي اطلاق ۾ تسلسل ۾ سمجهبو، جنهنجو سچ صرف بورجوازي کي سجدو هو.

تمام تيزي سان وڌندڙ اٿبرابري سان گڏ، چوڏس ڦهلجندڙ غير قانوني معاشي سرگرمي، چوري، ڪرپشن ۾ ڦر سوويت عوام منجهه (اشتراڪي) نظام جي منصفاڻي بيهڪ بابت اعتبار کي ختم ڪري ڇڏيو. وڌيڪ اهو ته سيڪنڊ اڪانامي،پيسي جي قوت کي وڌائيندي، مستقبل جي سرمائيدارن جي تهه کي جٽيندي، عوام جو سوشلزم منجهه ويساهه کي تباهه ڪري ڇڏيو.

(عام طور تي سمجهيو ويندو آهي ته سوويت عوام پاڻ اشتراڪي نظام منجهان بيزار ٿي چڪو هو،۽ انهيءَ دليل کي سوويت اشتراڪي نظام جي خاتمي جو واحد نه ته اهم دليل جي حيثيت ۾ بورجوا مورخ اڳيان ڪندا آهن. اهو سچ آهي ته نظام کان بيزاري جو عنصر موجود هو پر هڪ ته اهو ڪو غالب عنصر ڪونه هيو بيو ته اها بيزاري سرڪاري منصوبابند معيشيت کان نه پر وڌندڙ نجي سرمائيداراڻي معيشيت جي اثرن سبب هئي جنهن جي وضاحت ليڪڪ مٿي ڏئي چڪوآهي جڏهن ته عوام جي اڪثريت منصوبابند اشتراڪيت سان ئي بيٺل هئي. VTSLOM جي 1989 جي هڪ سروي مطابق زندگيءَ جي معيار کي ڪيئن بهتر ڪجي ؟ واري سوال جي موٽ ۾ 50 سيڪڙو ماڻهن سخت سرڪاري نظام ۾ صرف 18 سيڪڙو ماڻهن نجي انٽرپرائيز جو جواب ڏنو. سوويت رياست جي انهدام کان صرف 9 مهينا پهرين 76.4 سيڪڙو ماڻهن سوويت جي حق ۾ ووٽ ڏنو هيو. سوويت اشتراڪي معيشيت جو ڪمال اهو هو ته خروشيفي ۾ بعد ۾ ايندڙ سمورن ترميم پسند تباهه ڪن نام نهاد سڌارن باوجود، سرڪاري معيشيت جو گروٿ ريٽ 1985 کان 1989 تائين، سوويت انگ اڪرن مطابق 4.1 سيڪڙو ۽ اولهه جي انگ اڪرن مطابق 2.4 سيڪڙو هئي. اهڙي ريت آخر تائين سوويت معيشيت بحران نه پر مسئلن جو شڪار هئي ۽ بظاهر انهن مسئلن جي حل طور آندل نام نهاد سڌارن ذريعي سوويت رياست کي مٿان کان ٽوڙيو ويو نه ڪي هيٺيان کان. مترجم)

گورباچوف

گورباچوف جي قيادت تائين ايندي، سرمائيداري جي بحالي جون سموريون




مادي ۽ نظرياتي حالتون تيار ڪيون ويون هيون. چرنينڪو جي وفات ڪانپوءِ مارچ 1985 ۾ گوربا چوف سيڪريٽري جنرل ٿيو. هُن خروشيف وانگي جلد ئي پارٽيءَ اندر انهن عنصرن کي ڏڪي ٻاهر ڪيو جن تي ڪيس اعتبار نه هو ۽ جيڪي سندس سرمائيداريءَ جي بحالي واري مقصد جي اڳيان اچي ٿي سگهيا. سيڪريٽري جنرل ٿيڻ جي سال کن جي عرصي ۾ ئي هو اڌ ڪان مٿي پولٽ بيورو جي ڪنڊيڊيٽ ميمبرن، سينٽرل ڪاميٽيءَ جي شعبن جي 23 رهنمائن منجهان 14، ريپبلڪ جي 14 اڳواڻن منجهان 5، ضلعن ۽ علائقن جي 157 فرسٽ سيڪريٽرين منجهان 50، 40 سيڪڙو سفارتڪارن ۽ 50،000 مينيجرن کي هٽائڻ ۾ ڪامياب ويو. سرمائيداريءَ جي بحالي جي عمل کي تيز ڪرڻ لاءِ گورباچوف، گلاسنوسٽ ۽ پريسترائيڪا جي ٻن نالن هيٺ پاليسين جو اجرا ڪيو، جن کي CPSU سينٽرل ڪاميٽيءَ جي جنوري ۽ جون 1987 واري پلينري (ميمبرساز) گڏجاڻين ۾ اپنايو ويو. گلاسنوسٽ نظرياتي دائرن اندر اهو ئي ڪم سرانجام ڏنو جيڪو معاشي دائرن اندر پريسترائيڪا ڪيو. جيئن پيريسترائيڪا جو مقصد مرڪزي منصوبابند معيشيت جي هر باقيات کي تباهه ڪري سرمائيدارڻي پيداواري لاڳاپن جي مڪمل بحالي هو تئين گلاسنوسٽ جو مقصد USSR جي ادارن ۽ سياسي زندگيءَ منجهه مارڪسزم ليننزم جي سائنس جي بچيل هر صورت جو خاتمو ڪري انهيءَ کي بورجوا جمهوريت جي خصوصيتن منجهه تبديل ڪرڻ هو.

1985-86 جي گورباچوف واري نام نهاد سڌارن وارو پروگرام، جنوري 1987 واري سينٽرل ڪاميٽي جي پلينيم گڏجاڻي ۽ جون 1988 ۾ پارٽيءَ جي 19 ڪانفرنس تائين، سوشلزم تي واقعي هڪ آخري حملو ثابت ٿيو. اهو هڪ ردِ انقلابي پروگرام هيو جنهن جو مقصد ڪميونسٽ پارٽيءَ جي قيادت، رياستي ملڪيت، مرڪزي منصوبابندي ۽ USSR جي گهڻ قومي وحدت کي تباهه ڪرڻ هو. پارٽيءَ جي 19 ڪانفرنس ڪميونسٽ مخالف ڪاروائي ثابت ٿي. انهيءَ اسٽالن مخالفت جي نالي ۾ بخارين (جي فلسفي کي) نئين سر بحال ڪيو، سرمائيداري جي مڪمل بحالي جو مقصد رڪنڊڙ قوتن لاءِ ڳاڙهو قالين وڇايو، سيڪنڊ اڪانامي کي قانوني حيثيت ۾ جاري رکيو، رضاڪار (غير رسمي) ادارن کي اهو چئي قبول ڪيو ته انهن جي سوويت سماج ۾ قانوني حيثيت آهي. دراصل غير رسمي مان مراد انهن سمورين سرگرمين جي هئي جيڪي سڌي ريت پارٽيءَ جي ضابطي هيٺ نه هيون. جنهن ۾ ثقافتي لبرلزم، پارٽيءَ جو محدود ڪردار، نظرياتي معيارن جو ڊرو ۽ هلڪو ٿيڻ، طبقاتي جدوجهد جي مخالفت، جمهوريت جا بورجوا اصطلاح، اولهه جي هر شئي ڏانهن جهڪاءُ، موجود دور جي سرمائيداراڻي جمهوريت جو چاهه، مارڪيٽ جي تابعداري ۽ معاشي منصوبابندي ڏانهن سخت دشمني شامل هئي. ساڳي وقت ڪوآپريٽوز ۽ قرضن بابت نون قانونن، سرمائيدارڻ عنصرن ۽ جنس (COMMODITY) جي پيداوار کي وڌي وسعت ڏني. 1987-88 تائين گورباچوف جي سڌارن پارٽيءَ جي ٽوڙ ڦوڙ ۾ پنهنجو اظهار ڪيو. گلاسنوسٽ جي ٻي معنيٰ ڪميونسٽ مخالفت ٿي پئي، معاشي سڌارن سوشلسٽ مارڪيٽن کي مارڪيٽ سوشلزم يعني سرمائيداريءَ ۾ بدلائي، سوشلسٽ معيشيت جي هر باقيات کي ختم ڪيو ۽ هوسيل نجڪاريءَ کي مادي شڪل ڏني. خروشيف جي دور وانگي، غير مرڪزيت ۽ اسٽالن مخالفت جي نام نهاد جمهوري نعري هيٺ، گورباچوف جي سڌارپسندن، بظاهر

پارٽيءَ ۾ معيشيت کي بهتر ڪرڻ ۾ شخصيت پرستيءَ کي ننڍڻ بهاني، پنهنجي ترميم پسنديءَ سان پارٽيءَ جي پوري تاريخ ۾ سوويت رياست جي تاريخي حاصلاتن کي مسخ ڪري ڇڏيو. انهيءَ نام نهاد جمهوري عمل سان پارٽيءَ جي رهنما ڪردار ۾ تنظيم جي بنيادي اصول جمهوري مرڪزيت کي رد ڪندي، پارٽيءَ جي تنظيم ڪاري مارڪسزم ليننزم کان تبديل ڪري سوشل ڊيموڪريٽڪ نموني بڻائي وئي. هاٽي بقاءِ باهمي (خروشيفي ترميم پسندي) کي عالمي انساني قدرن ۾ بدلائي، بظاهر انهن ٽيڪ ٽاڪ نعرن جي لِڪ ۾ سرمائيداري ۾ سامراجيت سان ڪليو ٺاهه ڪيو ويو. گورباچوف وٽ CPSUلاءِ ڪجهه به نه هو ماسواءِ نفرت جي.هن هڪ دفعي ان پارٽيءَ کي خارش زده ڪتو قرار ڏنو،جنهن ڪيس اختيار ڏنو هو ۾ هن انهي اختيار کي پنهنجي ردِ انقلاب کي ڪامياب ڪرڻ ۾ USSR ۾ سرمائيداريءَ جي بحاليءَ لاءِ استعمال ڪيو. USSR ۾ سوشلزم جي هر بچيل شئي کي تباهه ڪرڻ ۾ جُنبيل ۾ پارٽيءَ خلاف انهيءَ نفرت باوجود گورباچوف، CPSU جي تحليل، USSR جي انهدام ۾ سوشلسٽ ڪيمپ جي خاتمي جي سموري ڪم جي نگهبانيءَ لاءِ، وڏو عرصو سيڪريٽري جنرل جي عهدي تي رهيو. سندس اقتدار جي آخري ٽن سالن (1989-1991) ۾ ردِ انقلابن پوري اوڀر يورپ کي سامراج جي مدد سان بهاري ڇڏيو پر گورباچوف ۾ سندس حوارين ڪا به مدد نه ڪئي. نومبر 1989 ۾ برلن ديوار کي ڪيرايو ويو، سال ڪانپوءِ جرمني نيٽو جي شرطن تي هڪ ٿيو، (اهڙي ريت) اوڀر يورپ جا سوشلسٽ ملڪ، هڪ ئي پنيان تاس جي پتن وانگي ڪرندا ويا.

اوڀر يورپ ۾ چڪتاڻ ۾ USSR ۾ سرمائيدار قوتن جي ٽوڙ ڦوڙ جي اٿرن ملي ڪري، سوويت يونين ۾ شامل ريپبلڪ رياستن جي باهمي تعلق کي خراب ڪري ڇڏيو. جن هڪ ئي پنيان اڳتي هلي ڌار ٿيڻ جو اعلان ڪيو. 1991 جي وچ ڊسمبر تائين، سمورين ريپبلڪن جي ڌار ٿيڻ ڪانپوءِ، رشين فيڊريشن بنا ڪنهن سرڪاري آزادي جي اعلان جي اڪيلي رهجي وئي. عالمي سطح تي به گورباچوف جي ٽولي، ننڍن سوشلسٽ ملڪن ۾ قومي آزاديءَ جي تحريڪن سان غداري ڪئي. مئي 1989 ۾ نڪاراگوا ڏانهن هٿيارن جي ترسيل کي بند ڪيو ويو. 1990 ۾ سوويت يونين ڪيوبا جي 5 ارب ڊالرن جي ساليانى امداد ختم ڪري ڇڏي هئي جنهن ۾ تيل ۾ ٻين قيمتي شين جي رسد شامل هئي. ان کان پهرين 15 فيبروري 1989 تي، نجيب الله جي حڪومت کي سامراج نواز جنگي سردارن جي رحم وڪرم تي ڇڏيندي، آخري سوويت فوجي جٿن به افغانستان ڇڏيو. اهڙي ريت سامراج کان موٽ ۾ بنا ڪنهن رعايتن جي، پنهنجي افغان ساٿين ۾ سوويت سپاهين جي قربانيءَ جي نفي ڪئي وئي. ڏکڻ آفريڪي ۾ فلسطيني جدوجهدن کي به ساڳي ريت ڦٽو ڪيو ويو.



گورباچوف، 7 نومبر 1990 ۾ آڪٽوبر انقلاب جي تقريب دوران پنهنجي پيغام ۾ سوشلزم سان غداري ۾ سرمائيداري ۾ سامراج ڏانهن پنهنجي جهڪاءُ کي، نڪ جي پڪائي ۾ بي حيائي واري پنهنجي خاص خاصيت سان، آزادي ۾ چوٽڪارو سڏيو.“ (پريسترائيڪا).......اسان آزادي ۾ چوٽڪاري کي آندو آهي....اسان دنيا ڏانهن سڌا ٿيا آهيون....دنيا سان تضاد ۾ اچي ڪري، اسان پاڻ تهذيبي ترقيءَ جي هن اهم

موڙ تي شموليت جو موقعو وڃايو. اسان تمام گهڻا ۽ شايد تمام وڏا نقصان سٺا.”

پارٽيءَ جي 28 ڪانگريس ۾ گورباچوف ۽ سندس ٽولي جي ڪاميابي باوجود، (هڪڙا پيا) نام نهاد جمهوريت پسند، بورس يلسن جي اڳواٽيءَ ۾ اهو چوندي پارٽي منجهان خود نمائي واري انداز ۾ واڪ آئوٽ ڪري هليا ويا ته پارٽي پاڻ منجهه تڪڙا سڌارا نه پئي آڻي. گوربا چوف ۽ نام نهاد جمهوري پليٽ فارم جي وچ ۾ اختلافن جو ڏيک ڏيندي، واڪ آئوٽ دراصل تسلسل هو ٻن ردِ انقلابي ڌڙن جي وچ۾ پورهيي جي اِن ماهراڻي ۽ ڦڙت ورهاست جو، جنهن ۾ٻئي ڌريون (گورباچوف CPSU جي اندران ۽ يلسن جمهوريت پسند ٻاهران) پنهنجي پنهنجي اُن مهارت ڪي اظهاري رهيون هيون جنهن سان CPSU ۽ سوشلسٽ معيشيت کي تباهه ڪري سگهجي. 28 ڪانگريس ڪانپوءِ سال جي اندر هو اِهو سڀ ڪجهه حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا. جون 1991 ۾ يلسن، رشين فيڊريشن (RSFSR) جو صدر چونڊجي ويو. 6 جنوري 1991 تي، اقتدار تي قبضي جي هڪ ناڪام ڪوشش (COUP) جو فائدو وٺندي، يلسن CPSU تي پابندي وجهي ڇڏي ۽ انجي تحليل جو حڪم ڏنو. ڊسمبر ۾ هن ڪريملن تان ڳاڙهو جهنڊو لاهڻ جو حڪم ڏنو. گوربا چوف پنهنجي زندگيءَ جو ڪم پورو ڪري 25 ڊسمبر تي استعفي ڏئي ڇڏي . 31 ڊسمبر 1991 تي USSR جو وجود باقي نه رهيو.

ترميم پسنديءَ جو خاتمو

اهڙي ريت عالمي پورهيتن جي پهرين ماتر ڀومي، پورهيت انقلاب جو پهريون مورچو، هڪ دور جو عظيم ۽ شاندار سويت يونين، ساڍن ٽن ڏهاڪن جي خروشيفي ترميم پسنديءَ سبب هڪ ذلت آميز پڇاڙيءَ تي پهتو. سوشلزم جي جاءِ هڪ ڦورو سرمائيداري ورتي. جڏهن ته پورهيتن جي آمريت جي جاءِ تي چند ڏڱن جي آمريت قائم ٿي جن انهن وسيلن ۽ تمام گهڻي دولت تي هٿ صاف ڪيو جن ڪي سوويت عوام رجعتي ۽ سامراجي قوتن سان پنهنجي ست ڏهاڪن جي سخت مزاحمت ۾ جنميو ۽ سنڀاليو.

عالمي پورهيتن ۽ دنيا جي محڪوم، مجبور ماڻهن لاءِ انتهائي ضروري آهي ته هو CPSU ۽ USSR جي خاتمي جي ڪارڻن کي سمجهن. ڇاڪاڻ ته سوويت انهدام جي سمجهه مستقبل جي ويڙهه سان سلهاڙيل آهي. پورهيت بمشڪل وڙهندو ۽ ضروري قربانيون ڏيندو جيڪڏهن هو سوشلزم کي هڪ ناڪام نظام سمجهندو. هو مشڪل سان سرمائيداري کي ختم ڪرڻ لاءِ سنجيده ڪوششون ڪندو جيڪڏهن هو اهو مڃي چڪو آهي ته مارڪيٽ اڪانامي ئي انساني آزاديءَ جي ڇاپي آهي. پريسترائيڪا تي منهنجي ڪتاب جو مقصد اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش هئي ته CPSU ۽ USSR جو خاتمو مارڪسزم ليننزم جي سائنس جي اندروني کوٽن جي سبب نه پر CPSU جي خروشيفي ترميم پسند قيادت پاران انهيءَ سائنس کان دوري سبب ٿيو. جيڪي ٽن ڏهاڪن کان مارڪسزم ليننزم جي فلسفياڻن، معاشي ۽ طبقاتي جدوجهد جي دائرن اندر بگاڙ جا ڏوهاري آهن. انهن ڏهاڪن ۾ مارڪسزم ليننزم بابت کوڙ ۽ ان جو بگاڙ،ِ انهيءَ کان دوري وڌندي وئي ايتري قدر جو آخر ۾ مقدار معيار ۾ بدلجي ويو. خروشيف جي دور ۾ جنهن شئي ٽمڻ يا سمڻ شروع ڪيو اها گورباچوف جي دور ۾ ٻوڏ بڻجي آئي. جنهن لينن، اسٽالن ۽ سوويتن جي زمين تي، ان زمين تي جتي سوشلزم فتحياب ٿيو هو، سرمائيداريءَ کي بحال ڪيو. تنهن ڪري جا شئي ڊٺي سا مارڪسزم ليننزم نه پر ترميم

پسندي هئي جيڪا اڪثر طور تي تباهه ٿي ۽ پاڻ سان گڏ USSR کي به وٺي وئي. ترميم پسنديءَ جو خاتمو، جيڪو پورهيتن تي بورجوا اثرن ۽ پورهيتن جي بورجوا ڪرپشن جو ئي اظهار آهي، تمام آهستگيءَ سان پر لازمي طور پوري دنيا جو پورهيت تنظيمن کي مجبور ڪري رهيو آهي ته اهي تمام گهٽي گهرائي سان اوڀر يورپ ۽ USSR ۾ آيل تبديلين جو جائزو وٺن ، انهيءَ جائزي منجهان نتيجا اخذ ڪن ۽ پوءِ صحيح سبق حاصل ڪن. اهو انهن (تنظيمن) مٿان لازمي فرض بڻجي چڪو آهي ته هو پنهنجي نظرياتي هٿيارن کي تکو ڪن ۽ ڪرنڊڙ اُن نظرياتي معيار خلاف جنگ تيز ڪن جيڪو تڏهن کان ڪري رهيو آهي جڏهن کان 1956 ۾پارٽيءَ جي ويهين ڪانگريس وقت، CPSU جي قيادت تي خروشيفي ترميم پسندن جو قبضو قائم ٿيو هو. نظرياتي معيارن جي هي لاٿ ئي اِها وضاحت ڪري ٿي ته ترميم پسندن جي يلغار جي سامهون، پوري دنيا اندر هيڏي ساري انگ ۾ موجود پورهيت پارٽيون ڇو محض لاچار تماشائي بڻيل آهن. ترميم پسنديءَ جي تباهي، تمام تيزي سان انهن (پارٽين) کي اهو سچ سمجهائي رهيو آهي ته " انقلابي نظريي ڪانسواءِ انقلابي تحريڪ نه ٿي پيدا ٿي سگهي." ڪميونسٽ پارٽين تي اهو سمجهڻ فرض آهي ته جنگ ۾ هر اول دستي جو ڪردار اها پارٽي ئي ادا ڪري سگهي ٿي جنهنجي رهنمائي سڀ کان وڏيڪ اسريل نظريو ڪري ٿو.

"انهيءَ سوچ جو زور سان اطلاق ان وقت ٿي ڪونه ٿو سگهي، جڏهن عملي جدوجهد جي تنگ صورتن جي ساراهه ۽ موقعي پرستيءَ جي تبليغ جو فيشن، هٿ ۾ هٿ ڏئي هلندا هجن." لينن

پاڪستان جي طبقاتي بيهڪ

امين قريشي

بيٺڪيت کان پهرين جو هندستاني سماج، بيٺڪيتي دؤر جا سماج تي اثر ۽ پاڪستان ۾ اڄ جاگيرداراڻي ۽ سرمائيداراڻي نظام جا خدوخال، هي ڪجهه اهڙا سوال آهن جن تي تمام گهڻو بحث ته ٿيو آهي پر تمام ٿورو سنجيده مواد لکيو ويو آهي. نتيجي طور عام طور تي انهيءَ بُک، اسان جي سنجيده ساٿين کي ٿوري گهڻي فرق سان، انهيءَ ڏس ۾ ۾ هر لکٽيءَ کي غير تنقيدي انداز ۾ قبول ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي. تيمور رحمان جي ڪتاب (دي ڪلاس اسٽرڪچر آف پاڪستان) تي ڪامريڊ امين قريشي جو مضمون ڪجهه اهڙي قسم جو پر وقتائتو ۽ هڪ نئين ۽ ضروري بحث جي شروعات ڪندڙ مضمون آهي. اسان جي ڪوشش هوندي ته ايندڙ سماجواد ۾ مٿي ڄاڻايل سوالن ۽ تيمور جي ڪتاب تي اجان وڌيڪ هڪ جامع ۽ تنقيدي تبصرو اچي. (ادارو)

ڇا سنڌي ڪنڌ ۾ غلامي وارو دؤر ٿي گذريو آهي؟ بلڪل ائين جيئن يونان، روم ۽ ٻين اولهه وارن خطن ۾ رهيو آهي. ڇا سنڌي ڪنڌ ۾ جاگيرداري وجود رکندي هئي؟ بلڪل ائين جيئن ”اولهه“ وچين دؤر ۾ انهيءَ مان گذريو؟ سنڌي ڪنڌ ۾ بيٺڪيت کان اڳ مغليه دؤر ۾ آخر سماجي پيداواري نظام ڪهڙو هو؟ انگريز بيٺڪيت واري دؤر ۾ انهيءَ خطي جي پيداواري ”نظام“ ڪهڙو رنگ حاصل ڪيو؟ ۽ بيٺڪيت کان پوءِ جديد بيٺڪيت هيٺ پيداواري نظام جي صورتحال ڪٿي بيٺي آهي؟ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هيندي ڪرافٽس، مينو فيڪچرنگ ۽ صنعت ڪاري تائين ارتقا وارو سفر ڪيئن رهيو آهي؟ ذرعي سماج ۾ سرمائيداري تحت ”کيت مزدور“ (پوک مزدور) ڪيتري تعداد ۾ اوسر هيٺ آيو آهي. صنعت ڪاريءَ جي ڪهڙن ڪهڙن دورن ۾ ”ڏهاڙي مزدور“ Wage Labour جي واڌ ويجهه ٿي ۽ ڪهڙن دؤرن ۾ ان جو ترتيبوار خاتمو ٿيو. زميني سڌارن کان ويندي پورهيت دشمن قانونَ ڪهڙين مخصوص ضرورتن تحت آندا ويا. هن سنڌي ڪنڌ جي مزاحمتي طبقاتي تاريخ ڪٿي گم آهي. ذات ۽ برادري واري سماج ۾ مزاحمت اڻ لڀ ڇو آهي؟ ڇا ذاتين جي ورهاست طبقاتي بيهڪ جو اظهار هئي. هندستان جي خود ڪفيل معيشت ۽ ذاتين تي بيٺل سماج، مزاحمت کان خالي، ۽ جمود جو شڪار ڇو رهيو؟

هي اهي سوال آهن. جن تي ليکڪ تيمور رحمان پنهنجي قلم سان ڪتاب The class structure of Pakistan ”پاڪستان جي طبقاتي بيهڪ“ ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. ڊاڪٽر تيمور رحمان لاهور جي Lums يونيورسٽي ۾ پڙهائيندڙ مارڪسٽ دانشور ۽ بي ڊپو اڳواڻ آهي. سموري عمر مارڪسزم لاءِ ارپيندڙ هن فرد انهن موضوعن جي تسلسل ۾ مادي ”Materialist“ بنيادن تي ڪم ڪيو آهي، جن موضوعن کي عرفان حبيب، حمزه علوي، ڊاڪٽر مبارڪ علي وقت به وقت بحث هيٺ آڻيندا رهيا آهن. هن ملڪ ۾ جيئن ته سائنسي مارڪسي بنيادن تي ڪوجنا جو ڪم بنهه گهٽ ٿيندو آهي ان ڪري ان جو ڪتابي روپ پڻ اڻ لڀ هوندو آهي.

تاريخي ماديت جي بنياد تي لکيل هن ڪتاب جو ڪمال هي آهي ته هن ڪيترن ئي مونجهارن کي ختم ڪندي، حتمي نتيجن تي پهچايو آهي.

سڀ کان پهرين هن ڪتاب ۾ جاگيرداري ”Feudalism“ ۽ ايشيائي طرز پيداوار

"Asiatic mode of production" کي زير بحث آندو آهي. "ايشيائي طرز پيداوار جو اصطلاح مارڪس 1859ع ۾ متعارف ڪرايو هو. جنهن جو مطلب هي آهي ته اڳ ۾ موجود، اوائلي اشتراڪي، غلامن جاگيردارن، سرمائيدارن ۽ سوشلسٽ سماجي نظامن جيان هي ايشيائي طرز پيداوار وارو سماج ڪي قدر، ٿورو گهڻي فرق سان ئي مختلف رهيو آهي. ڇو جو اهو ته طئي آهي ته انگريزن جي آمد کان اڳ وارو مغليه هندستان جاگيرداراڻو سماج ڪونه هو. نه ئي وري هتي ڪو تز معنيٰ ۾ غلاماڻو سماج رهيو آهي. غلاماڻي سماج جي جڳهه تي هندستان اسان کي ذات پات جي بنياد تي ورهايل غلامي ۾ نظر اچي ٿو. جڏهن ته مغليه سلطنت وارن دؤرن ۾ هي جاگيرداري ان ڪري نه هئي ڇاڪاڻ ته هن ننڍي ڪنڊ ۾ زمين "ذاتي ملڪيت" جي حيثيت سان ڪڏهن غالب حيثيت ۾ رهي ئي نه هئي.

ايشيائي طرز پيداوار جون ڪجهه مخصوص خاصيتون هي آهن، جهڙوڪ (1) فطري اقتصاديات Natural Economy، (2) زمين جو ذاتي ملڪيت ۾ نه هئڻ، (3) عوامي بنيادي ضرورتن واري ڪم جو رياست جي ذمي هئڻ، (4) رياست طرفان اضافي قدر "Surplus Value" ڦٻائڻ؛ اضافي قدر ڦٻائڻ لاءِ ضروري ناهي ته ذاتي ملڪيت هجي. بلڪل ائين جيئن غلام داراڻي سماجن ۾ ذاتي ملڪيت اڻ لپ هوندي آهي. جتي غلام ڳالهائيندڙ اوزار vocal tools هوندا آهن. اتي به اضافي قدر حاصل ڪيو ويندو آهي. بيٺڪيت کان پهرين واري انڊيا ۾ ڳوٺاڻي خود ڪفيل معيشت آهي. ان ڳوٺ وٽ زمين گڏيل ملڪيت آهي. جنهن کان رياست ٻئي مهل پنهنجو حصو ڍَلَ "tax" (يعني اضافي قدر) جي صورت ۾ ڪٽندي آهي. 1930 کان پوءِ مختلف ڪميونسٽ پارٽين اهو موقف رکيو ته ايشيائي طرز پيداوار ڪو مخصوص پيداواري نظام ناهي بلڪه غلامداراڻي يا جاگيرداراڻي سماج جو "ايشيائي مخصوص قسم" "Asiatic variations" آهي جڏهن ته ٻي عالمي جنگ کان پوءِ خاص ڪري فرانس ۽ برطانيه جي مارڪسسٽن جو خيال رهيو ته ايشيائي طرز پيداواري سرشتو، غير طبقاتي ۽ طبقاتي نظام جي وچ وارو عالمي عبوري مرحلو "Universal Transitory Stage" رهيو آهي. هنن مارڪس جي انهيءَ تجزيي ته ايشيائي طرز پيداوار هڪ بيٺل استحصالي طبقاتي سماج آهي، کي پاسيرو ڪندي انهيءَ جي استحصالي ۽ جمودي بيهڪ کان انڪار ڪيو. جتان کان بحث جو هڪ نئون آغاز ٿيو.

لوزيڪ ڪولا ڪووسڪي جو چوڻ هيو ته "ايشيائي طرز پيداوار جو تصور، روسي مارڪسزم جي تصور کان ڪجهه قدر مختلف هيو. مثال طور ان تصور ۾ جاگرافيائي بيهڪ جي پيداواري قوتن جي پيٽ ۾ اوليتي حيثيت اختيار ڪيل آهي. جڏهن ته بيٺل سماج وارو تصور سماجي ترقي جي اڻ ٽر حقيقت جي تضاد ۾ آهي ته ساڳي وقت ان مان ائين به طبع ٿئي ٿو ته اوسر (Development) صرف يورپ جو ئي خاصو آهي." پر جلد ئي اهڙي موقف بابت اهي رايا اچڻ لڳا ته اهي روس مخالف (Anti Comintron) چيني موقف واري لائين تحت ڏنا ويا آهن. بيٺڪيتي نظام هيٺ متعارف ٿيل سرمائيداري بابت لکندي ليڪ لکي ٿو ته ان نظام کي اسان "بيٺڪيتي سرمائيداري" Colonial Capitalism چونداسين. حمزا علوي پڻ "بيٺڪيتي طرز پيداوار" جو اصطلاح استعمال ڪيو آهي. ڏکڻ ايشيا ۾ سرمائيداري جو پهريون اهڃاڻ، ٻاهرين ملڪن جا اهي سرمائيدار آهن جن جي مفادن لاءِ برطانوي بيٺڪيتي رياست، هن

ملڪ جي سياسي، معاشي ۽ ثقافتي بنيادن تي قبضو ڪيو. پہ لک هندستاني فوجين ۽ پندرهن سئو هندستاني آفيسر شاهي جي مدد سان اهو سڀ ڪجهه ممڪن ٿيو. انگريز هڪ اهڙي هندستاني بورجوا جا بنياد رکي رهيو هو، جيڪو اولهه جي ڪلچر ۽ خيال کي هنڌائي چڪو هو. ان لاءِ ئي "رام موهن راءِ" ۽ سر سيد احمد خان جهڙن ماڻهن کي ترقيون ڏياريون. اهڙيءَ طرح ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ٺهي کي اڳتي آندو ويو. پنهنجن مفادن جي پوراءَ لاءِ ريلوي جي صنعت ڏني وئي، نهري نظام ڏنو ويو. روڏن جو ڄار، قانون، قائده وغيره وغيره.

بيٺڪيتي نظام جو ٻيو مظهر اهو آهي "نندي ڪنڌ جو واپار" جيڪو سموري دنيا سان جڙي ٿو ان جو سمورو Surplus value "اضافي قدر" برطانوي سلطنت حوالي ٿئي ٿو. هندستان جي مقامي صنعت جي تباهي جي بنياد تي ئي برطانيه پهنجي صنعتي انقلاب جا مرحلا پورا ڪيا.

هندستان جي تاريخ ۾ بنيادي تبديلي ان وقت آئي. جڏهن ايشيائي طرز پيداوار ۾ انگريزن ذاتي ملڪيت (Private Property) متعارف ڪرائي. 1793ع ۾ انگريزن پهريون دفعو "مستقل رهائشي قانون" Permanent settlement act متعارف ڪرايو. ان ايڪٽ نه صرف زمين جي ذاتي ملڪيت جو حق ڏنو پر Fixed Revenue (واجب الادا) پڻ ڏنو. انهيءَ حق ملڻ سان، جاگيردار، زميندار ۽ ٻيا زمين جا مالڪ ٿيڻ لڳا. نه صرف ايترو پر ساڳي وقت روايتي (واهپي وارا) فصل پوکڻ جي پيٽ ۾ Cashcrop (ڪمائي واري فصل) ڏانهن رجحان وڌڻ لڳو. ان هوندي انگريزن جي ناقص ڪارڪردگيءَ بنگال کي ڏڪار ڏيئي لکين ماڻهو مارايا. مجموعي طور تي انڊيا ۾ 1757ع کان وٺي 1847ع تائين "Per Capita" انڪم ۾ ذري جو به اضافو نه ٿي سگهيو. اهو هو بيٺڪتي ڦرلٽ جو حاصل نتيجو، زمين جي ذاتي ملڪيت ۾ وڃڻ کان پوءِ هاري بغاوتون زور وٺڻ ٿيون. نتيجن انگريزن هارين کي پڻ ڪجهه حق ڏيڻ شروع ڪيا. جهڙوڪ رينٽ ايڪٽ Rent act ۽ ٽيننسي ايڪٽ Tenancy act وغيره وغيره.

ليڪڪ ذاتين واري موضوع تي لکي ٿو تہ هن خطي ۾ زرعي سماج ۾ پورهئي جي ورهاست صدين کان وٺي ذات پات جي بنياد تي بيٺل رهي آهي. پر اهو بحث به شامل آهي تہ برهمڻ، ويش، کتري ۽ شودر، ذاتيون نه پر طبقا رهيا آهن. پر بيٺڪيتي سرمائيداريءَ "Colonial Capitalism" سمورو ذات پات وارو سرشتو هيٺ مٿي ٿي ويو. هاڻي برهمڻ نه پر واپاري طبقي کي وارو مليو حڪمراني طرف اچڻ جو. جڏهن ته هيٺين قسم واريون ذاتيون، ڏهاڙي مزدورن ۾ منتقل ٿيڻ لڳيون. هير رانجها، سسي پنهون، سهڻي ميهار کي شاعرن الهامي بڻائي ڇڏيو. ذاتين جي تنگ نظري خلاف ٿيندڙ بغاوتي عشق آزادي وقت پنجاب جي اڌ، سرحد (خيبر پختونخواه) جي اڌ ۽ سنڌ جي ستر سيڪڙو ايراضي Share cropping system (بٽئي نظام) تي بيٺل هئي.

"Land lord Tenant" (وڏيرڪي) رشتي کي ئي فيوڊل ازم (جاگيرداريءَ) طور سڃاتو وڃي ٿو. ڀهراڙين جي غريب آباديءَ وٽ ملڪ ٺهڻ وقت ڪل زمين جو 15 سيڪڙو مس هيو. جڏهن ته هڪ سيڪڙو آبادي وٽ ڪل ملڪ جي ٽيهه سيڪڙو زمين قبضي هيٺ هئي. ٽين دنيا جي ٻين ملڪن جپان، روس جي سوشلزم کان ڊڄندي، پاڪستان ۾ پڻ "سبز انقلاب" "Green Revolution" متعارف ڪرايو ويو. جنهن ڪري زراعت تيزي سان اڳتي وڌڻ لڳي. USAID ۽ فورڊ فائونڊيشن جي امداد جو سلسلو پڻ ان وقت کان شروع آهي. جڏهن ته زميني سڌارا ايوب،

ٿوڙي پئي جا، ڪي به لاڀ ڏيئي نه سگهيا.

ليڪ هن ملڪ ۾ صنعتڪاريءَ ڪي تمام سهٽي نموني ڌيان ڇڪائيندي لکي ٿو ته ملڪ ٺهڻ وقت چند مسلمان گهراڻا سرمائيدار طور سڃاتا ويندا هئا جن ۾ دائود، آدم جي، سيگل هاشواڻي، هارون، چنوئي، عبدالستار، ڪريم، خان وغيره وغيره هئا جن ٿوري وقت ۾ ٻاويهن سرمائيدار گهراڻن واري اصطلاح جي سڃاڻپ حاصل ڪئي. جيڪي ايوب جي دؤر اندر هڪ هٽي قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ هن ملڪ جي اڇي ڪاري جا مالڪ ٿي ويا. شروع وارن سالن ۾ صنعتڪاري تيزي سان وڌي ان جو سبب ٻاهرين امداد هو. صنعت ڪاري جي ڪري ڏهاڙي مزدور پڻ تيزي سان اڀري آيو ۽ يونين سازي ۽ پورهيت طبقي جي سياست پير ڪوڙڻ لڳي. 1948ع ڌاري حڪومت وٽ مشڪل سان هڪ هزار فيڪٽريون رجسٽر هيون، ايوب جي دور ۾ اهو انگ وڌي ڇهه هزار ٿيو. ستر ڪان پوءِ هن وقت تائين اهو عمل ايترو سست ٿيو جو، فيڪٽرين جو انگ 2000ع تائين مشڪل سان ڏهه هزار تائين پهتو. 1950ع ۾ فيڪٽرين جي مزدور جو انگ هڪ لک ويهه هزار مان وڌي، 1970ع تائين ٽي لک پنجهتر هزار ٿيو. پر ان ڪان پوءِ اهو انگ گهٽجڻ لڳو جيڪو هڪ لک چاليهه هزار مزدورن تي اچي بيٺو. اهڙي ريت ٽريڊ يونين جي تعداد ۾ پڻ گهٽتائي ايندي ويئي. انڊيا سان جنگ، آمريڪا کي ڪاوڙائي وڌو. آمريڪا جو چوڻ هيو ته هنن پاڪستان کي هٿياربند، روس ۽ چين خلاف ڪيو هيو نه ڪي انڊيا خلاف. ان ڪري بعد ۾ فنڊ پڻ روڪيا ويا. نتيجن ترقي جي رفتار پڻ سست ٿيڻ لڳي.

پٺو اڇڻ شرط انهن ٻاويهن خاندانن جي هڪ هٽي کي ڌڪ هڻندي، صنعتون ۽ ڪارخانه، قومي تحويل ۾ ورتا (نيشنلائيزڊ) ڪرڻ شروع ڪيا. آزاد ٽينڊڙ بنگلاديش پڻ ڪيتريون ئي صنعتون حڪومتي تحويل ۾ ورتيون ۽ ڪو معاوضو به نه ڏنو. ضياالحق نه صرف نيشنلائيزيشن کي ابتو ڪندي خانگايو، سرمائيدارن کي محفوظ ڪيو پر مزدور تحريڪ کي ختم ڪرڻ لاءِ پڻ اپاءَ ورتا. پٺو جنهن پبلڪ سيڪٽر کي 5 سيڪڙو مان وڌائي ستر سيڪڙو ڪيو. ضياءَ هڪ دم ستر سيڪڙو کي گهٽائيندي ارڙهن سيڪڙو تي آندو. ضياءَ جي دؤر ۾ نه صرف ”چنيوٽ گروپ“ جا سرمائيدار سڀ ڪان ٽاپ تي آيا پر صنعتن جو پنجاب منتقل ٿيڻ جو سلسلو پڻ شروع ٿيو. ضياءَ دور ڪان وٺي هن وقت تائين پاڪستان عالمي نيو لبرل پاليسي تي هلندي سمورا يونٽ آهستي آهستي پرائيوٽائيز ڪري رهيو آهي. جنهن جو ننڍڙو مثال اهو آهي ته 1955ع ڪان 2002ع تائين 1635 ٽريڊ يونين جو تعداد گهٽجي 1201 تي پهتو، سندن ميمبرشپ اڌو اڌ گهٽجي وئي.

1997ع ۾ سپريم ڪورٽ فيصلو ڏنو ته ”هڙتال جو حق“ بنيادي حق تسليم نٿو ڪجي. IRO-2002 مزدورن کي باقي رهيل حق تان به دستبردار ٿيڻ تي مجبور ڪيو. هن ملڪ ۾ ننڍي پيماني جي صنعت گهٽي آهي. جڏهن ته وڏي پيماني جي صنعتي يونٽ جو سيڪڙو بنهه گهٽ آهي. جڏهن ته ملڪ ۾ ڇڙ وڇڙ مزدورن ۾ گهڻو اضافو ٿيو آهي.

ناري واد

8 مارچ نارين جو عالمي ڏينهن!

ڪامريڊ عاليه بخشل



8 مارچ نارين جو عالمي ڏينهن سموري دنيا جي مظلوم نارين جي اتحاد ۽ ناري جي آزادي ڏانهن عملي وک وڌائڻ جو ڏينهن آهي. هونءَ ته سرمائيداري ادارا به ان ڏينهن کي نارين جو عالمي ڏينهن مجيندي تمام وڏا پروگرام ۽ ليڪچر منعقد ڪرائيندا آهن پر اهڙا پروگرام ۽ ليڪچر اِن ڏنهن جو اصل تاريخي مقصد ۽ طبقاتي نوعيت گم ڪري، دنيا اڳيان اِن ڏنهن جو ۽ نارين جي آزاديءَ جو هڪ تجريدي ۽ کوکلو تصور پيش ڪندا آهن. اِن ڪري اڪثر ماڻهن کي اِن ڏينهن جي نه ته تاريخ جي ڄاڻ هوندي آهي ۽ نه ئي وري ناريءَ جي غلامي ۽ ان خلاف جدوجهد جي مادي بنيادن جي ساڃاهه- اسان هڪ ترقي پسند ڪاٻي ڌر جي قوت هجڻ جي ناتي اِهو لازمي سمجهون ٿا ته دنيا اڳيان، خاص طور تي نارين اڳيان اِن ڏينهن جي تاريخي مقصد ۽ ڪردار کي واضح ڪيون. اسان کي اِهو به سمجهڻو پوندو ته اسان جي سماج ۾ جتي ناري تمام پٺتي پيل حالت ۾ آهي ۽ ترقي پسند ناري واد تحريڪن جي عدم موجودگي آهي، اُتي تنهن دور جي پورهيت ناري واد تحريڪ اسان کي ڪهڙا سبق ڏئي ٿي ۽ ڪهڙن امڪانن جي نشاندهي ڪري ٿي؟ هِن مضمون ۾ اسان مختصر طور ۾ انهن ئي مقصدن کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

نارين جو عالمي ڏينهن: هڪ مختصر تاريخ

اسان کي اِهو علم آهي ته 8 مارچ نارين جو عالمي ڏينهن آهي پر 8 مارچ نارين جو عالمي ڏينهن ٿيڻ ۽ بعد ۾ اِن ڏينهن جا ناري واد پورهيت سياست تي پوندڙ اثر هڪ تاريخي سلسلو آهي.

سرمائيداريءَ جاگيرداريءَ سان جهيڙي دوران يعني سياسي طاقت حاصل ڪرڻ جي جدوجهد دوران انسان ذات جي آزادي، برابري ۽ بقاءَ جا نعرا لڳايا هئا پر سياسي طاقت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ يعني جمهوريت جي قيام ڪانپوءِ سرمائيداريءَ جو ڀيانڪ چهرو سامهون آيو. صنعتي سرمائيدار پنهنجي سرمائي کي وڌائڻ لاءِ نه صرف پورهيتن کان 16 ڪلاڪ پورهيو ڪرايو پر اهڙو معاشي عدم تحفظ پيدا ڪيو جو زالون ۽ ٻار به پورهيو ڪرڻ تي مجبور ٿيا. ائين ناري نه صرف روايتي پدرشاهي خانداني سرشتي جي غلاميءَ ۾ جڪڙيل رهي پر هاڻ هڪ سستي جنس ۾ به تبديل ٿي وئي. اوڻويهين صديءَ جي اڌ ۾ وڏي پئماني تي ٿيندڙ صنعتڪاري جي نتيجي ۾ رونما ٿيندڙ معاشي تبديلين مڊل ڪلاس جي نارين کي به مارڪيٽ ۾ اچڻ تي مجبور ڪيو. ائين مڊل ۽ اَپر مڊل ڪلاس يعني پيٽي بورجوادي طبقي جي نارين به روزگار لاءِ يونيورسٽين، پريس، اسپتالن، ٿيٽرن وغيره جا دروازا کڙڪايا. ساڳئي نموني مٿئين طبقي جون ناريون به مختلف شعبن ۾ شامل ٿيون. جڏهن پيٽي بورجوا ۽ بورجوا نارين کي مردن جي مقابلي ۾ تمام گهٽ ڪم ڪرڻ جا موقعا مليا ۽ هنن مردن جو ردِ عمل ڏٺو ته پوءِ وچين ۽ مٿين طبقي جي نارين جي حقن جي ڳالهه شروع ڪئي. ائين لبرل يا بورجوا ناري واد تحريڪ (liberal feminism) جو آغاز ٿيو جنهن جو مقصد

سرمائيداري اندر نارين لاءِ برابر موقعن ۽ سهولتن لاءِ جدوجهد ڪرڻ هو. ان تحريڪ لاءِ دشمن به مرد هجي ٿو ۽ آزادي جو اعليٰ ترين خاڪو به مرد. يعني هڪ پاسي لبرل ناري واد تحريڪ مجموعي سماجي ڍانچي ڪي تنقيد جو نشانو ناهڻ بجاءِ صرف مردن جي نفسيات ۽ رويي تي تنقيد ڪري ٿي ۽ ان ڪي ئي ناريءَ جي غلاميءَ جو سبب قرار ڏئي ٿي ته ٻئي پاسي اِن تحريڪ وٽ نارين جو مردن برابر ٿيڻ ۽ سرمائيداري ڍانچي اندر ناريءَ کي مرد جهڙيون سهولتون ملڻ ئي ناريءَ جي آزادي آهي، جڏهن ته مرد خود سرمائيداري سماج ۾ غلام آهي. ائين لبرل ناري واد ناري مردن تي تنقيد ڪندي مرد جي ئي غلاميءَ ۽ سانچي ۾ ڦاٿل آهي. اڻويهين صديءَ جي آخر ۾ پورهيت انقلابي سياست ۽ تحريڪن جي وڌڻ جي ڪري پورهيت مارڪسي قوتون پورهيت نارين کي سرمائيداريءَ خلاف جهنڊو بلند ڪرڻ لاءِ منظم ڪرڻ لڳيون. ائين پورهيت دوست ناري واد تحريڪ يا مارڪسي ناري واد تحريڪ (Marxist feminism) جو اُڀار ٿئي ٿو جنهن ۾ ڪامريڊ لينن، ڪامريڊ روز الگزمبرگ ۽ ڪامريڊ ايليگزيندرا ڪولنتائي وغيره اهم نالا آهن. مارڪسي ناري واد تحريڪ ناريءَ جي غلاميءَ کي تاريخي ۽ سماجي لقاءُ سمجهي ٿي. تاريخ ۾ ذاتي ملڪيت جي اُڀار، سماجي پورهيئي جي ورڇ ۽ پدرشاهي خاندان کي جنم ڏنو. مرد سماجي پيداوار جو مالڪ ٿيو ۽ ناري سماجي زندگيءَ کان ويڳاڻي ٿي، گهر جي ڪم ڪار ۽ ٻار پالڻ تائين محدود ٿي وئي. ذاتي ملڪيت جي ٻي نسل تائين منتقليءَ جي گهرج ڪري ناريءَ جي ڳيچ ۽ سموري زندگيءَ تي هڪ مرد جي مالڪي قائم ٿي وئي. سرمائيداري سماج ۾ اِها غلامي ٻيٽي ٿي وڃي ٿي پر ساڳئي وقت اِها ٻيٽي غلامي ناريءَ جي آزاديءَ جا مادي بنياد به پيدا ڪري ٿي. مرد جي پدرشاهي نفسيات ناريءَ جي اِن مادي بيهڪ جو عڪس آهي



جنهن سان ئي صرف لبرل ناري واد تحريڪ جهيڙي ٿي. مارڪسي ناري واد تحريڪ انهن پدرشاهي تصورن، نفسيات ۽ قانونن سان ضرور جهيڙي ٿي پر ساڳئي وقت پاڻ کي عمومي پورهيت تحريڪ سان سلهاڙي بنيادي سببن يعني سماجي ڍانچي کي ڍاهڻ لاءِ جدوجهد پڻ ڪري ٿي. هڪ مارڪسوادي ناري پنهنجي پورهيت پاءُ، ورَ، پيءُ يا ساٿي جي پدرشاهي نفسيات خلاف جدوجهد ڪندي، اُن ئي پورهيت سان گڏ عمومي سماجي ڍانچي خلاف جدوجهد ڪري ٿي ۽ اهائي جدوجهد هُن لاءِ بنيادي آهي. مارڪسي ناري واد تحريڪ جو مقصد ناريءَ جو مرد سان جهڙو ڪرڻ نه پر انسانذات جي آزادي ۽ اهڙي سماج جي تتخليق آهي جنهن ۾ مرد ۽ ناري پنهنجون خاصيتون رکندي آزاد زندگي گذاري سگهن. اِن تحريڪ جو مقصد نه صرف ناري کي غلاميءَ مان آزاد ڪرائڻ آهي پر مرد کي پنهنجي آقائيت جي غلاميءَ مان به آزاد ڪرائڻ آهي.

سرمائيداري ملڪن ۾ ناري واد تحريڪ جي اڀار جي نتيجي ۾ اُتي نارين جي سياسي ۽ معاشي حقن لاءِ جدوجهد شروع ٿي. ويهين صديءَ جي شروعات ۾ سرمائيدار ملڪن يعنيٰ يورپ ۽ آمريڪا ۾ نارين جي سياسي حقن ۽ نارين جو حڪومتي معاملن ۾ شموليت جو سوال تمام اُڀريل هو. ائين نارين جي ووٽ جي حقن لاءِ تحريڪ شروع ٿي جنهن جي سرواٽي پورهيت ناريون ئي ڪري رهيون هيون. 28 فيبروري 1909ع ۾ اتر آمريڪا جي سوشلسٽ نارين تمام گهٽا مظاهرا ڪيا

جيڪي نارين جي ووٽ جي حق لاءِ هئا. اِهو ئي سرمائيدار طبقو جيڪو فرينچ انقلاب دوران آزادي ۽ روشنائيءَ جي دور جي ڳالهه ڪري رهيو هو، اُن ويهين صدي ۾ آباديءَ جي وڏي حصي کي ووٽ جو حق نه ڏنو هو. 1910ع پورهيت نارين جي عالمي ڪانفرنس ڪوپن هيگن ۾ ڪامريڊ ڪلارا زيٽڪن، جيڪا تنهن دؤر پورهيت تحريڪ ۽ عالمي پورهيت نارين جي تحريڪ جي اهم اڳواڻ هئي، نارين جي عالمي ڏينهن مقرر ڪرڻ جي تجويز ڏني جيڪا قبول ڪئي وئي. اهڙو ڏينهن مقرر ڪرڻ جو مقصد عالمي اتحاد کي هٿي ڏيڻ ۽ نارين جي حقن خاص طور تي ووٽ جي حق لاءِ عالمي سطح تي جدوجهد ڪرڻ هو. اِن ڪانفرنس ۾ ڪامريڊ ڪلارا زيٽڪن اِهو دليل ڏنو ته نارين کي ووٽ جو حق ملڻ سان عمومي طبقاتي جدوجهد تيز ٿيندي ۽ سوشلزم لاءِ جدوجهد اڳتي وڌندي. نارين جو ووٽ پورهيت نارين کي حڪومتي ايوانن تائين پهچائيندو. ان ڪانفرنس ۾ لبرل نارين وادي عورتون به هيون جن مان ڪُجهه عورتن اِهو چيو ته ووٽ جو حق صرف ملڪيت رکڻ وارن نارين تائين محدود هجي. 1911ع ۾ 19 مارچ تي نارين جو عالمي ڏينهن رکيو ويو. ڇاڪاڻ ته عالمي ڪانفرنس ۾ ڪا خاص تاريخ مقرر نه ڪئي وئي هئي، ان ڪري جرمن ۽ آسٽريا جي ڪامريڊن اِن تاريخ کي منتخب ڪيو ڇاڪاڻ ته ان ئي تاريخ تي 1848ع وارو جرمن انقلاب آيو هو. اِهو ڏينهن عالمي هيو پر جرمن ۽ آسٽرين نارين اِن کي عظيم انداز ۾ ملهايو. عالمي نارين جي ڏينهن کان هفتو اڳ ناري تحريڪ جا به ميگزين آسٽريا ۾ شايع ٿيا. جن جا نالا ”نارين جو ڏينهن“ ۽ ”نارين لاءِ ووٽ“ هئا. عالمي ڏينهن تي آسٽريا ۾ 30 هزار نارين مظاهرو ڪيو جن کي پوليس منتشر ڪرڻ ٿي چاهيو پر نارين سخت مزاحمت ڪئي. ائين نارين جو عالمي ڏينهن نارين جي مزاحمت جو به ڏينهن آهي. 1913ع ۾ 8 مارچ کي نارين جو عالمي ڏينهن قرار ڏنو ويو. ان ئي سال روسي مارڪسوادي نارين ناري سوال تي هڪ فورم منعقد ڪيو جتي گهڻن ڪامريڊن پنهنجون رايا ڏنا پر تنهن وقت زار جي دور ۾ مظاهري ۽ گڏجاڻي ڪرڻ تي پابندي هئي. ان ڪري گهڻن ڪامريڊن کي نارين جي عالمي ڏهاڙي تي گرفتار ٿيڻو پيو. اِن وسيع پيماني تي جدوجهد ڪانپوءِ به ڪو سرمائيدار ملڪ نارين کي ووٽ جو حق ڏيڻ لاءِ تيار نه هو. پر نارين پنهنجي عالمي سطح جي جدوجهد کي جاري رکيو. اِن جدوجهد جي سرواٽي پورهيت قوتون ئي ڪري رهيون هيون.



پهرين عالمي جنگ لڳڻ کانپوءِ ليني نقطئه نظر رکندڙ پورهيت قوتن نارين جي عالمي ڏهاڙي کي سامراجي جنگ خلاف موڙيو. 1915ع ۾ ناروي ۾ نارين جي عالمي ڏهاڙي تي عالمي مظاهرو ٿيو جنهن ۾ مختلف ملڪن جون



نارين شامل هيون جيڪي سياسي حق سان گڏ سامراجي جنگ خلاف گڏ ٿيون. سامراجي جنگ پوري يورپ اندر خاص طور تي روس اندر تمام گهڻي بک ۽ بدحالي کي جنم ڏنو. ناريون پنهنجي گهرن مان روڊن تي پنهنجي ٻارن لاءِ ماني جي گهر ڪرڻ لاءِ نڪري آيون. 8 مارچ 1917ع يعنيٰ روسي زار دور جي ڪيلنڊر مطابق 23 فيبروري تي پورهيت ناريون پيٽروگارڊ جي گهٽين ۾ ٻارن لاءِ ماني ۽ جنگ تان پنهنجي وَرَن جي واپسي لاءِ وڏي تعداد ۾ نڪري آيون. اِهو ايترو وڏو مظاهرو هو جو زار جي پوليس به روايتي ايڪشن نه ڪيو. آهستي آهستي جڏهن پورهيت مرد ساٿين به نارين جو سڏ ٻڌو ته اِهو مظاهرو 90 هزار جو ٿي ويو. ائين ڪجهه ڏينهن کانپوءِ وڌندڙ پورهيت مزاحمت جي ڪري عظيم فيبروري انقلاب برپا ٿيو جنهن زار شاهي جي ڪاري دور جو خاتمو ڪيو. ائين 8 مارچ جو ڏينهن نه صرف نارين لاءِ پر عالمي پورهيت تحريڪ لاءِ هڪ اهم ڏهاڙو ٿي ويو.

اِن عالمي ناري واد تحريڪ گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو. اِهو سچ آهي ته سرمائيدار ملڪ ناريءَ کي ووٽ جو حق ڏيڻ لاءِ تيار نه هئا سواءِ اتر آمريڪا جي ڪجهه رياستن جي پر اِن عالمي تحريڪ ۽ خاص طور تي 8 مارچ جي عالمي ڏهاڙي نارين کي تمام گهڻو سياسي ڻاهيو، ناريون اِن ڏهاڙي تي وسيع پيماني تي مظاهرن ۽ گڏجاڻين ۾ شامل ٿيون، تمام گهڻيون اخبارون ۽ ميگزين ناري واد تحريڪ ۽ اِن ڏهاڙي جي نسبت سان شايع ٿيا. ڪامريڊ اليڪسندرا ڪولنتائي لکي ٿي "نارين جي هر عالمي ڏهاڙي کانپوءِ، وڌيڪ ناريون اشتراڪي پارٽين ۽ ٽريڊ يونين ۾ شامل ٿيون. تنظيمن ۽ سياسي شعور اوسر ڪئي" اِها نارين جي سياسي شموليت ۽ شعور جي اوسر هئي جنهن پهريان فيبروري انقلاب ۽ پوءِ آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب برپا ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. جڏهن سوشلسٽ رياست نارين کي قانوني، سياسي ۽ معاشي حق ڏنا ۽ نارين پنهنجي سياسي حقن لاءِ جدوجهد سرمائيداري ملڪن اندر جاري رکي، اُن لڳاءُ هيٺ سرمائيداري ملڪن جهڙوڪ انگلينڊ، جرمني، آمريڪا وغيره نارين کي ووٽ جو حق ڏنو. ائين 1918ع ۾ جرمني ۾ بورجوا حڪومت ٺهڻ سان ناريون اسيمبلي تائين پهتيون، 1920ع ۾ آمريڪا 21 سالن کان وڌيڪ عمر رکندڙ نارين کي ووٽ جو حق ڏنو، انگلينڊ ۾ 1919ع ۾ پهريون دفعو هڪ ناري اسيمبلي تائين پهتي جڏهن ته فرانس ۾ نارين کي ٻين عالمي جنگ کانپوءِ ووٽ جو حق مليو. اڄ جيڪي سرمائيدار ملڪ جمهوريت جا سرواڻ ٿي ويٺا آهن ۽ ميزائلن ۽ بمن جي شڪل ۾ خود مختيار ملڪن اندر "جمهوريت" سپلاءِ ڪرڻ جو ٺيڪو کنيو ويٺا آهن انهن ملڪن نارين جي ووٽ جي

حق ڪان ونءي مزدورن جي 8 ڪلاڪ ڪم ڪرڻ جي حق سميت ٻيا سمورا جمهوري حق پورهيت ۽ مارڪسي قوتن ۽ طبقن جي وڏي جدوجهد ڪانپوءِ مڃيا آهن. اڄ اڪثر ماڻهو سرمائيدار ادارن جي اثر جي ڪري انهن حقن کي فطري حق يا سرمائيدارن جو احسان سمجهي سوشلزم جي حاصلاتن تي سوال پيا اٿاريندا آهن. اسان ٻڌائيندا هلون ته نه صرف اِهي مليل جمهوري حق پورهيت سوشلسٽ قوتن جي حاصلات آهن پر اڄ هر ماڻهو جيڪا مفت تعليم، گهر، صحت ۽ روزگار جي گُهر ڪري ٿو. اها گُهر پڻ سوشلسٽ قوتن جي رهي آهي ۽ اڄ به مفت تعليم، صحت ۽ رهائش ڪيوبا جهڙي (سرمائيداري معاشي ڪٿ طور مطابق) غريب سوشلسٽ رياست ۾ ميسر آهي. ائين هر ماڻهو مفت گهر، صحت، تعليم ۽ روزگار جي گُهر ڪري لاشعوري طور سوشلزم جي گُهر ڪري رهيو آهي. فرينچ انقلابي فلسفي والٽيئر ان ڪري ئي چيو هو ته "اُن نظريي جو موت ڪڏهن به نٿو ٿي سگهي جنهن جو وقت اچي چڪو هجي" اڄ جي ناري ۽ ان جو ڏهاڙو

اسان نارين جي عالمي ڏينهن، پورهيت ناري واد تحريڪ ۽ ان جي حاصلاتن جي تاريخ تي ڳالهايوسين پر اڄ جي دنيا جي ناري خاص طور تي اسان جي سماج جي ناري جي حالت ڪهڙي آهي ۽ 8 مارچ جو ڏهاڙو ڪهڙي امڪانن جي نشاندهي ڪري ٿو، اهو موجوده حالتن ۾ تمام گهڻو اهم سوال آهي. نيو لبرل معيشت جي اُڀار ۽ سوويت يونين جي ڊهڻ سان ترقي پسند سياست جي پوئتي پوڻ ڪري سرمائيدار پوري دنيا پر خاص ڪري ٽين دنيا جي ملڪن جو استحصال بنا ڪنهن وڏي مزاحمت جي ڪري رهيو آهي. موجوده دور ۾ اولهه ۾ آيل معاشي بحران جي ڪري سرمائيداري رياستن نه صرف ٻين عالمي جنگ ڪانپوءِ ڏنل مراعتون واپس ورتيون آهن پر ٽين دنيا جي ملڪن جو استحصال به تيز ڪيو آهي، جنهن جو اظهار مادي وسيلن تي قبضي لاءِ ترقي پسند حڪومتن کي ڪيرائڻ جي سامراجي هٿڪنڊن ۾ ٿي رهيو آهي. اِن سڄي وايومنڊل جو سڀ کان وڏيڪ تباهڪار اثر ناريءَ تي پئجي رهيو آهي. دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ غريب ترين آبادي جو 70 سيڪڙو ناريون آهن. دنيا ۾ هڪ ارب نارين جي ڪمائي روزاني 80 روپين کان به گهٽ آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجي سماج جي ڳالهه ڪيون جيڪو ٽين دنيا جو هڪ پٺتي پيل سماج آهي ته اُتي ناريءَ جي غلامي گهڻ پاسائين آهي. سنڌ اندر جاگيردار طبقي جي رياستي مدد سان سگهارو هجڻ ڪري فرسوده جاگيرداري روايتون ۽ نفسيات مڪمل طرح موجود آهن جنهن ڪري ڪاروڪاري ۽ گهريلو تشدد جهڙا لقاءُ وسيع پيماني تي ٿين ٿا. پدرشاهي خاندان ته هر طبقاتي سماج جو لقاءُ آهن پر اسان جي سماج ۾ ناري پنهنجي ڪمزور معاشي ۽ سياسي بيهڪ جي ڪري مرد جي مڪمل گرفت ۾ آهي. ترقي پسند سياست جي ڪمزور هجڻ ڪري، اسان جي سماج لاءِ اِهي لقاءُ فطري ٿي ويا آهن ۽ رياست ته اهڙي ڍانچي کي قانوني، مذهبي ۽ اخلاقي شڪل ۾ هٿي ڏيندي رهي آهي. ناريءَ جي غلاميءَ جو داستان اجان اِتي پورو نٿو ٿئي. هڪ پاسي ناريءَ پدر شاهي سرشتي ۽ روايتن ۾ مڪمل طرح ڦاٿل آهي ته ٻئي پاسي سرمائيداري سرشتي جو پيدا ڪيل معاشي عدم تحفظ پورهيت ناري کي تمام گهٽ اجرت تي پنهنجو پورهيو وڪڻڻ تي مجبور ڪري ٿو. ڳوٺن ۾ زمينن جي ڪمرشلائز ٿيڻ ۽ عالمي منڊي سان ڳنڍجڻ جي ڪري بک ۽ بدحالي پيدا ٿي آهي جنهن جو پورو نزلو گهر جي ناريءَ تي پوي ٿو. سنڌ جي ناريءَ جي حالت

تي تمام وڏي تحقيق ٿي سگهي ٿي جيڪا ان جي حالت کي وڏيڪ جامع انداز ۾ سمجهائي سگهي.

اسان مٿي مضمون ۾ 8 مارچ ۽ ان سان سلهاڙيل پورهيت ناري واد تحريڪ جي تاريخ پڙهندي اِهو ڏٺو ته نارين پنهنجا حق سياسي طور منظم ٿيڻ ۽ عمومي پورهيت طبقي سان اتحاد ۾ اچي هڪ وڏي جدوجهد ڪرڻ ڪانپوءِ ماڻيا. 8 مارچ جي ڏهاڙي جو، اسان جي سماج ۾ موجود ۽ پوري دنيا ۾ موجود پورهيت دوست ۽ ناري وادين لاءِ اِهو ئي پيغام آهي ته موجوده حالتن ۾ جتي ترقي پسند سياست ۽ خاص ڪري پورهيت ناري واد سياست پٺ سان لڳل آهي، اُتي نارين کي سياسي طور منظم ڪيو وڃي. اسان کي اِهو به ياد رکڻ گهرجي ته انقلابي ناري واد تحريڪ عمومي انقلابي سياست کان الڳ ناهي. ان ڪري عمومي انقلابي سياست کي فعال بنائڻ سان ئي ناري واد تحريڪ کي انقلابي بنيادن تي بيهاري سگهجي ٿو. اسان تاريخ ۾ اِهو به ڏٺو ته نارين جي عالمي ڏينهن تي نارين جي گڏجاڻين، مظاهرن، ليڪچرن ۽ پمفليٽن ناري واد سياست ۽ عمومي پورهيت سياست کي اڳتي وڌائڻ ۾ هڪ وڏو ڪردار اداڪيو. ان ڪري اڄ هر پورهيت دوست ۽ ناري وادي قوت لاءِ نارين کي ان ڏنهن تي منتظم ڪرڻ لازمي آهي ۽ اهو به ضروري آهي ته اِن ڏينهن جي تاريخي ڪردار ۽ طبقاتي نوعيت کي عوام آڏو واضح ڪري سرمائيداري ادارن جي کوکلي پروپيگنڊا کي وائکو ڪجي. 8 مارچ جي ڏهاڙي جو نارين لاءِ به هڪ پيغام آهي ته هُو پنهنجي شعوري ۽ لاشعوري غلاميءَ کي ختم ڪري اِهو سمجهن ته ڪوئي ڪنهن کي آزادي وٺي ناهي ڏيندو پر مظلوم پرتَ پنهنجي پاڻ کي پاڻ ئي آزاد ڪرائيندا آهن. ٻين لفظن ۾ نارين کي پنهنجي سوال کي پاڻ سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي ۽ پنهنجي حقن جي جدوجهد لاءِ پاڻ وڙهڻو پوندو.

آءُ ناري واد آهيان

سِمن دي بووار / ڪامريڊ وفا پٺاڻ

(نوٽ: سمن دي بووار ويهين صديءَ ۾ عورتن جي آزاديءَ لاءِ جهيڙيندڙ انهن چند عظيم



عورتن منجهان آهي. جن فرانس توڙي پوري دنيا اندر جاري ناري واد تحريڪن جا نظرياتي بنياد جوڙڻ ۾ نهايت ئي اهم ڪردار ادا ڪيو. سندس جڳ مشهور ڪتاب ”ٻي جنس“ اڄ به ناري سوال تي هڪ مستند دستاويز جي حيثيت رکي ٿو. هتي 1972 ڌاري ورتل سندس هڪ انٽرويو جو ترجمو شايع ڪجي ٿو. ان انٽرويو دوران پڇيل ڪجهه سوالن (جهڙوڪ: سوشلزم ۽ ناري سوال، طبقاتي تحريڪ ۽ ناري واد تحريڪ جو پاڻ ۾ تعلق ۽ سوويت روس سميت ٻين سوشلسٽ سماجن اندر ناري سوال جي حل سان لاڳاپيل حاصلاتن ۽ ڪوتن وغيره) جي ڏنل جوابن تي تنقيدي هوندي ۽ سندس راءِ سان اختلاف رکندي به هي انٽرويو ان خيال سان شايع ڪجي ٿو ته انهن سمورن سوالن تي هڪ صحتمند بحث جو بنياد وجهجي. ايندڙ شماري ۾ اسان ناري سوال جي معاملي ۾ اسان سندس سوشلزم تي ڪيل تنقيد سميت سندس اٿاريل ڪجهه سوالن جو سوشلسٽ نقطئه نظر مطابق جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪنداسين: ادارو)

سوال: توهان جو (پنهنجن ڪتابن ۾ لکٹين ۾) عورتن جي مسئلن بابت مجموعي تجزيو انتهائي تُز، تِکو ۽ چٽو آهي. جيڪو ڪم توهان پنهنجي 1949ع ۾ شايع ٿيل ڪتاب ”ٻي جنس“ ۾ ڪيو، هينئر تائين ان موضوع تي ڪم ڪندڙ ماڻهن منجهان ڪوئي به اُن جيترو ڪم نه ڪري سگهيو آهي. توهان عالمي ناري واد تحريڪن جو آدرش رهيون آهيو. پر ائين چو آهي ته صرف هاڻي ئي (1972ع ۾) توهان ڀرپور نموني سان ملڪ ۾ ٿيندڙ ناري واد تحريڪ ۾ عملي طور سرگرم ٿيون آهيو؟ ان جو ڪهڙو سبب آهي؟

جواب: مون هاڻوڪي ناري واد تحريڪ ۾ شامل ٿي جدوجهد ڪرڻ جو فيصلو ان ڪري ڪيو ته (ماضي ۾ ڳٽپ جوڳي ڪم هجڻ باوجود) گذريل 23 سالن ۾ فرانس ۾ موجود عورتن جي ابتر حالت ۾ ڪوئي خاص ۽ بنيادي سڌارا ناهن آيا. جيتوڻيڪ چند قانوني معاملن جهڙوڪ شادي، طلاق يا مانع حمل جي قانونن ۾ ٿورا سُڌارا ۽ اڳ ڀرايون ٿيون آهن، پر اهي ڪوئي ايترا ڦلدائڪ ناهن چاڪاڻ ته پوري فرانس جي عورتن جو ڪوئي 7 فيصد به مشڪل سان انهن جو استعمال ڪري ٿو. ملڪي ترقي ۾ عورتن جو ڪٿي به، ڪنهن به صورت ۾ ڪو اهم ۽ مانائتو ڪردار نه رهيو آهي. جيتوڻيڪ ماضي جي مقابلي ۾ اڄ عورتن جو چڱو تعداد نوڪرين ۽ ٻين پيشيوراڻن ڪمن ۾ پنهنجو پورهيو ارپي ٿو، پر تنهن هوندي به اهو تعداد، مجموعي رياستي ڪارونهوار هلائڻ جي عمل ۾ شامل مردن جي نسبت تمام گهٽ آهي. ٻيو اِهو ته توڙي جو اُهي عورتون نوڪري ڪن به ٿيون تنهن هوندي به ڪين ملندڙ ڪم يا نوڪري مردن جي مقابلي ۾ گهٽ درجي ۽ گهٽ معاوضي واري هجي ٿي. مثال طور

هتي فرانس ۾ طِب جي شعبي سان وابسطه اڪثر ناريون توهان کي ڊاڪٽر بجاءِ نرسون ملنديون، يا ٻئي پاسي ڪن ٻين انتظامي عهدن، ادارن يا نوڪرين جي معاملي ۾ توهان کي هتي عورتون ڪنهن اهم انتظامي عهدي جهڙوڪ مئنيجر هجڻ بجاءِ صرف سيڪريٽري جي عهدي تي ئي ڪم ڪنديون نظر اينديون. اهڙي صورت ۾ مستقبل ۾ سندن اڳيان وڌڻ ۽ ترقي ڪرڻ جا امڪان بنهه گهٽجي وڃن ٿا. ان ڪري ئي آءٌ ان نتيجي تي پهتس ته اُهي عورتون جيڪي پنهنجين حالتن ۾ واقعي ڪائي معياري تبديلي چاهين ٿيون انهن کي اڳيان اچي ناري واد تحريڪ جون واڳون پنهنجن هٿن ۾ وٺڻ گهرجن.

ٻئي پاسي 1970ع ۾ MLF جي شروعات ٿائين فرانس ۾ عورتن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ ڪي ادارا يا گروپ موجود ته هئا پر اهي سڀ گهڻو ڪري اصلاحي ۽ قانوني سڌارن لاءِ جدوجهد ۾ مصروف هئا تنهنڪري مون کي سندن جدوجهد ۾ ڪائي خاص اميد يا دلچسپي ڪانه هئي. پر جديد ناري واد تحريڪ انهن اصلاحي ۽ قانوني دائرن ۾ قيد اصلاح پسند گروپن ۽ ادارن کان گهڻي مختلف آهي. هن تحريڪ جا نعرا پڻ الاهي منفرد، پُرڪشش ۽ معنيٰ خيز آهن. جهڙوڪ: پنهنجي زندگي اڄ ئي تبديل ڪيو! پنهنجي مستقبل کي داءُ تي لڳائڻ بند ڪريو ۽ هڪ ساعت جي دير ڪانسواءِ هينئر ئي جدوجهد ڪريو!

فرانس ۾ عورتن جي حقن لاءِ وڙهندڙ انهن عورتن جڏهن مون کي سندن جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ جي آڇ ڪئي ته مون هڪدم ساڻن گڏجي ڪم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو. جڏهن ان تحريڪ ۾ سرگرم عورتن مون کي ”اسقاطِ حمل/ ٻار ڪيرائڻ“ واري منشور تي صحيح ڪرڻ جو چيو ته مون اها ذميواري خوشي وچان قبول ڪئي ۽ تحريڪ ۾ شامل ڪوڙ سارين عورتن سان گڏجي اسقاطِ حمل ڪرايو (ٻار ڪيرائي ڇڏيو). منهنجي خيال ۾ فرانس ۾ موجود عورتن جي چند اهم مسئلن منجهان هڪ انتهائي اهم ۽ بنيادي مسئلي ”ٻار ڪيرائڻ تي پابندي“ واري عورت دشمن ڪاري قانون جي تباهه ڪارين طرف ماڻهن جو ڌيان ڇڪائڻ جو اِهو ئي مؤثر ۽ درست طريقيڪار هيو. تنهنڪري مون لاءِ سندن ”مفت اسقاطِ حمل“، ”مفت مانع حمل“ يا ”آزاد زچگي“ جي نعرن کي اپنائڻ ۽ (1971ع ۾) سندن ويڙهاند ۾ شامل ٿيڻ بلڪل فطري هو.

سوال: توهان فرانس ۾ ته عورتن جي خسته صورتحال تي تنقيد ڪيو ٿا، پر توهان دنيا جا ٻيا ڪوڙ سارا ملڪ ۽ خاص ڪري سوشلسٽ ملڪ پڻ گهمي ڏٺا آهن. ڇا توهان سمجهو ٿيون ته اتي عورتن جي حالتن ۾ ڪا خاص بهتري آئي آهي؟

جواب: ها! آءٌ سمجهان ٿي ته فرانس جي مقابلي ۾ اتي صورتحال بهتر آهي. سوويت روس ۾ تقريباً سڀئي عورتون نوڪري ڪنديون آهن. ايستائين جو اهڙيون عورتون جيڪي وزيرن، مشيرن يا وڏن سرڪاري عهديدارن جون زالون آهن ۽ ان ڪري ڪائي نوڪري نه ٿيون ڪن، تن کي به عام سماج ۾ تمام گهڻي تنقيدي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو. سوويت روس جي عورتن کي ان ڳالهه تي فخر آهي ته هو رياستي ڪاروبهار ۽ سياسي توڙي سماجي ذميواريون نڀائڻ ۾ پيش پيش آهن. پر تنهن هوندي به جيڪڏهن ٿورو غور ڪري ڏسبو ته رياستي اسيمبلين يا ساڻن لاڳاپيل اختياري ڪاميٽين ۾ عورت ميمبرن جو تعداد مرد ميمبرن جي مقابلي ۾ گهڻو گهٽ آهي. ساڳيءَ ريت پيشيوراڻن ڪمن ۾ به عورتن

جي اڪثريت انهن ئي ادارن ۾ نوڪريون ڪري ٿي جيڪي گهٽ اهميت وارا آهن. مثال طور سوويت روس ۾ اڪثر عورتون ڊاڪٽر ئي آهن ڇاڪاڻ ته اتي علاج مفت آهي ۽ رياست ان ڪم جو ڪو چڱو معاوضو به ڪونه ٿي ڏئي، جيتوڻيڪ اهو ڪم تمام گهڻو مشڪل ۽ ٿڪائيندڙ آهي. اتي عورتون گهڻو ڪري تعليم يا طب جي شعبن ۾ ئي ڪم ڪن ٿيون جڏهن ته سائنس يا انجنيئرنگ جهڙا وڏيڪ اهم شعبا اڃا تائين سندن پهچ کان ٻاهر آهن. اهڙيءَ ريت اتي عام پيشيوراڻن شعبن ۾ ته عورتون مردن کان پٺتي آهن ئي پر ساڳي ئي وقت گهر هلائڻ جي معاملي ۾ به دنيا جي ٻين بورجوا رياستن جيان سوويت روس ۾ به عورتن سان ساڳيو ئي حشر آهي، گهر جي سار سنڀال ۽ ٻارن جي پالنا سوويت روس ۾ به اڄ تائين عورتن جي ئي ذمي آهي، جيتوڻيڪ اِن خلاف اتي نارري واد تحريڪون هلندڙ آهن.

اهڙو هڪ مثال سوويت روس جي هڪ اهم اسپتال جي ڪينسر وارڊ ۾ هڪ نهايت اهم عهدي تي فائز هڪ عورت ڊاڪٽر جو آهي. اُها عورت ان اسپتال ۾ نهايت ئي اهم ۽ ٿڪائيندڙ ڪم ڪرڻ باوجود به جڏهن گهر پهچندي آهي ته ڪيس جلدي جلدي ۾ پنهنجي مڙس ۽ ٻارن لاءِ ماني تيار ڪرڻي پوندي آهي ۽ ان ڪانپوءِ ٿانو ٿپا، ڌوتي پوتي يا صفائي سٿرائي جهڙا عام رواجي ڪم به سندس ئي ذمي هوندا آهن. مطلب ته ٻين ملڪن جيان سوويت روس ۾ پڻ مختلف نوڪرين سان وابسطه عورتن کي پنهنجن پنهنجن ادارن ۾ سڄو ڏينهن ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ به گهر جا ڪم ڪرڻا ئي پون ٿا. حقيقت ۾ توڙي جو سوويت يونين ۾ عورتن جي حالت ٻين سرمائيدار ملڪن کان گهڻي قدر بهتر آهي تنهن هوندي به اڃا اُتي عورتن لاءِ جام مشڪلاتون موجود آهن. ان ڪري اسان اهو چئي سگهون ٿا ته مرد ۽ عورت جي حقيقي برابري اڃا اڻلڀ آهي، پوءِ ڀلي اها رياست ڪٿي سوويت يونين جي ئي ڇو نه هجي.

سوال: جيڪڏهن واقعي ۾ ائين آهي ته پوءِ اوهان ڇا ٿيون سمجهو ته ائين ڇو آهي؟

جواب: ان ڳالهه جو سڀ کان بنيادي سبب ته اهو ئي آهي ته خود سوشلسٽ ملڪ پاڻ اڃا تائين مڪمل طرح سان سوشلسٽ بڻجي ناهن سگهيا. ٻين لفظن ۾ انهن پئداوار جي ذريعن کي ته تبديل ڪري ورتو آهي. پر هن وقت تائين اُهي مارڪس جي ٻڌايل اُن سوشلزم تائين ناهن پهتا جيڪو خود نوع انساني جي داخلي توڙي خارجي زندگي جي ڪايا پلٽ ڪري ڇڏي. پر جيئن جيئن وقت گذرندو ٿو وڃي تيئن تيئن اسان لاءِ اهو سمجهڻ آسان بڻجندو ٿو وڃي ته صرف پئداواري ذريعن جي تبديلي سان ئي سماج تبديل ناهن ٿيندا. تنهنڪري هڪ نئين اشتراڪي اقتصادي ڍانچي باوجود انهن ملڪن ۾ مردن ۽ عورتن جا اهي ئي پراڻا ڪردار اڃا تائين قائم ۽ دائم آهن. مرد ۽ عورت ۾ ان ويڇي جو هڪ سبب ته منهنجي خيال ۾ برتري ۽ بزرگي جو اهو تصور آهي جيڪو پدرشاهي سماج جي هزارن سالن جي تاريخ ۾ مردن پاڻ پنهنجي لاءِ جوڙي، پنهنجي لاشعور جو حصو بڻائي ڇڏيو آهي ۽ اهي ڪنهن به صورت ۾ ان "اُتم پٽي" تان هٿ ڪڍڻ لاءِ تيار نه آهن. ڪين پنهنجي اُتم پٽي کي دوام بخشڻ لاءِ عورت جي نيچ پٽي جي ضرورت پوي ٿي. مرد مسلسل عورتن کي نيچ ۽ ڪمتر بڻائيندا اچن ٿا ۽ خود عورتون ان غلاميءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي ڪمتر سمجهڻ جون ايتري حد تائين عادي بڻجي ويون آهن جو سندن

ذهن ۾ ورلي ٿي برابري لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو ڪو خيال جنم وٺندو هجي.

سوال: ’ناري واد‘ جو اصطلاح اڪثر ڪوڙ سارن ابهامن کي جنمي ٿو. ماڻهو ان منجهان ڪوڙ معنائون ڪڍن ٿا. توهان جي خيال ۾ ”ناري واد“ جي وصف ڪهڙي هجڻ کپي؟

جواب: پنهنجي ڪتاب ”ٻي جنس“ جي آخر ۾ مون لکيو آهي ته آءٌ ”ناري – وادي“ ناهيان ڇاڪاڻ ته آءٌ سمجهان ٿي ته عورتن جا سمورا مسئلا هن طبقاتي سماج منجهان ئي ڦٽي نڪرن ٿا ۽ اشتراڪي سماج جي اوُسر ۾ اهي پنهنجو پاڻ حَل ٿي ويندا. ”ناري واد“ مان منهنجي مراد طبقاتي جدوجهد کان ٻاهر خالص عورتن جي مسئلن تي جدوجهد هئي. آءٌ اڄ پڻ ان ئي راءِ جي آهيان. منهنجي خيال ۾ ’ناري وادي‘ اهڙيون عورتون ۽ مرد هجن ٿا جيڪي طبقاتي جدوجهد سميت، يا ان کان ٻاهر، عورتن جي حقن لاءِ اهڙي جدوجهد هلائين ٿا جنهن ۾ گهربل سماجي تبديلين جو سوال ڪنهن به صورت ۾ مجموعي سماجي ڪايا پلٽ (انقلاب) سان مشروط نه ٿو هجي. اِتي اها ڳالهه پڻ رکندي هلان ته ان معنيٰ ۾ اڄ آءٌ پاڻ ناري وادي ئي آهيان. ڇاڪاڻ ته مون اهو سمجهي ورتو آهي ته جيستائين اسان جو هڪ اشتراڪي سماج جو خواب ساڀيان ٿئي، تيستائين عورتن جي حقن لاءِ جدوجهد کي ملتوي نه ٿو ڪري سگهجي. اسان کي عورتن جي آزادي جي جنگ بهرحال هِن وقت، هن هنڌ ۽ هِن ئي حالت ۾ وڙهڻي پوندي. ٻئي پاسي مون اهو ڏٺو آهي ته اشتراڪي ملڪن ۾ پڻ جنسي مت ڀيد جو سوال مڪمل طور تي حل ناهي ٿي سگهيو. تنهنڪري، اڄ جي عورتن وٽ پنهنجي قسمت پنهنجن هٿن سان لکڻ

ڪانسواءِ ٻي ڪا راهه ئي ناهي ۽ ان ڪري ئي مون هاڻي عورتن جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ شموليت اختيار ڪئي آهي.

ان شيءِ جو هڪ ٻيو بنيادي سبب پڻ آهي، جنهن ايترين سارين عورتن کي اهڙي تحريڪ هلائڻ تي اتساهيو. فرانس ۾ موجود کاٻي ڌر جي پارٽين ۽ ٻين انقلابي گروپن منجهه پڻ مردن ۽ عورتن جي وچ ۾ هڪ گهري اڻ برابري موجود آهي. هتي عورتون هميشه ڪمتر، ڪي مخصوص ۽ ٽڪائيندڙ ڪم ئي ڪنديون آهن. ٻئي پاسي مرد هميشه پارٽين جا ترجمان بڻجندا آهن، اخبارن ۽ رسالن ۾ ليک لکندا آهن ۽ خاص اهميت ۽ دلچسپي وارا ڪم پاڻ ڪندي ذميواري جي پڳ پاڻ پنهنجي مٿي تي پائيندا آهن. تنهنڪري، پوري نوع انساني کي آزاد ڪرائڻ جهڙا آدرش رکندڙ انهن پارٽين ۾ پڻ عورتون نيچ ۽ ڪمتر آهن. نه صرف ايترو پر انهن ئي پارٽين ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو پڻ موجود آهن جيڪي عورتن جي آزادي جا خطرناڪ حد تائين مخالف آهن ۽ ان تي اعلانيه ڇوهه ڇنڊيندا وتندا آهن. جڏهن ونسيسني شهر ۾ ناري وادين پهريون دفعو پنهنجي گڏجاڻي ڪوٺائي ته کاٻي ڌر جي چند اهڙن ئي ميمبرن منجهان ڪجهه هلندي ميٽنگ ۾ گهڙي آيا ۽ رڙيون ڪري ڇوڻ لڳا ته ”طاقت جو اصل ماخذ مرد جو عُضوِ تناسل ئي آهي“. آءٌ سمجهان ٿي ته هو واپس پنهنجي مرداڻي برتري واري تصور طرف ئي وڌن پيا، پر ان موٽ جو ڪارڻ پڻ عورتن جو مردن جي سهاري ڪانسواءِ پاڻ پنهنجي پيرن تي پنهنجي آزادي جو سفر شروع ڪرڻ ئي آهي.

سوال: توهان اڄ جي نوجوان ۽ جنگجو ناري وادي عورتن کي ڪيئن ٽيون ڏسو؟

جواب: ناري واد تحريڪن اندر پڻ

ڪوڙ سارا رجحان موجود آهن. گهڻ ۾ گهڻ آمريڪا ۾ جتي انهن تحريڪن سڀ کان وڌيڪ اؤسر ڪئي آهي، اتي ڪوڙ سارا لاڙا



هڪ ئي وقت ڪم ڪن ٿا. اهي لاڙا ناري واد اڳواڻ بيٽي فريڊان جي قدامت پسند لائين کان وٺندي مرد جي مردانگي ختم ڪرڻ جي گهر ڪندڙ انتهائي بنياد پرستاڻي تحريڪ SCUM تائين ڦهليل آهن. فرانس ۾ پڻ ناري واد تحريڪ ڪوڙ سارن رجحانن ۾ ورهايل نظر اچي ٿي. جيستائين منهنجي راءِ جو سوال آهي ته آءٌ اهڙي رجحان کي بهتر سمجهان ٿي جيڪو عورتن جي آزادي کي طبقاتي سوال سان جوڙي جدوجهد ڪري. آءٌ ان راءِ جي آهيان ته توڻي جو ناري واد تحريڪ جي پنهنجي هڪ الڳ شناخت آهي تنهن هوندي به عورتن کي اها تحريڪ مردن سان گڏ ئي هلائڻي پوندي، انهن کانسواءِ نه! ان ڪري ئي آءٌ ان تحريڪ منجهان مردن جي مڪمل نيڪالي جي مخالف آهيان.

سوال: اگر ائين آهي ته پوءِ فرانس يا ٻي دنيا ۾ عورتن جي حقن لاءِ وڙهندڙ اڪثر تنظيمن جي ادارن يا ادارتي گڏجاڻين ۾ مردن جي عدم موجودگي کي توهان ڪيئن ڏسندؤ؟

جواب: اها ڳالهه ناري واد تحريڪن جي اؤسر سان سلهاڙيل آهي. هن وقت، ناري واد تحريڪ جي هاڻوڪي هيئت ۽ صورت ۾ اهو عمل ڪوڙ سارن سببن ڪري هڪ بهتر قدم آهي. اول ته جيڪڏهن مردن کي هن وقت انهن ادارن يا اهڙين گڏجاڻين ۾ اچڻ به ڏجي تنهن هوندي به هو پنهنجي فرمان جاري ڪرڻ يا اڳواڻي ڪرڻ واري مرداڻي، روش منجهان جان ڇڏائي نه سگهندا، ٻئي پاسي اڪثر عورتن ۾ پڻ ڪمتريءَ جو احساس موجود رهندو آهي، پوءِ پلي ڪين ان جي ڄاڻ هجي يا نه، يا هو ان ڪمتريءَ جو اقرار يا اظهار ڪن يا نه! منجهن گهڻيون ئي مردن جي آڏو کُلي ڳالهائڻ جي همت نه ساري سگهنديون. اِهو انتهائي ضروري آهي ته عورت مرد جي مرضي ۽ منشا، اعتراضن يا اختلافن جي خوف واري احساس کي پڻ پنهنجي اندر مان ڪڍي ڦٽو ڪري. ڇاڪاڻ ته حقيقي آزادي لاءِ ڪيس انهن سان ئي وڙهڻو آهي.

سوال: مطلب عورت پنهنجي غلاميءَ جي خاص صورت کي سمجهي؟

جواب: ها بلڪل! هن گهڙي نه ته مرداڻي ۽ نه ئي مڪمل عورتاڻي نفسيات ڪنهن گڏيل گڏجاڻيءَ ۾ غلاميءَ جي ان خاص صورت جو ڪو ايمانداراڻو تجزيو ڪرڻ ڏيندي.

سوال: ته پوءِ ڇا هن وقت اهڙين گڏجاڻين ۾ مردن جي عدم موجودگي توهان لاءِ محظ حڪمت عملي جو سوال آهي، ڇاڪاڻ ته سندن موجودگي عورتن جي آزاداڻي اؤسر کي روڪي ٿي؟ يا توهان ان سوال کي هڪ سياسي سوال پڻ سمجهو ٿيون ڇاڪاڻ ته مرد هن پدر شاهي نظام جو ئي اظهار آهي، اهو مرد ئي آهي جيڪو ذاتي طور تي به عورت کي غلام بڻائي ٿو ۽ ان ڪري عورتن جي آزادي جي جدوجهد ۾ ڪيس سڀ کان وڏو دشمن تصور ڪيو

وجي ٿو؟

جواب: ها بلڪل! پر اِها ڳالهه ايتري آسان نه آهي. چاڪاڻ ته ڪارل مارڪس جيڪو سرمائيدارن لاءِ چوندو هو، اهو ئي مثال هتي به ڏئي سگهجي ٿو. مارڪس سرمائيدارن کي پڻ نظام آڏو مجبور پائيندو هيو (سرمايو گڏ ڪرڻ جي حوس هٿان مجبور، سرمائيدار جي حيثيت ۾ پنهنجو وجود برقرار رکڻ لاءِ چٽا پيٽيءَ جي ميدان ۾ بين کي پٺتي ڌڪيندي اڳتي کان اڳتي نڪرڻ جي خواهش هٿان مجبور: مترجم) پر ان ۾ به ڪوئي شڪ ناهي ته صرف ۽ صرف نظام خلاف جنگ جو مطالبو پڻ بلڪل تجريدي بڻجي ويندو ۽ توهان کي ان نظام جي ظاهري صورتن، ڪيس بچائيندڙ ۽ منجهس فائدا حاصل ڪندڙ ماڻهن سان پڻ وڙهڻو پوندو. چاڪاڻ ته توڙي جو انهن ماڻهن اهو نظام پاڻ ناهي ناهيو، تنهن هوندي به اهو نظام کين ئي فائدو ڏئي ٿو. ان ڪري ان ظلم ۽ جبر ۾ هو به ڀاڱي ڀائيوار بڻجن ٿا. اڄ جي دؤر جو ماڻهو هن پدرشاهي سماج جو خالق ناهي. پر بئي پاسي پلي هو اهڙي سماج تي تنقيدي به هجي تنهن هوندي به هي پدرشاهاڻو سماج ڪيس فائدو پڻ ڏئي ٿو ۽ ان ڪري ئي هو ان برتري واري سانچي کي پنهنجي لاشعور جو حصو بڻائي ڇڏي ٿو.

اسان کي هن نظام خلاف جنگ ضرور ڪرڻ گهرجي، پر ساڳي ئي وقت اها جنگ وڙهندي، اسان کي مردن کي دشمن نه سهي، پر گهٽ ۾ گهٽ احتياط ۽ شڪ جي نظر سان ضرور ڏسڻ گهرجي ۽ کين پنهنجي سگهه جي اظهار يا پنهنجي ويڙهاند ۾ رنڊڪ وجهڻ جي اجازت يا موقعو هرگز نه ڏيڻ گهرجي. عورتن کي بهرحال هن پدرشاهي نظام ۽ ان جي اظهار، مردن سان هڪ ئي وقت جنگ ڪرڻي آهي. ايستائين جو ڪوئي مرد پلي ناري- وادي ئي ڇو نه هجي، تنهن هوندي به عورتن کي ان تي مڪمل طور تي پاڙڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي ۽ (پدر شاهي سماج ۾ پرورش ٿيڻ ڪري هُن جي لاشعور جو حصو بڻجي ويل) سندس ’پدرشاهيت‘ کان پڻ هوشيار رهڻ کپي.

سوال: ڇا توهان پاڻ ڪڏهن مردن لاءِ اها نفرت يا اهڙو شڪ محسوس ڪيو آهي؟

جواب: نه! آءٌ ۽ سارتر سڄي عمر هڪ ٻئي سان ڏاڍو بهتر انداز ۾ هليا آهيون. حقيقت ۾ MLF ۾ موجود ڪوڙ سارين عورتن کي پڻ هروڀرو مردن سان ڪا نفرت ڪانهي. تنهن هوندي به هو سڀ ان معاملي ۾ محتاط ضرور آهن ۽ منجهن ڪائي به عورت ڪنهن به مرد لاءِ ”مانيءَ جو گرهه“ بڻجڻ لاءِ تيار ناهي جنهن کي هو ڳڙڪائي وڃي.

سوال: ڇا توهان سمجهو ٿيون ته پدرشاهي سماج خلاف جدوجهد ۾ ڪجهه عورتن جو اِن حد کان به اڳتي نڪري وڃڻ سياسي طور موزون آهي؟

جواب: شايد! شايد ڪجهه عورتن جي پدرشاهاڻي سماج ۽ مردن خلاف شديد نفرت ۽ بغاوت ڪا بري ڳالهه نه آهي. اهڙين عورتن کي بهرحال همت ۽ جذبي جي کوٽ سبب هن سماج سان مصلحت يا ناهه جي امڪان تي سوچيندڙ عورتن کي ضرور پنهنجي سوچ تي قائل ڪرڻو پوندو ۽ اهو بلڪل ممڪن آهي.

سوال: عورتن جي اڪثر تحريڪن ۾ ڪنهن وڏي اڪثريت ۾ نه صحيح تڏهن به ٿورڙي پر فيصلاڪُن اقليت ۾ ”هم جنس پرستي“ جو عنصر موجود هوندو آهي. ڇا توهان سمجهو ٿيون ته مرداڻي حاڪميت کي ٽوڙڻ لاءِ خطرناڪ ترين هٿيار سمجهي

ويندڙ ”هم جنس پرستي“ موجود دؤر ۾ ڪو سگهارو سياسي هٿيار بڻجي سگهي ٿي؟

جواب: مون ڪڏهن ان شيءِ جي باري ۾ سوچيو ناهي. تنهن هوندي به منهنجي خيال ۾ ڪجهه عورتن جو پنهنجي آزادي جي سوال ڏانهن ايترو حساس ۽ جذباتي هجڻ سٺي ڳالهه آهي. هم جنس پرست عورتون ناري واد تحريڪ ۾ نهايت ئي سگهارو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون. پر ساڳي ئي وقت جڏهن هو ”هم جنس پرستي“ جي نقطي تي ايترو گهڻو زور ڏين ٿيون، ته ان سان مرد ۽ عورت جي جنسي تعلق جي حمايت ڪندڙ عورتن جي ڪٽجي وڃڻ جو خوف پيدا ٿي پوي ٿو. مون کي سندن ”پوتر ڳپ“ جو پراسرار تصور، توڙي سندن اهڙا ٻيا جنسي عقيدا انتهائي چيڙائيندڙ ۽ بيوقوفاڻا لڳندا آهن جن کي هو زبردستي ٿاڦڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن.

سوال: پر انهن عورتن جو ته اهو خيال آهي ته ڪين مرد سان ڪنهن به قسم جي جنسي تعلق کان پري رهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته پدرشاهي سماج جي موجوده صورت ۾ هڪ عورت جا هڪ مرد سان اهي جنسي ناتا بهرحال عورت تي مرد جي جبر جي ئي هڪ صورت آهن؟

جواب: ڇا واقعي ۾ ان ڳالهه ۾ ڪوئي صداقت آهي ته مرد ۽ عورت جو جنسي تعلق هر صورت ۾ عورت تي جبر ئي آهي؟ ڇا انهن ناتن کان انڪار ڪرڻ بجاءِ هڪ ماڻهو کي اها ڪوشش نه ڪرڻ گهرجي ته اهڙي تعلق کي جبري بجاءِ رضاڪاراڻو بڻائي؟ آءٌ چرڪي پوندي آهيان جڏهن ماڻهو مون کي اهو چوندا آهن ته ڇا به ٿئي پر مرد سان جنسي تعلق ۾ عورت سان ڏاڍائي ئي ٿيندي آهي. اصل ۾ ائين چوڻ مهل ماڻهو پاڻ مرداڻي برتري جي ڏند ڪٿائن جو شڪار هوندا آهن. هو اها ڳالهه ڪرڻ مهل ائين محسوس ڪرائيندا آهن ڄڻ مرد جو عضوِ تناسل سندس هٿ ۾ ڪوئي تلوار يا خنجر آهي. منهنجي خيال ۾ اِهو سوال مرد سان جنسي تعلق ختم ڪرڻ بجاءِ پراڻن جبري جنسي ناتن جي جاءِ تي نيا رضاڪاراڻه جنسي تعلق جوڙڻ جو آهي.

سوال: توهان پنهنجي ڪتاب ”ٻي جنس“ (The Second Sex) ۾ هڪ هنڌ چيو آهي ته توهان جي عورت هجڻ جي حقيقت گهٽ ۾ گهٽ توهان تي ڪڏهن به اثر انداز ناهي ٿي ۽ توهان هميشه پنهنجو پاڻ کي جنسي دائرن کان ٻاهر مڪمل اڻ ڏريو محسوس ڪيو آهي. ڇا ان مان توهان جي اها مُراد آهي ته ذاتي طور تي هڪ عورت پنهنجي ”عورتيت“ منجهان نڪري، پاڻ سان جڙيل ماڻهن سان، پنهنجي ڪم توڙي پنهنجي واسطن ۾ جنسي دائرن کان آزاد ٿي هلي سگهي ٿي؟

جواب: پنهنجي عورتاڻي حقيقت يا فطرت منجهان آزادي؟ نه! اها ممڪن ناهي. آءٌ فطري طور عورت ئي آهيان، پر شايد واقعي ۾ ٻين عورتن جي نسبت خوشقسمت رهي آهيان ته آءٌ عورت کي غلام ڪندڙ ڪوڙ سارن سببن جهڙوڪ هڪ گهرواري يا هڪ ماءُ هجڻ جي ذميوارين منجهان پاڻ بچائي ويس ۽ شايد پنهنجي پيشي جي لحاظ کان به، ڇاڪاڻ ته منهنجي دؤر ۾ عورتن جو تمام ٿورو تعداد اعلىٰ تعليم پرائي سگهندو هيو ۽ اهڙي دؤر ۾ فلسفي ۾ اعلىٰ تعليم حاصل ڪرڻ بعد منهنجو سماجي رتبو هڪ عام پيڙهيل عورت جي نسبت گهڻو وڏي ويو هيو. مختصراً مون مردن کي پاڻ مجرايو. ڇاڪاڻ ته آءٌ فرانس جي لکين عورتن منجهان ڪا هڪ عورت ئي هئس جنهن کي مردن جيترو يا انهن جي مقابلي جهڙو ڪم ڪري سگهڻ جو موقعو مليو. تنهنڪري منهنجي ان

ڪاميابي ڪي محظ هڪ اتفاق جي صورت ۾ مڃڻ ۾ ڪين ڪوئي مشڪل ڪانه ٿي، ڇاڪاڻ ته ان سان سندن مرداڻي برتري کي ڪو خاص خطرو نه ٿي پيش آيو. پر هاڻي جڏهن عورتن جو هڪ وڏو تعداد اعليٰ تعليم پرائي رهيو آهي ته مردن کي پنهنجي سماجي برتري لاءِ خطرا پيدا ٿيندي نظر اچڻ لڳا آهن. اهو چوندي ته هڪ عورت لاءِ ڪامياب ۽ خوش زندگي گذارڻ لاءِ ڪنهن جي گهرواري يا ڪنهن جي ماءُ هجڻ ضروري نه آهي، آءٌ اصل ۾ اهو چوڻ ٿي چاهيان ته يقيناً ايندڙ دؤر ۾ اهڙيون عورتون به هونديون جن جي زندگي عورت جي غلامي جي انهن سببن (مڙس يا ٻار) کان آزاد هوندي به خوش، ڪامياب ۽ اطمينان ڪُن هوندي. پر ان حقيقت کان ڪوئي انڪار ناهي ته اهڙي زندگي جيئڻ لاءِ انهن کي يا ته ڪنهن وڏي خاندان ۾ جنم وٺڻو پوندو، يا ٻي صورت ۾ ذهني طور تي تمام گهڻو پختو ۽ واضح هجڻو پوندو.

سوال: توهان هڪ هنڌ لکيو هيو ته توهان جي زندگي جي وڏي ۾ وڏي ڪاميابي توهان جو سارتر سان تعلق آهي؟

جواب: ها!



سوال: ته پوءِ جيئن ته توهان پنهنجي سچي زندگي ذاتي آزادي حاصل ڪرڻ ۽ ڪنهن به مرد جي جبر کان بچڻ جي آدرشن کي ارپي ڇڏي. اهو سمجهندي ته هن سماج ۾ مرد ۽ عورت جي تعلق کي برابري جي بنياد تي قائم ڪرڻ ڪيڏو ڪٺن آهي، ڇا توهان سمجهو ٿيون ته سارتر سان تعلق ۾ توهان اها برابري حاصل ڪئي جنهن لاءِ توهان جدوجهد ڪئي ٿي؟

جواب: ها! يا ائين ڪٿي چئجي ته سارتر سان گڏ رهندي مون کي منهنجا آدرش بچائڻ جي ڪڏهن ضرورت ئي ڪانه پئي. ڇاڪاڻ ته سارتر جي طبيعت ۾ مرداڻي انا يا جبر نالي ڪا شيءِ آهي ئي ڪانه. شايد جيڪڏهن آءٌ سارتر جي جاءِ تي ڪنهن ٻئي مرد سان محبت ڪيان هان ته آءٌ پنهنجن آدرشن تان ڪڏهن به هٽ نه ڪٽان ها. ڪجهه عورتون معاشي خودمختياري (نوڪري وغيره) جي مدد سان پدرشاهي سماج ۾ مرد جي سبقت مان پاڻ بچائينديون آهن ته ڪي پنهنجن مڙسن سان هڪ متوازن زندگي گذارڻ کي ئي بهتر سمجهنديون آهن. اجا ڪجهه عورتون اهڙيون هونديون آهن جيڪي سمجهنديون آهن ته ان غلامي جو سبب مرد سان مستقل لاڳاپا (شادي، خاندان وغيره) آهن تنهن ڪري وٽن ان مسئلي جو حل مردن سان وقتي تعلق هوندو آهي.

سوال: توهان پنهنجي ڪتاب ۾ عورتن کي ڪمتر طبقو ڪوٺيو آهي؟

جواب: مون عورتن کي طبقو ڪڏهن به ناهي ڪوٺيو. ها باقي پنهنجي ڪتاب ”ٻي جنس“ ۾ مون اهو ضرور چيو آهي ته عورتن کي ڪم- ذات تصور ڪيو وڃي ٿو. اُهي اڇوت جيڪي نه ته پنهنجي مرضي سان ان ذات، ڪڙنب يا قبيلي (عورتن) ۾ جنم وٺن ٿيون ۽ نه ئي پنهنجي مرضي سان ان ذات منجهان نڪري سگهن ٿيون. اصولي طور تي هڪ ماڻهو هڪ

طبقي منجهان ٻئي طبقي ۾ ته وڃي سگهي ٿو، پر عورت لاءِ اهو ممڪن ناهي ته هو مرد ٿي سگهي. تنهن ڪري عورتون هڪ نه متجندڙ ’نج ذات‘ آهن ۽ جهڙو ورتاءُ عورتن سان سياسي، سماجي ۽ معاشي معاملن ۾ ڪيو وڃي ٿو، اهو ڪين ”ڪم ذات“ ئي بڻائي ٿو.

سوال: عورتن جي حقن لاءِ هلندڙ ڪجهه تحريڪون عورت کي سماج ۾ موجود ٻين طبقن جيان ۽ انهن کان ڌار هڪ الڳ طبقي طور سمجهن ٿيون. سندن ان دعويٰ جو بنياد اهو ڏجي ٿو ته گهريلو ڪم ڪار عورت طبقي جو اهو پورهيو آهي جنهن جي مٽا سٽا جو ڪوبه مُلهه مقرر ڪونهي. ان ڪري سندن نظر ۾ پدرشاهي سرشتو، سماج ۾ ثانوي نه پر هڪ بنيادي تضاد آهي. ڇا توهان ان دليل سان سهمت آهيو؟

جواب: مون کي اهو تجزيو ڪافي ڪٽل محسوس ٿيندو آهي ۽ منهنجي خواهش آهي ته ڪوئي ماٺهو ان سوال تي سنجيده ڪم ڪري ڪي نتيجا اخذ ڪري. جيئن ”جوليئٽ مِچل“ پنهنجي ڪتاب ۾ سوال صحيح نموني سان رکڻ تي سمجهايو آهي پر ان جو ڪو جواب ناهي ڏئي سگهي. مون کي ياد آهي ته اهڙو ئي هڪ سوال مون MLF جي ويڙهاڪ ناري وادين اڳيان پڻ رکيو هيو جڏهن آءٌ ساڻن پهريون دفعو ملي هئس. مون کانئن پڇيو هيو ته هو سرمائيداري سماج ۽ پدرشاهي سماجي سرشتي ۾ اصل ۽ بنيادي ڳانڍاپو ڪٿي ۽ ڪيئن ڏسن ٿيون؟ حقيقت هيءَ آهي ته خود مون وٽ اڃ تائين ان سوال جو ڪو جواب ڪونهي ۽ اهو ئي سوال آهي جنهن تي ايندڙ سالن ۾ آءٌ ڪم ڪرڻ چاهيان ٿي. پر تنهن هوندي به پدرشاهي استحصالي سرشتي کي سرمائيداري استحصالي نظام سان پيٹڻ يا هڪ ڪري بيهارڻ منهنجي نظر ۾ صحيح تجزيو نه آهي. اِها حقيقت بلڪل عيان آهي ته گهريلو پورهئي جي استحصال منجهان ڪوئي واڌو قدر حاصل نه ٿو ٿئي ۽ اِهو ان معنيٰ ۾ ان مزدور جي پورهئي کان مختلف آهي جنهن مان ٺهندڙ واڌو قدر تي هي سرمائيداري نظام ٽڪيو ٿو. منهنجي خواهش آهي ته آءٌ انهن ٻنهي ۾ بنيادي تعلق کي سمجهي سگهان. منهنجي خيال ۾ عورتن جي آزادي جي تحريڪ جي مستقبل جي سموري حڪمت عملي ان تعلق جي سمجهه سان ئي واڳيل آهي. پر تنهن هوندي به بغير ڪنهن اجوري جي ٿيندڙ گهريلو ڪم ڪار جهڙي استحصال تي زور ڏيڻ ۽ ان کي وائڪو ڪرڻ نهايت ڪارائتو ڪم آهي. ٻئي پاسي گهريلو ڪم ڪندڙ عورتن منجهان ڪوڙ عورتون معاشي طور پاڻ ڀريون آهن ڇاڪاڻ ته هو ڪا نوڪري به ڪن ٿيون، تنهن ڪري سندن استحصال جي صورت صرف گهريلو ڪم ڪار ڪندڙ ۽ مرد تي ڀاڙيندڙ عورت جي مقابلي ۾ ڪافي مختلف آهي.

سوال: پر اِهي عورتون پلي ٻاهر نوڪري ڪنديون به هجن، تنهن هوندي به ڪين ملندڙ اجورو ساڳي ئي نوڪري ڪندڙ مرد جي مقابلي ۾ گهٽ هجي ٿو؟

جواب: ها اها حقيقت آهي. ڪين ملندڙ اجورو مرد جي مقابلي ۾ واقعي گهٽ هجي ٿو. پر پنهنجي پهرين ڳالهه ڏانهن واپس ورندي آءٌ وري به چونديس ته گهريلو ڪم ڪندڙ ڪنهن عورت جي ٿيندڙ استحصال ۽ ڪنهن ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ مزدور جي ٿيندڙ استحصال ۾ بهرحال فرق آهي ۽ افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته هن دؤر ۾ عورتن جي معاملن تي لکندڙ ليکڪن جهڙوڪ ڪيٿ مليٽ، جرمين گريئر يا شُلامٿ فائر اسٽون منجهان ڪنهن به ان

معاملي تي غور ناهي ڪيو.

سوال: پر جن ليکڪن جو توهان ذڪرڪيو ٿيون انهن هوئنن به ان معاملي ۾ ڪجهه نئون ناهي ڏنو؟

جواب: نه صفا ائين به ناهي. مثال طور فائر اسٽون پنهنجي ڪتاب ”جنس جي جدليات“ (The Dialecties of Sex) ۾ هڪ بلڪل نئين نتيجي تائين پهتي آهي. هو عورتن جي آزادي کي ٻارن جي آزادي سان جوڙي ٿي ۽ اِهو صحيح به آهي چاڪاڻ ته عورتون تيستائين سهي معنيٰ ۾ آزاد ٿي ئي نه ٿيون سگهن جيستائين ڪين ٻار پالڻ جي ڪشٽ مان آزادي نه ٿي ملي.

سوال: توهان طبقاتي جدوجهد ۾ پڻ الاهي سرگرم رهيون آهيو. خاص ڪري 1968ع کان پوءِ جي دؤر ۾ توهان اهڙي قسم جي سياست ڏانهن ڏاڍي تيزي سان راغب ٿيون آهيو. مثال طور توهان تازو ئي ڪاٻي ڌر جي هڪ انقلابي رسالي جون ايڊيٽر به ٿيون آهيو. مختصراً، توهان جي خيال ۾ طبقن جي وچ ۾ جنگ ۽ جنسن جي وچ ۾ جنگ منجهه بنيادي تعلق ڪٿي آهي؟

جواب: آءٌ هاڻ ان خيال جي آهيان ته خالص طبقاتي جدوجهد عورت کي مڪمل طور تي آزاد نه ٿي ڪري. ان شيءِ سان ڪوئي فرق نه ٿو پوي ته توهان ڪميونسٽن جي ڳالهه ٿا ڪريو، ٽراٽسڪائيٽن جي يا مائوسٽن جي، عورتون بهرحال مردن جي تابع ئي آهن. تنهن ڪري آئون هاڻ ان معاملي ۾ بلڪل واضح آهيان ته عورتن کي پنهنجا مسئلا پاڻ پنهنجن هٿن مان ڪٽڻ گهرجن ۽ ڪين مڪمل طور تي ناري وادي هجڻ گهرجي. ان معاملي تي هڪ نهايت ئي سنجيده تجزيو ٿيڻ گهرجي ته مزدورن جي استحصال ۽ عورتن جي استحصال ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون هڪجهڙايون موجود آهن ۽ ڪٿي ڪٿي منجهن فرق آهي؟ يا پوءِ سرمائيداري نظام جي ڍهي وڃڻ کان پوءِ پيدا ٿيندڙ اُهي ڪهڙيون حالتون هونديون جيڪي عورت جي آزادي جي امڪانن کي وڌيڪ سگهارو ڪنديون؟ مون وٽ انهن سوالن جا جواب ناهن پر اهي جواب ڪنهن نه ڪنهن کي ضرور ڳولهڻا آهن. پر آءٌ هڪ ڳالهه تي ته بلڪل واضح آهيان، ۽ اُها اِها ته سرمائيداري نظام جي ڍهڻ سان عورتن جي هڪ ئي ڌڪ ۾ آزادي جا امڪان ضرور پئدا ٿيندا. پر تنهن هوندي به اجا جام سفر هوندو جيڪو ويڙهاند ۾ طئي ڪرڻو پوندو.

جيستائين خاندان جو ادارو قائم آهي. تيستائين سرمائيداري سماج جي ڍهڻ منجهان پدرشاهي سرشتي جي ڍهڻ جي معنيٰ هرگز نه ٿي ڪڍي سگهجي. منهنجو خيال آهي ته هڪ آزادي پسند کي نه صرف سرمائيداري نظام کي ڍاهي پيداوار جي ذريعن ۾ تبديلي آڻڻ گهرجي، پر بنيادي طور تي خاندان جي جوڙجڪ ۾ به ڪي بنيادي تبديليون پڻ آڻڻ گهرجن. اهو اڄ تائين ڪٿي به ناهي ٿي سگهيو. چين ۾ پڻ انقلاب جي نتيجي ۾ پراڻو جاگيرداري دؤر وارو خاندان ٽُٽي چڪو آهي ۽ ان جي ڪري اتي عورتن جي حالتن ۾ ڪجهه تبديلي پڻ آئي آهي. پر تنهن هوندي به اُتي جاگيرداراڻي سماج واري خانداني جڙاءُ جي جاءِ تي نيو ڪليائي خاندان جو تصور اپريو آهي جيڪو بهرحال پوئين خاندان جو ئي تسلسل آهي. تنهنڪري آءٌ واقعي ۾ نه ٿي سمجهان ته ڪو چين ۾ به عورتون آزاد ٿي سگهيون آهن. منهنجو خيال آهي ته عورتن کي حقيقي طور آزاد ڪرڻ لاءِ خاندان جو ادارو بهرحال ڍاهڻو پوندو ۽ ان معاملي ۾ آءٌ انهن عورتن ۽ مردن سان بلڪل سهمت آهيان جن خاندان جي جاءِ تي پراڻين اشتراڪي ويڙهن کي قائم ڪرڻ جي

ڪوشش ڪئي يا ڪي ٻيا طريقا ڪڍڻ لاءِ جُهد ڪيائون، جيڪي اڄ يا سياڻي خاندان جي ان اداري جي جاءِ والارڻ لاءِ بهرحال ايجاد ڪرڻا پوندا.

سوال: ته پوءِ ڇا ائين ڇئجي ته ضروري ناهي ته طبقاتي جدوجهد سان عورتن جي حالت ۾ ڪا بنيادي تبديلي اچي، پر ان جي ابتڙ عورت ۽ مرد جي تعلق ۽ مجموعي سماجي جڙت ڪي سوال هيٺ آڻيندڙ انقلابي ناري واد تحريڪ طبقن ڪي به ختم ڪري ڇڏيندي؟

جواب: نه! اهو ضروري ناهي. جيڪڏهن توهان خاندان ۽ ان سان لاڳاپيل سماجي ڍانچن ڪي ڍاهڻ شروع ڪيو ته ممڪن آهي ته سرمائيداري نظام به ان سان گڏ ئي پڇڻ پُرڻ شروع ڪري، پر انهن سوالن تي گهربل سوچ ويچار ڪانسواءِ آءٌ ان لائين تي ايترو اڳتي نڪري وڃڻ جي به هرگز حمايت نه ڪنديس. مون ڪي اندازو ناهي ته عورتن پاران پدرشاهي سماج جي پڄ ڍاهه موجوده سرمائيداري نظام ۽ ان جي جمهوريت جي تصور ڪي ڪيتري حد تائين متاثر ڪري سگهندي. جيڪڏهن ناري واد تحريڪ واقعي ڪي انقلابي مطالبا رکي ۽ انهن ڪي مجرائي به وڃي ته اهو واقعي هن نظام لاءِ تمام وڏو خطرو هوندو. پر تنهن هوندي به اهو پئداواري رشتن، ڪم جي حالت يا پيداوار جي ذريعن جي نئين سِر جوڙجڪ لاءِ ڪافي نه هوندو. ان مسئلي تي ڪو ٺوس ۽ جامع تجزيو نه اچي سگهيو آهي ۽ ان جو سبب اهو ئي آهي ته ناري واد تحريڪ ۾ متحرڪ عورتون پورهيت طبقي بجاءِ اڪثر وچولي طبقي منجهان ئي هونديون آهن. جيڪي رياست جي موجود سياسي ڍانچي ۾ ئي پنهنجي جدوجهد ڪنديون رهنديون آهن.

آءٌ برطانيه ۾ عورتن جي ان تحريڪ جو سوچيان پئي جنهن جو بنيادي مطالبو عورتن لاءِ ووٽ جو حق حاصل ڪرڻ هو. اهي عورتون پنهنجن مسئلن ڪي معاشي تناظر ۾ نه ڏسي رهيون هيون. ٻئي پاسي معاشي معاملن ۾ اسان جو لاڙو مارڪسي فارمولن طرف ئي رهيو آهي ۽ اسان اڪثر اهو ئي سوچيندا آهيون ته جڏهن سوشلزم اچي ويندو ته مرد ۽ عورتون، ٻئي هڪ ئي ڌڪ ۾ آزاد ٿي ويندا. مون جڏهن پنهنجو ڪتاب ”ٻي جنس“ لکيو هيو ته مٿس ڪاٻي ڌر جي ساٿين جي ڪيل تنقيد تي آءٌ حيران رهجي وئي هيس. مون ڪي هڪ ٽراٽسڪائيٽ سان ٿيل ڪچهري ياد آهي جنهن اهو چيو ٿي ته عورتن جي آزادي جو مسئلو ڪو حقيقي مسئلو ناهي ۽ حقيقت ۾ اهو مسئلو وجود ئي نه ٿو رکي. جڏهن انقلاب ايندو ته عورتن جا مسئلا پڻ پنهنجو پاڻ حل ٿي ويندا.

ساڳي ئي حالت ٻين ڪميونسٽ ڌرين سان هئي جن سان ان وقت سياسي حوالي سان منهنجي تمام گهٽي اٿبٺت هلندڙ هئي. انهن منهنجي خلاف ڪوڙ سارا مضمون لکيا ۽ مون تي هر هنڌ ٺوڪون ۽ چٺرون ڪندا هئا. هو مون تي ٺوڪ ڪندي چوندا هئا ته بلانڪورٽ شهر ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت عورتون عورتن جي مسئلن ڪي گاهه ئي ناهن وجهنديون ۽ هڪ دفعو انقلاب اچي ويندو ته عورتون ۽ مرد پاڻ ئي برابر ٿي ويندا، پر ڪين ان ڳالهه سان بلڪل ڪائي دلچسپي ڪانه هئي ته جيستائين انقلاب اچي، تيستائين عورتن سان ٿيندڙ ظلم ۽ جبر جو ڇا ٿيندو؟

مون ڪي اِها اميد پڻ هئي ته سرمائيدار ملڪن جي ڀيٽ ۾ سوشلسٽ ملڪن ۾ ان مسئلي ڏانهن ماڻهن جو رويو گهٽي حد تائين بهتر هوندو. پر چند هڪ ننڍڙن فرقن ڪي ڇڏي انهن ملڪن ۾ به ان

مسئلي بابت ساڳي ئي راءِ حاوي هئي.

سوال: توهان جي ڪتاب ”ٻي جنس“ جي ڇپجڻ ڪانپوءِ توهان تي ٿيندڙ تنقيد سڀ کان وڏيڪ ان بنياد تي هئي ته توهان پنهنجي ڪتاب ۾ عورتن جي آزاديءَ جو ڪو خاص پروگرام ناهي ڏنو ۽ عورتن جي مسئلن تي ايترو وڏو داستان لکڻ بعد جڏهن انهن مسئلن جي حل جو سوال آيو ته توهان جو تجزيو ان معاملي ۾ ڳُتي پيو؟

جواب: ها اها حقيقت آهي. منهنجي ڪتاب ۾ اها کوٽ رهجي وئي هئي. مون پنهنجي ڪتاب ۾ ان مسئلي جي حل ڪي منجهيل نموني انقلاب، سوشلزم ۽ بهتر مستقبل سان سلهاڙي ڇڏيو هيو.

سوال: پوءِ اڄ توهان ڪهڙي نتيجي تي پهتيون آهيو؟

جواب: مون اڳ ۾ به چيو ته مون هاڻ پنهنجا خيال تبديل ڪيا آهن. هاڻي آءٌ هڪ ناري وادي آهيان.

سوال: پوءِ اڄ توهان جي نظر ۾ ذاتي توڙي اجتماعي بنيادن تي عورتن جي آزادي جا ڪهڙا ئوس امڪان موجود آهن؟

جواب: منهنجي خيال ۾ ذاتي لحاظ کان ته عورتن کي گهر کان ٻاهر ڪائي نوڪري ضرور ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ممڪن هجي ته ڪين شادي نه ڪرڻ گهرجي. آءٌ سارتر سان شادي ڪري ٿي سگهيس پر منهنجي خيال ۾ اسان ڪافي ذهين هئاسين جو شادي کان بچي وياسين. شادي ڪرڻ ڪانپوءِ ماڻهو توهان سان شادي شده عورت جي حيثيت ۾ ملن ٿا ۽ هوريان هوريان شادي شده هجڻ جو احساس توهان جي ذهن تي به حاوي ٿي وڃي ٿو. هڪ شادي شده عورت جي حيثيت ۾ توهان جو سماج سان تعلق اهو ساڳيو نه ٿو رهي جيڪو هڪ غير شادي شده عورت جي صورت ۾ هيو. آءٌ سمجهان ٿي ته شادي عورتن لاءِ انتهائي خطرناڪ شيءِ آهي.

جيڪڏهن آءٌ اهو چوان ٿي ته لازمي طور ان ڳالهه جا ڪي سگهارا جواز پڻ موجود آهن. مثال طور جيڪڏهن شاديءَ ڪانپوءِ توهان ٻار ڄڻڻ جي خواهش رکو پر ٻارن جو مسئلو غير شادي شده جوڙي جي صورت ۾ ويتر منجهي وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته پوءِ ٻارن کي ٻاهر سماج ۾ ڪوڙ سارن مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو.

عورتن جي آزادي ۾ جيڪڏهن ڪا شيءِ واقعي سڀ کان وڏيڪ ڪردار ادا ڪري ٿي ته اها آهي سندس نوڪري. آءٌ هر ان عورت کي اها ئي صلاح ڏيندي آهيان جيڪا ان معاملي ۾ مون کان ڪائي راءِ وٺندي آهي. هڪ عورت جي آزاد هجڻ لاءِ اهو هڪ لازمي شرط آهي. نوڪري ۾ هوندي اگر توهان پنهنجي شادي شده زندگي ترڪ ڪرڻ يا طلاق وٺڻ چاهيو ٿيون ته توهان نهايت ئي آساني سان اهو فيصلو وٺي ٿيون سگهو ۽ طلاق بعد توهان نه صرف پنهنجي زندگي پنهنجن پيرن تي جي سگهندا پر پنهنجن ٻارن ٻچن کي پڻ گهڻي سولائي سان سنڀالي سگهندا. پر اها ڳالهه سمجهڻ نهايت ئي لازمي آهي ته نوڪري بهرحال ڪوئي ڪرشماتي علاج ناهي. نوڪري جيڪڏهن هڪ طرف عورتن کي آزاد ڪري ٿي ته ٻئي پاسي ڪين وڌ کان وڌ ويڳاڙو پڻ بڻائي ٿي. تنهنڪري اڪثر عورتن کي هڪ گهر ڌياڻي جي صورت ۾ يا هڪ نوڪري ڪندڙ عورت جي صورت ۾ ويڳاڻپ جي ڪنهن هڪ صورت ۾ ڦاسڻو ئي پوي ٿو. نتيجي طور نوڪري ڪوئي اڪثير ناهي جيڪا هر مرض جو علاج هجي پر تنهن هوندي به عورت جي آزادي لاءِ اهو هڪ بنيادي شرط آهي.

سوال: ته پوءِ انهن عورتن جي آزادي

جو ڇا ٿيندو جن جي شادي اڳ ۾ ئي ٿيل آهي ۽ ڪين ٻار ٻچا به آهن؟

جواب: مون کي اندازو آهي ته ڪوڙ سارين عورتن وٽ ان نموني آزاد ٿيڻ جا امڪان ڀنهه گهٽ آهن. فرض ڪريو ته جيڪڏهن هو شادي شده آهن، ڪين چار، پنج ٻار پڻ آهن ۽ سندن عمر 35 کان 40 سال تائين هجڻ سان گڏوگڏ وٽن ڪائي پيشيوراڻي لياقت به موجود نه آهي، ته پوءِ مون کي واقعي ۾ اندازو ناهي ته هو پنهنجي آزادي ڪيئن وٺي سگهنديون. تنهنڪري منهنجي خيال ۾ هن گهڙي وڏ ۾ وڏ ايندڙ نسلن جي آزادي جي امڪانن تي ئي ڳالهائي سگهجي ٿو.

سوال: ڇا پنهنجي آزاديءَ لاءِ جهيڙيندڙ عورتون اها جنگ اڪيلي سِر، ذاتي حيثيت ۾ وڙهي سگهن ٿيون يا ڪين اها جدوجهد لازمي طور اجتماعي بنيادن تي ئي هلائڻي پوندي؟

جواب: عورتن کي پنهنجي آزاديءَ جي ويڙهه لازمي طور گڏجي ئي وڙهڻي پوندي. آءٌ پاڻ اڄ ڏينهن تائين ڪڏهن به اهڙي ڪنهن تحريڪ ۾ شامل نه رهي سگهي آهيان ڇاڪاڻ ته حقيقت ۾ هتي ڪڏهن اهڙي ڪائي منظم تحريڪ رهي ئي ناهي جنهن جي منشور سان آءٌ سهمت هجان. پر شايد ساڳئي وقت مون لاءِ پنهنجي ڪتاب ”ٻي جنس“ جو لکڻ پڻ پنهنجي شخصي آزادي کان گهڻو اڳتي ۽ گهڻو مٿانهون عمل هيو. مون اِهو ڪتاب صرف عورتن جي حالت کي پاڻ سمجهڻ خاطر ڪونه لکيو هيو، بلڪه ان ڪتاب جو بنيادي مقصد عورتن جي صورتحال کي مجموعي طور تي سمجهندي، هڪ اهڙي ڪاوش ڪرڻ هئي جنهن جي مدد سان ٻيون عورتون به پنهنجي صورتحال کي حقيقي معنيٰ ۾ سمجهي سگهن ۽ ان معنيٰ ۾ منهنجو ڪيل ڪم، عورتن جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ شامل منهنجي پورهئي طور ڳڻي سگهجي ٿو. پوين ويهن سالن ۾ مون کي هزارن عورتن جا خط ايندا رهيا آهن جن سڀني اهو ئي ٽي چيو ته منهنجي ڪتاب ڪين پنهنجي صورتحال سمجهڻ پنهنجي زندگيءَ بابت پاڻ فيصلا ڪرڻ ۽ هڪ سگهاري تحريڪ جوڙڻ ۾ سندن تمام گهڻي مدد ڪئي آهي ۽ مون هميشه اهڙي هر خط جو جواب پڻ ڏنو آهي. آءٌ ان ضمن ۾ ڪوڙ سارين عورتن سان ملاقاتون پڻ ڪئي آهي ۽ هميشه ڪوشش ڪئي آهي ته ڪنهن به مشڪل ۾ ڦاٿل عورتن جي هر ممڪن مدد ڪري سگهان.

سوال: موجوده ناري واد تحريڪ جي اؤسر بابت توهان جو عمومي تجزيو ڇا آهي؟



جواب: مون کي ڪوئي خاص پڪ ته نه آهي پر منهنجو خيال آهي ته اها

تحريڪ ترقي ڪندي. فرانس توڙي باقي دنيا ۾ عورتون ان معاملي ۾ تمام گهڻيون حساس آهن ۽ منجهن اڪثر ناري واد تحريڪ جو حصو بڻجڻ چاهين ٿيون. ٻئي پاسي پلو ٿيئ هن جديد دؤر جي مهيا ڪيل سهولتن جو جن جي ڪري گهر ۾ ڪم ڪندڙ عورتون ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ جام آزاد ٿي ويون آهن ۽ ڪين انهن معاملن تي سوچڻ لاءِ ججهو وقت پڻ ملي ٿو. ضرورت صرف ان ڳالهه جي آهي ته ڪين هن پدرشاهي سماج سان بغاوت ڪرڻ تي آماده ڪجي. نوڪرين جي لحاظ کان ان ڳالهه ۾ ڪوئي گمان ناهي ته سرمائيدار رياستن ۾ هزارين بيروزگار مردن جي هوندي ڪو عورتن کي ججهيون نوڪريون ملي سگهن. تنهن ڪري منهنجو خيال آهي ته عورتن کي تيستائين آزادي ملي ئي نه سگهندي جيستائين هن نظام جي پاڙ پٽي ڪيس تباهه نه ٿو ڪيو وڃي.

منهنجي خيال ۾ ناري واد تحريڪ جا مجموعي سماج تي اثر پڻ شاگرد تحريڪ جيترا پئجي سگهن پيا. فرانس ۾ شاگردن جي اها تحريڪ توڙي جو شروع ۾ جام محدود هئي تنهن هوندي به اڳتي هلي پوري ملڪ ۾ شاگردن جي مسئلن جي حل لاءِ ڪيل سندن هڙتالن سڄي ملڪ کي لوڏي وڌو. اهو ئي اثر عورتن جي تحريڪ به وجهي سگهي ٿي. جيڪڏهن عورتون نوڪرين جي ميدان ۾ پنهنجا پير پختا ڪري وڃن ته هو هن سڄي نظام کي ڌوڏي سگهن ٿيون. پر منهنجي خيال ۾ هن وقت آمريڪا توڙي فرانس ۾ ناري واد تحريڪ جي اؤسر ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ ئي اِها آهي ته عورتن جو هڪ وڏو تعداد نوڪرين کان ٻاهر آهي.

سوال: ڇا انهن ڪوتن جو سبب پڻ تحريڪ جو اڃا ايترو اؤسر نه ڪري سگهڻ نه آهي؟ مطلب جڏهن اها تحريڪ ايتري منظم ۽ سگهاري بڻجي ويندي ته ان سان عورتن جي هڪ وڏي تعداد کي ٻين حقن سان گڏ نوڪرين ۾ پڻ هڪ وڏو حصو ميسر هوندو؟

جواب: ها بلڪل. اهي ٻئي شيون هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن. نه صرف نوڪرين جي معاملي ۾ پر ٻين سڀني معاملن ۾ جڏهن عورتون پنهنجي حقن لاءِ هڙتالون ڪنديون ته گهرن ۾ ويٺل عورتن جو هڪ وڏو تعداد پڻ ان تحرڪ مان متاثر ٿيندو ۽ پوءِ ڪين ائين گهرن ۾ قيد ڪري رکڻ ايترو آسان نه رهندو.

سوال: مطلب توهان جي خيال ۾ هن وقت بنيادي سوال عورتن جي هڪ وڏي تعداد کي متحد ڪرڻ ۽ سندن حمايت/ساٿ حاصل ڪرڻ جو آهي؟

جواب: يقيناً ڪنهن عورت جي ذاتي طور آزادي ڪافي ناهي. اسان کي بهرحال هڪ اجتماعي جدوجهد جي ئي ضرورت آهي ۽ ان کي طبقاتي سوال سان سلهاڙڻ پڻ انتهائي لازمي آهي. <u>عورتن جي آزادي لاءِ وڙهندڙ عورتون حقيقي معنيٰ ۾ ناري وادي ٿي ئي نه ٿيون سگهن جيستائين هو پنهنجو پاڻ کي ڪابي ڌر سان نه ٿيون سلهاڙين</u> ڇاڪاڻ ته پلي خاندان جي اداري ڊهي وڃڻ تائين سوشلزم ۾ جنسي متڀيد جو سوال مڪمل طور حل نه به ٿئي تنهن هوندي به اهو ڏاڪو طئي ڪرڻ تمام لازمي آهي.

سوال: ها واقعي! تاريخ ۾ پهريون دفعو ائين ٿئي پيو ته ناري واد تحريڪ انقلابي تحريڪ پڻ بڻجي پئي. ڇاڪاڻ ته عورتن جي حقن لاءِ جهيڙيندڙ اڪثر آزادي پسند عورتون تمام تيزي سان ان نتيجي تي پهچنديون پيون وڃن ته مجموعي سماج جي ڪايا پلٽ ۽ ڪنهن نئين سماج جي اڏاوت ڪانسواءِ عورتن جي اجتماعي غلامي

منجهان جان ڇٽي ڪانه سگھندي.

جواب: بلڪل درست! مون اٿلي ۾ ڏيندڙ هڪ مظاهري ۾ هڪ نعرو ڏٺو جيڪو ان ڳالهه سمجهائڻ لاءِ نهايت ئي مناسب مثال آهي. اهو نعرو هيو ته "عورتن جي آزادي کانسواءِ ڪوئي انقلاب 'انقلاب' ناهي! ۽ انقلاب کانسواءِ عورتن جي آزادي 'آزادي' ناهي."

سوال: توهان پنهنجي ڪتاب "ٻي جنس" ۾ عورتن جي حقن لاءِ لکندڙ ليکڪ رمباڊ (Rimboud) جو حوالي ڏنو آهي. جنهن نئين دنيا جو هڪ اهڙو تصور ڏنو هو جنهن ۾ عورتون واقعي ۾ آزاد هجن. ڇا توهان وٽ به نئين دنيا جو اهڙو ڪوئي تصور آهي؟

جواب: رمباڊ جو تصور اهو هيو ته آزادي بعد عورتن جو سماج ۾ ڪردار مڪمل طور تي نئون هوندو. هو پراڻ جي سموري روايتن کان مڪمل طور بغاوت ڪندي پنهنجي هر ممڪن عمل ۾ ان جو رد ڏينديون. آءٌ ذاتي طور ائين نه ٿي سمجهان. منهنجو ناهي خيال ته جنسي برابري حاصل ٿي وڃڻ بعد عورتون ڪي مڪمل طور تي عورتاڻيون روايتون تخليق ڪنديون. منهنجو ان ڳالهه تي اٿلي جي ڪجهه ناري واد اڳواڻن سان بحث ٿيو جن جو خيال اهو آهي ته موجود سماج ۾ رائج سموريون روايتون ۽ سڀ قدر مرداڻي حاڪميت جو ئي اولڙو آهن تنهنڪري عورتن کي هاڻ پنهنجون روايتون ۽ پنهنجا قدر بلڪل نئين ريت جوڙڻا پوندا. آءٌ سندن راءِ سان سهمت نه آهيان. حقيقت هيءَ آهي ته پدرشاهي سماج ۾ مردن تهذيب، ثقافت توڙي ٻين سياسي سماجي قدرن جي جوڙجڪ شعوري توڙي لاشعوري طور پنهنجي مرداڻي فطرت جي تابع رهندي ئي ڪئي، توڙي جو هو انهن آدرشن، اصولن ۽ قدرن کي جنس، نسل، مذهب ۽ ثقافت کان مٿانهان ۽ ڪائناتي سمجهندا ۽ ڪوٺيندا آيا. تنهن هوندي به جيئن پرولتاري طبقو سرمائيدار طبقي جي خود ساخته 'ڪائنات'

جي تصور سان وڙهندي به سرمائيداري دؤر ۾ ٿيندڙ ڪوڙ ساري سماجي اؤسر کي مڃيندي، ان کي اپنائيندي پنهنجي تحريڪ ۾ اڳتي وڌندو رهي ٿو. بلڪل اهڙيءَ طرح عورتن کي پڻ مرداڻي تهذيب ۽ ثقافت جي ڪوڙ سارين مددگار روايتن، قدرن ۽ اوزارن جي مدد سان ئي هن پدر شاهي سماج جي ڪايا پلٽ ڪري سندس 'ڪائنات'

جي تصور کي ٽوڙڻو پوندو. پر تنهن هوندي به آءٌ اهو ضرور چوندس ته انهن مددگار روايتن ۽ قدرن جي چونڊ جي عمل ۾ پڻ الاهي محتاط ٿي هلڻو پوندو.

ڪائناتي اصولن جهڙوڪ رياضي يا سائنس ۽ فلسفي جي علمن تي ڪم ڪندي، مردن واقعي به انهن علمن تي مرداڻي ڇاپ ضرور ڇڏي آهي. هنن انهن خارجي فطري اصولن يا ڪائناتي قدرن سان پنهنجي مرداڻي نفسيات کي ايتري ته نفاست ۽ ڪاريگري سان ملائي ڇڏيو آهي جو کين الڳ ڪري سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي. پر تنهن هوندي به انهن فطري اصولن ۽ ڪائناتي قدرن جي پنهنجي اهميت آهي ۽ مسئلو بنيادي طور انهن مٿان اها ڇاپ لاهڻ، يا گهٽ ۾ گهٽ ٻنهي کي الڳ ڪري ڏسڻ ۽ سمجهڻ جو آهي. اها ڳالهه ممڪن آهي ۽ اهو ئي اهو مسئلو آهي جنهن کي اڳتي هلي عورتن کي منهن ڏيڻو آهي. ۽ پوءِ جڏهن پدرشاهي سماج جي سمورين روايتن ۽ قدرن کان انڪار ڪرڻ جي ڳالهه ٿئي ته ان جو مطلب ڇا وٺجي.؟ مثال طور عورتون پنهنجي دفاع لاءِ اڄ ڪلهه "ڪراٽي"

جي تربيت وٺن ٿيون. پر پوءِ اها ته

پدرشاهي سماج جي هڪ مرداڻي روايت آهي؟ تنهن ڪري اسان هن سچي مردن جي دنيا جو ئي انڪار نه ٿا ڪري سگهون، ڇاڪاڻ ته ڪجهه به ٿئي پر اسان جي دنيا پڻ اها ئي آهي.

منهنجو مڃڻ آهي ته آزاد ٿيل عورت تخليقي طور اوتري ئي سگهاري هوندي جيترا مرد هوندا ۽ هو اهو سڀ ڪجهه ڪري سگهندي جيڪو مردن لاءِ ممڪن هوندو. پر ان مان مراد اها ڪانهي ته هو مرداڻي سماج جي اؤسر جي نتيجي ۾ جڙي آيل سمورن قدرن کي ليڪ ڏئي، نئين سنئين، ٻُڙي کان شروع ڪندي پنهنجا ڪي الڳ ”عورتاڻا قدر“ تخليق ڪندي. جيڪڏهن توهان مرداڻي سبقت جي رد طور ان جو مڪمل ضد يعني عورتاڻي سبقت اڳيان ڪندا ته منهنجي خيال ۾ اهو درست عمل نه هوندو. اسان کي لازمي طور اهڙن سمورن خيالن ۽ تصورن سان وڙهڻو پوندو.

يقيناً عورتن جي آزادي بعد مرد ۽ عورت جي رشتي جي نوعيت ئي تبديل ٿي ويندي ۽ خود مرد ۽ عورت جا تصور توڙي سندن حقيقي مادي بيهڪ پڻ ساڳي نه رهندي. عورتن توڙي مردن کي بهرحال پنهنجن جنس جي بنياد تي جڙيل نفسياتي سانچن منجهان نڪري مڪمل انسان ٿيڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻي آهي نه ڪي هڪ ٻئي تي سبقت حاصل ڪرڻ لاءِ وڙهڻو آهي.


سوال: ڇا توهان عورتن جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ پُرتشدد حڪمت عملين جي حمايت ڪندؤ؟

جواب: جيستائين سوال موجود صورتحال جو آهي ته آءٌ چونديس ته ها آءٌ هڪ حد تائين ان تحريڪ جي پرتشدد حڪمت عملين جي حامي آهيان. ڇاڪاڻ ته مرد ته پنهنجي ٻولي توڙي ورتاءُ ۾ پڻ عورت تي تشدد ڪن ٿا. هو عورتن کي بي عزت ڪن ٿا، سندن لچ لتين ٿا، ايستائين جو اڪثر ڪري مردن جو عورتن ڏانهن ڏسڻ پڻ عورتن تي نفسياتي حملي جو ڪم ڪري ٿو. تنهن ڪري عورتن کي پنهنجي تحفظ لاءِ تشدد جو استعمال ضرور ڪرڻو پوندو. اڄ ڪلهه ڪوڙ ساريون عورتون پنهنجي حفاظت لاءِ ڪراٽي يا ان جهڙا ٻيا هنر سکن پيون ۽ آءٌ ان عمل جي مڪمل حمايت ڪيان ٿي. ڇاڪاڻ ته هن مرداڻي سماج ۾ هو جام سولائي سان جِي سگهنديون جيڪڏهن هو هر وک تي منهن ۾ پوندڙ ”مرداڻي حملي آوري“ خلاف پنهنجو پاڻ کي نٻل ڪمزور ۽ بي يارو مددگار نه سمجهنديون.

شخصیت

حیران کُن جارجین ، کامریڈ اسٹالن
محنت کش طبقے کا توانا اظہار

مشتاق علی شان



طبقاتی مبارزے کی تاریخ محنت کار انسانوں کی لازوال قربانیوں اور انتھک جدوجہد سے عبارت ہے ۔چشمِ تصور سے دیکھو تو طبقاتی جدوجہد کی ان رزم گاہوں میں کبھی روما کا منظر ابھرتا ہے جہاں سپارٹیکس جیسا انقلابی مسلح غلاموں کی قیادت کرتا ہواآقاؤں کے خلاف علمِ بغاوت بلند کرتا ہے اور اس کی پاداش میں مصلوب کر دیا جاتا ہے۔ایران کی سرزمین پر مزدک جیسا شعلہ نفس انقلابی مساوات کے گیت گاتا ہوا جاگیروں کے مالکان ،امرائے دربار اور زرتشتی کاہنوں کے خلاف بغاوت اور جدوجہد کا پھریرا لہراتا ہے اور قابلِ گردن زدنی ٹھہرتا ہے۔سندھ کے کھیتوں اور کھلیانوں میں جب طبقاتی مبارزے کا میدان سجتا ہے تو صوفی شاہ عنایت کا نعرہ ’’جو بوئے گا وہ کھائے گا‘‘ خستہ تنوں میں ایک نئی روح پھونک دیتا ہے ۔شاہ عنایت اپنے لہو میں نہا کر امر ہوجاتے ہیں مگر طبقات کے درمیان ناقابلِ مصالحت مبارزہ ختم نہیں ہو جاتا ۔سپارٹیکس ازم زندہ رہتا ہے ،مزدکیت فنا کی گود میں ہمیشہ کے لیے سو نہیں جاتی ،شاہ عنایت کی تعلیمات کا سرخ سورج بجھ نہیں جاتا ۔اس لیے کہ طبقات باقی ہیں، استحصال کرنے والے اور اسکا شکار ہونے والے باقی ہیں اور جب تک یہ تضاد باقی ہے طبقاتی مبارزہ اٹل وناگزیرہے ۔

تاریخ کا پہیہ اپنے پیچھے خونی نشانات چھوڑتے ہوئے آگے چلتا ہے، غلام داری سے جاگیرداری اور پھر سرمایہ داری کا عہدِ ظلمات آتا ہے۔ سرمائے کے اسی تاریک دور میں انسانیت کے سب سے روشن اور اُجلے دماغ مارکس اور اینگلز سائنٹفک سوشلزم کی روشنی بکھیرتے ہیں ۔طبقاتی جدوجہد ایک نئے مرحلے میں داخل ہوتی ہے جس کی منزل پرولتاری آمریت ہے۔ انیسویں صدی کی ساتویں دہائی کے آغاز میں پیرس کے بہادر مزدور پیرس کے قلب میں انقلاب برپا کرتے ہیں جسے خاک و خون میں نہلا دیا جاتا ہے ۔اسی صدی کی آٹھویں دہائی میں شکاگو کے محنت کش اپنے لہو کا لالہ زار پرچم بلند کرتے ہیں ۔ محنت کشوں کے لہو میں بھیگا ہوا انیسویں صدی کا سورج ڈوب جاتا ہے اور بیسویں صدی کا کا سورج سرخ اُمیدوں کے ساتھ طلوع ہوتا ہے۔ طبقاتی مبارزے کا نیا میدان روس میں سجتا ہے جس کی راہنمائی محنت کشوں کے عظیم استاد کامریڈ ولا دی میر ایلچ لینن کر رہے ہیں۔ اسی روس کی سرزمین پر طبقاتی مبارزے کی تاریخ میں محنت کش طبقے کے سب سے طاقتور اور توانا اظہار کامریڈ جوزف اسٹالین کا جنم ہوتا ہے۔ایک ایسا مزدور زادہ جو مارکس، اینگلز اور لینن کی انقلابی تعلیمات سے لیس ہو کر دنیا کے پہلے پرولتاری انقلاب میں کلیدی کردار ادا کرتا ہے اور اسے عظمتوں کی رفعت تک پہنچا کر دم لیتا ہے۔ جو عالمی کمیونسٹ تحریک کا معلم و معمار ہے ،جس کے جلال سے دنیا بھر کی سرمایہ دار حکومتوں کے تخت وتاج لرزیدہ رہے اور اس نے جو کہا وہ کر گزرا ۔اس کی جدوجہد نصف صدی سے زیادہ کے

عرصے پر محیط ہے جس میں سوویت یونین کے کامیاب دفاع اور اسکی تعمیر وترقی سے لیکر نازی ازم کو تہہ تیغ کر دینا تک شامل ہے ۔جس کی سعی پیہم کے نتیجے میں چین،کوریا، ویتنام، رومانیہ، بلغاریہ، البانیہ، پولینڈ، یوگوسلاویہ،چیک سلواکیہ ،ہنگری اور مشرقی جرمنی وغیرہ میں اشتراکیت کا سرخ سویرا طلوع ہوتا ہے ۔

آئیے محنت کش طبقے میں جنم لینے والے اس عظیم بالشویک راہنما کی حیات وجہد پر نظر ڈالیں جو طبقاتی مبارزے کی بھٹی سے کندن بنکر نکلا اور اس نے ایک عالَم کو متاثر کیا۔

کامریڈ جوزف اسٹالن

21دسمبر1879کو روس کے شہر گوری میں پیدا ہوئے جو کہ صوبہ طفلس میں واقع ہے۔ انکے والد ویساریان آئی واناوچ جگاشولی کا تعلق جارجیا کے ایک کسان خاندان سے تھا جبکہ وہ خود پیشے کے لحاظ سے موچی تھے۔ وہ 1875کو گوری منتقل ہوئے اور یہاں جوتے بنانے کی ایک فیکٹری میں بطور مزدور کام کرنے لگے۔ اسٹالن کے دادا جارجیا کے گاؤں میں جاگیرداروں کی غلامی کے خلاف جدوجہد کرتے ہوئے شہید ہوئے تھے ۔یوں تاتاری کسانوں کا روایتی، جوش ،ولولہ اور ہمت و بہادری انھیں ورثے میں ملی تھی۔ ان کی والدہ ایکاٹرینا گیارگونا کا تعلق بھی ایک کسان گھرانے سے تھا ۔اسٹالن سے قبل ان کے ہاں تین بچے پیدا ہوئے جو کہ بچپن ہی میں وفات پا گئے تھے ۔گوری میں واقع تیل کے ذخائر کے قریب مزدوروں کی ایک بستی کے تنگ و تاریک اور بوسیدہ کرائے کے مکان میں پیدا ہونے والے اس بچے کا نام'' جوزف ویساریانووچ جگاشولی'' رکھا گیا۔ جو بعد ازاں دنیا بھر میں جوزف اسٹالن کے نام سے معروف ہوا۔

اُس نے ایک ایسے ماحول میں پرورش پائی جہاں چاروں طرف بھوک و افلاس اور بیماری ولاچاری رقص زن تھی۔زار شاہی کے روس کا چپہ چپہ محنت کشوں کی بدحالی وتباہی کا مظہر تھااور اس کی فضائیں مزدور کسانوں کی دلخراش آہوں اور سسکیوں سے بوجھل تھیں ۔اس کے چاروں طرف مدقوق جسموں اور زرد چہروں کا سمندر تھا جن کے لہو سے جاگیر داروں اور سرمایہ داروں کے لیے بہاریں کشید ہوتی تھیں ۔یہ سارے مناظر ننھے جوگاشولی کے ذہن پر ہمیشہ کے لیے ثبت ہوگئے۔ وہ اسے عمر بھر اپنے حافظے سے تو نہ کھرچ سکا البتہ اس نظام کو روس میں بیخ وبن سے اکھاڑ پھینکا ۔

اس زمانے کے روس میں زار کو ظلِ الٰہی سمجھنے والے پادریوں کا طوطی بولتا تھا ۔ غریب والدین نے1888میں 9سال کی عمر میں اسے پادری بنانے کے لیے گوری کے مشن ہائی اسکول میں داخل کر دیا۔وہ ابھی 11سال کا تھا کہ اسکے والد کی وفات ہو گئی اور محنت کش ماں نے لوگوں کے کپڑے اور برتن دھو کر اس کی پرورش اور تعلیم کا سلسلہ جاری رکھاتاکہ اسے پادری بنا سکے۔لیکن اسکے کاندھے صلیب کا بوجھ اُٹھانے کے لیے نہیں بنے تھے بلکہ اس کے افق پر محنت کشوں کا بوجھ تھا۔ کون جانتا تھا کہ اسے مذہبی مابعدالطبعیات کا نہیں بلکہ جدلیات کا عالم بننا ہے۔یہی علم آگے چل کر اس11سالہ یتیم بچے کو دنیا بھر کے کروڑوں محنت کشوں کا شفیق استاد بنانے والاتھااور اس کے عزم وحوصلے اور قربانیوں کی بدولت کروڑوں انسانوں کی زندگیوں میں اُجالا پھیلنا تھا۔

1894میں مشن اسکول سے فارغ ہونے کے بعد وہ طفلس کے ایک مذہبی کالج ''آرتھا ڈاکسی سیمی ناری''میں داخل

ہوئے ۔مروجہ نظام سے اپنی نفرت کو سینے میں بسائے ہوئے اس پندرہ سالہ نوجوان کا شمار جلد ہی کالج کے ذہین ترین طلباء میں ہونے لگا جو غیر معمولی یاداشت کا مالک تھا اور ہر کلاس میں پوزیشن حاصل کرنا اس کا طرہ امتیاز تھا ۔اسے مطالعے کا بے پناہ شوق تھا ،اسے جیب خرچ کے لیے جو تھوڑی بہت رقم ملتی تھی وہ دیگر ضروریات کا گلا گھونٹ کر اس سے لائبریری سے کتابیں کرائے پر حاصل کرتا تھا۔ اسی مطالعے کی عادت نے اسے روس سمیت یورپ کے معروف لکھاریوں کی تحریروں سے روشناس کیا ۔چارلس ڈارون نے اسے مذہبی افسانوں سے ہمیشہ کے لیے برگشتہ کر دیا اور پادریوں کے وعظ دھرے کے دھرے رہ گئے۔

اس زمانے میں یہ کالج زار شاہی سے بیزاربھانت بھانت کے انقلابی نوجوانوں کے حلقوں سے بھرا ہوا تھا ایسے ہی ایک مارکسی حلقے کی توسط سے اس نے روس میں ممنوعہ مارکسی لٹریچر کا مطالعہ شروع کیا۔دنیا بھر میں زلزال برپا کر دینے والی کتابوں''داس کیپٹل'' اور ''کمیونسٹ مینی فیسٹو'' نے اس کے ذہن وقلب میں انقلاب کے شرارے بھر دیئے۔اسکے علاوہ اس نے تاریخ عالم کا بھی گہرا مطالعہ کیا ۔ممنوعہ کتابوں کے مطالعے کی پاداش میں اسے کالج انتظامیہ کی جانب سے کئ بار سزائیں بھی ہوئیں مگر اس نے خود کو انقلابی کام کے لیے وقف کر دیا تھا۔اب اس نے کالج میں ترقی پسند اور انقلابی نوجوانوں کو منظم کرنا شروع کیا اور جلد ہی کہیں مطالعاتی حلقے(اسٹڈی سرکل) تشکیل دیئے جبکہ کالج سے باہر انقلابی تحریک سے اس کا مضبوط رابطہ تھا۔1898میں جب''روسی سوشل ڈیمو کریٹک لیبر پارٹی'' کا قیام عمل میں آیا تو اسٹالن نے اس میں شمولیت اختیار کر لی۔اب اس کی سرگرمیاں محض کالج تک محدود نہیں رہیں بلکہ مزدوروں کے خفیہ جلسوں میں شرکت ،مزدوروں کے اسٹڈی سرکل لینا ،پمفلٹ اور اشتہارات سے لیکر ہڑتالیں اور مظاہرے منظم کرنا اسکے معمولات میں شامل تھا۔

1898کا سال تھا جب پارٹی کی ہدایت پر اس نے طفلس کے ریلوے ورکشاپ کے محنت کشوں میں کام شروع کیا ۔کامریڈ اسٹالن کے بقول طفلس کے یہی مزدور انکے اولین اساتذہ تھے۔ اپنی بے لوث خدمات کی بدولت جلد ہی ان کا شمار پارٹی کے سرکردہ راہنماؤں میں ہونے لگا اور انھیں پارٹی کی مجلسِ عاملہ کا رکن منتخب کر لیا گیا۔اس وقت ان کی عمر 19سال تھی اور وہ جارجین زبان میں انقلابی شاعری بھی کرتے تھے ۔حکومت اور کالج انتظامیہ سے ان کی انقلابی سرگرمیاں پوشیدہ نہ رہ سکیں چنانچہ 29مئی1899کو انھیں ایک اور انقلابی دوست کے ساتھ کالج سے نکال دیا گیا اوریوں وہ انقلابی سرگرمیوں کے لیے بالکل آزاد ہو گئے۔ اگلا ایک سال کامریڈ کی انتھک جدوجہد سے عبارت تھا جس میں انھوں نے مختلف شہروں اور حلقوں میں محنت کشوں کی تنظیم کے فرائض سر انجام دیئے ۔1900میں انھیں طفلس پارٹی کا صدر منتخب کر لیا گیا ۔یہ روس کی تاریخ کا ایک پرآشوب زمانہ تھا جس میں انقلابیوں کے خلاف زار شاہی کی وحشت اور بربریت اپنے عروج پر تھی اور قید وبند سے لیکر جلاوطنی اور پھانسیوں تک کا چلن عام تھا۔ لیکن ان مشکل اور دشوارحالات میں بھی انھوں نے انقلابی کام جاری رکھا۔

ان دنوں (1900)کامریڈ لینن سائبیریا کی جلاوطنی سے جرمنی پہنچے

تھے اور وہاں سے’’اسکرا‘‘(چنگاری) نامی پرچے کا اجراء کیا تھا ۔اسی پرچے میں اسٹالین کامریڈ لینن کی تحریروں سے روشناس ہوئے ۔اسی سال طفلس کے مضافات میں کامریڈ اسٹالن نے یومِ مئی کے موقع پر پہلی عوامی تقریر کرتے ہوئے اگلے سال طفلس کی شاہراؤں پر یومِ مئی منانے کا اعلان کیا ۔ 1901میں زار شاہی کی تمام تر پابندیوں اور جبر وتشدد کے باوجود کامریڈ اسٹالن کی راہنمائی میں طفلس کی شاہراؤں پر ہزاروں محنت کشوں نے یومِ مئی منایا ۔اس موقع پر پولیس کے ساتھ جھڑپوں میں 14مزدور زخمی جبکہ15 گرفتار ہوئے۔کامریڈ لینن نے ’’اسکرا‘‘ میں اس انقلابی نوجوان کی خدمات کو سرہاتے ہوئے یومِ مئی کے اس جلسے کو کاکیشیا میں تاریخی اہمیت کا واقعہ قرار دیا۔اس جلوس سے لرزہ براندام زار شاہی پولیس اسٹالن کو گرفتار کرنے میں ناکام رہی جس کے بعد اس پرعزم انقلابی نوجوان کی زیر زمین سرگرمیوں کا آغاز ہوتا ہے ۔ ستمبر1901میں کامریڈ اسٹالین اور ان کے ایک اور انقلابی رفیق ’’کیٹس خاولی‘‘ نے ’’بردزولا‘‘(جدوجہد) نامی اخبار کا اجراء کیا جو خفیہ طور پر شائع ہوکر تقسیم ہوتا تھا۔اس زمانے میں کاکیشیا کے تین علاقے طفلس، باکو اور باطوم مزدور تحریک کا مرکز بنے ہوئے تھے ۔نومبر1901میں پارٹی کی ہدایت پر کامریڈ اسٹالن باطوم کے مزدوروں میں انقلابی کام کرنے چلے گئے۔محنت کش طبقے میں جنم لینے والے اس انقلابی نے مارکس اوراینگلز کا علم بخوبی جذب کر لیا تھا لیکن وہ اپنی دانشوری کے خول کے اسیر نہیں تھے نہ ہی انھوں نے بورژوا اور پیٹی بورژوا طبقے کے دانشوروں کی طرح ’’دانشورانہ بیماریاں‘‘ پال رکھی تھیں بلکہ وہ علم ودانش کے ساتھ ساتھ میدانِ عمل کے بھی شہسوار تھے۔وہ ایک عملی انسان تھے اور یہ انقلابی علم ہی تھا جس نے انھیں ایک سیماب صفت انقلابی بنایا۔ایک بار میدانِ عمل میں قدم رکھ دینے کے بعد کامریڈ اسٹالن نے پلٹ کر نہیں دیکھا اور سرخ اُجالے بکھیرتے چلے گئے۔

